بسم الله الرحمان الرحيم

# نعره مستانه

## شيخ عبدالمجيد سنڌي

سنڌي ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

E-Book Voice of Sindh
editor@voiceofsindh.net
www.voiceofsindh.net

SNASoomro

# شيخ عبدالمجيد سنڌي ( عظيم شخصيت )

شيخ صاحب جهڙيون مقتدر ۽ نامور هستيون صدين کان پوءِ مشڪل سان پيدا ٿين ٿيون. اهي ملڪ ۽ قومون خوش نصيب آهن، جن ۾ ههڙا ماڻهو پيدا ٿين ٿا. سنڌن خداداد لياقتن مان پورو فائدو نه وٺڻ ۽ انهن جي خدمتن جي قدر شناسي نه ڪرڻ قومن کي عتاب جو مستحق بڻائي ٿو. حقيقت ۾ اهڙي بزرگ هستيءَ جي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ علحدي ڪتاب ۽ شبلي نعمانيءَ جهڙن عالمن جي قلم جي ضرورت آهي، هتي چند صفحن ۾ سندس زندگيءَ کي قلمبند ڪرڻ ڪمال بي ادبي آهي. ليڪن سندس مدح خوانن مان هڪ هئڻ جي حيثيت ۾، اها جرئت ۽ گستاخي ان لاءِ ڪري رهيو آهيان ته جيئن هن پنهنجي طويل بي مزي ۽ غير دلچسپ ڪهاڻيءَ کي پسنديده ۽ دلچسپ بڻايان. روز حساب تي هن فرض ناشناس قوم کي جنهن جي خدمتگارن جي زمري ۾ اسين سڀ داخل آهيون، انهيءَ ڪري سزاياب نه ڪج جو هنن ههڙن دوالي بند، فاقه ڪش ۽ بينظير قومي خدمتن جو قدر نه ڪري، سامراجين جي نيڪ پروردن فرعون صفت، خودمطلب ۽ جاهل فردن کي حاڪم ۽ اسلام جو علمبردار بڻايو. ۽ هڪ اهڙي اسلام جي شيدائيءَ جو قدر نه سڃاتو، جنهن پنهنجي ترقي يافته، شاهوڪار ۽ قدر شناس قوم کي خيرآباد چئي، پاڻ کي صرف حلقه غلامان مُحَمَّدﷺ ۾ ان لاءِ داخل ڪيو جو ان پسمانده ۽ مسڪين قوم کي خادمن جي گهڻي ضرورت هئي. آءُ شاهدي ٿو ڏيان ته، ڪي آهين، جي هن کي سڃاڻن به ٿا، ۽ قدر به ڪن ٿا. هي برصغير هند_ پاڪ ۾ غير معمولي صلاحيتن، سياسي قابليت ۽ ملڪي تدبر جو چوند فرد آهي. خدا سائين جي بارگاهه ۾ دعا آهي ته کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي، (آمين)

جي ايم سيد
”جنب گذاريم جن سين تان ورتل“

# نعره مستانه

## (ڪالمن جو مجموعو)

*

تحريڪ آزاديءَ جي عظيم رهنما، مدبر ۽ بلند پايي جي صحافي، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ”الوحيد“ اخبار ۾ ” نعره مستانه “ جي عنوان سان لکيل ڪالم eBook جي حيثيت ۾ حاضر آهن. آخري دفعي 1988 ۾ ” سنڌ پبلشرس “ پاران ڇاپيا ويا. ان ڪان پهريون اهو ڪتاب ” شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ “ طرفان ڇپرايو ويو هو.

شيخ صاحب جا ڪالم سنڌ جي ان وقت جي مڙني مسئلن تي بنا ڊپ ۽ ڊاءَ ۽ بنا رک رکاءَ جي لکيل آهن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي درد ۽ ڏک جو اندازو سندس هنن ڪالمن مان لڳائي سگهجي ٿو. بهرحال هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. اسان کي اميد آهي ته اوهان کي پسند ايندو.

ساٿ سلامت

# پيش لفظ

**نعره مستانه** سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت، سياستدان، صحافي ۽ برصغير جي آزاديءَ جي ممتاز اڳواڻ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تحرير جو نالو آهي، جو الوحيد جهڙي تحريڪ ساز اخبار ۾ شايع ٿيندو هو. شيخ صاحب الوحيد جو نه صرف ايڊيٽر، چيئرمن ۽ سچو روح روان هوندو هو بلڪ ائين چئجي ته ان دؤر ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي معنيٰ الوحيد ۽ الوحيد معنيٰ سنڌ هوندي هئي. الوحيد اخبار نه، پر هڪ تحريڪ ۽ ادارو هئي، جيڪا سنڌ جي سياست جو اهم حصو شمار ڪئي ويندي هئي. نعره مستانه جا ڪالم شيخ سنڌيءَ جن گهٽي ياڳي آزاديءَ کان پوءِ الوحيد ۾ سلسليوار لکڻ شروع ڪيا. جڏهن الوحيد وچ ۾ ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ته ان جي جاءِ تي روزانه " سنڌ " اخبار شروع ڪئي وئي. ان ۾ پڻ اهي ڪالم ڇپبا رهيا ۽ پوءِ وري الوحيد جي جاري ٿيڻ کان ويندي ان جي بيدرديءَ سان نيلام ٿيڻ تائين ان ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا هئا.

ان کان سواءِ ڪجهه ڪالم روزانه ڪاروان حيدرآباد، روزانه مهراڻ ۽ روزانه عبرت ۾ پڻ شايع ٿيا.

هتي اسان ڪوشش ڪري وڌ ۾ وڌ نعره مستانه جا ڪالم گڏ ڪري شايع ڪيا آهن.

نعره مستانه جا ڪالم گڏ ڪرڻ لاءِ پهرين دلچسپي اڳ ڪنهن زماني ۾ به ورتي ويئي هئي، پر اهي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ جي بجاءِ ڊمي جي صورت ۾ محدود رهيا. پلو ٿئي علي محمد راهوءَ جو جنهن شيخ صاحب جي زندگي ۾ نه صرف مهينن جا مهينا روزانو ملاقاتون ڪري شيخ صاحب جي زندگي تي ڪجهه مواد گڏ ڪيائين پر نعره مستانه جي ڪالمن واري اها اڻپوري ڊمي به محفوظ رکيائين جيڪا ان کان هٿ ڪئي وئي ۽ پيون ڪافي قسطون ميرپور بٺوري جي محمد موسيٰ ڪٽي واري مشهور لئبرري جي مالڪ غلام محمد جوهر وٽان هٿ ڪيون ويون ۽ ڪجهه قسطون سنڌ الاجيءَ مان پڻ مليون. ان لاءِ آئون ذاتي طور تي علي محمد راهو، غلام محمد جوهر ۽ اداري سنڌ الاجيءَ جو ٿورائتو آهيان.

ان کان علاوه آئون نامور اديب ۽ شاعر عبدالڪريم پلي جو جنهن هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ ۾ اتساهه ڏيارڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ پڻ ٿورائتو آهيان . ان کان سواءِ آئون پنهنجي ساٿي نياز پنهور جو خاص طور تي ٿورائتو آهيان، جنهن دلچسپي وٺي پروفن جي نظرداريءَ جو ڪم پنهنجي ٻلي ڪيو، ۽ سنڌ پبلشرس جي سيني ساٿين جو ۽ سنڌن معمول مطابق سهڪار جو پڻ ٿورائتو آهيان. نه ته وساري سگهان پرفيڪٽ پرنٽرس جي محمد عيسيٰ سومري کي جنهن بنا ليکي پئي ڪم جي پوئواري ڪئي آهي.

خان محمد پنهور

# ترتيب


- قوم جو حقيقي خزانو
- دل جو دولتمند
- حق جو پيڙو
- قلندرن جي چيخ
- زمانو بگڙجي ويو آهي
- عارفانه تلقين
- درد دل
- قلندر جي صدا
- روحاني رمز
- قلندرن جو خواب
- سنڌ جي نوجوانن کي سڏ
- روزي جو فلسفو
- قيامت
- سنڌ جو سهڻو سرندو
- قلندر جي سزا
- ڪک هينان لک
- مجاهد جو موت
- طالب علم
- عشق جي وادي
- سنڌ سڪار
- خدا سان شڪوو
- عزازيل زنده باد

- سنڌ جو سرڪاري نوڪر
- مستن جي محفل
- قلندري اسلام
- مهراڻ جون مائرون
- نعره مستانه
- چار وڏيرا

# قوم جو حقيقي خزانو

**قلندر** گوشہ نشين ٿي وڃن، دنيا کان دست بردار ٿي وڃن، پر جن پنهنجن ڪنن سان انهن جي آه زاري ٻڌي آهي، سي انهن کي ڳولي وڃي هٿ ڪندا آهن. تلهار جي متوالن اڄ مست قلندر کي ياد فرمايو آهي. خدا کارڻ محبت ڪرڻ وارا قيامت تائين موجود رهندا. الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ وارا اڄوڪي دؤر دجالي ۾ بہ موجود آهن.

باطل جو طلسم هماليہ جبل وانگر ناقابل تسخير هجي، يا آرڪٽڪ سمنڊ وانگر ناقابل عبور هجي، يا سنڌو دريا وانگر ناقابل اعتبار هجي، پر حق جي حمايت ڪرڻ وارن جي اڳيان اهو طلسم ٽٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پوندو آهي، سمنڊ بہ جاءِ ڏيڻ تي مجبور ٿيندو آهي ۽ دريا بہ هٽي دور ٿيندو آهي.

قلندرن جي آڏو جيڪو بہ ايندو سو پرزا پرزا ٿي ويندو. هو لوڪن ۾ لڪل بہ آهن ۽ ظاهر بہ آهن. هو خدا جي راز جا رازدار آهن، هو حڪومتن جون چاٻيون پنهنجي هٿن ۾ رکندڙ آهن.

انهن جي نزديڪ ظلم ڪفر آهي ۽ عدل اسلام آهي. اها آهي **معنيٰ** اسلامي نظام حڪومت جي.

جنهن قوم ۾ عدل آهي، امن آهي، خوشحالي آهي، تنهن قوم ۾ اسلامي نظام آهي، ۽ جنهن قوم ۾ ظلم آهي، بدامني آهي، ۽ مخلوق دکي آهي، تنهن قوم تي ڪفر جو تسلط آهي.

ڇا توکي نوشيروان عادل جو نالو ياد نہ آهي جنهن جي زماني ۾ پيدا ٿيڻ تي اسلام جي پيغمبر بہ پنهنجو فخر ظاهر ڪيو آهي؟ اسلامي نظام جي خزاني تي قومن قبضو ڪري ورتو آهي. ٻڌ! آءٌ توکي ٻڌايان تہ اهو ڪهڙو خزانو آهي؟

**اي سنڌ جا مسلمان!** غور سان ٻڌ!! مولا جي محبت ۾ مست رهڻ، هر وقت نيت صاف رکڻ ۽ توبه استغفار ۾ مشغول رهڻ، هنجي عبادت ۽ بندگيءَ ۾ سستي نہ ڪرڻ، ارادي جي پختگيءَ، مستقل مزاجي، حق جي حمايت ۽ باطل جي مخالفت، حق گوئي، حق رسي ۽ راست بازي، تحمل ۽ بردباري، همت ۽ حوصلہ، محنت ۽ مزدوري، فضيلت ۽ مروت، شجاعت ۽ مردانگي، خوش خلقي ۽ خوش ڪلامي، نوڙت ۽ نهٺائي، ايثار ۽ قرباني، بي ڊپائي ۽ بي ريائي، رحمدلي ۽ فياضي، علم ۽ هنر، عقل ۽ حڪومت، صفائي ۽ پاڪيزگي، مظلوم جي مدد ۽ ظالم جو مقابلو، يتيمن، بيواهن، بيڪسن ۽ مسڪينن جي مدد ۽ دستگيري، شرافت ۽ نيڪي، خدا جي مخلوق جي خدمت، اهي ۽ اهڙيون آهن صفتون جي نہ فقط افراد جو **سرمايو ۽ خزانو** آهن ۽ قومن جو بہ خزانو آهن. اسلام دنيا جي قومن ۽ مذهبن لاءِ رحمت ٿي آيو. اسلام پنهنجي جهنڊي هيٺ سيني کي امن ڏنو آهي.

مسجدون ۽ مندر، مڙهيون ۽ ديولون انجي جهنڊي هيٺ آباد ۽ آزاد رهيون آهن. اسلام پنهنجي پاڙيسرين لاءِ رحمت ۽ انسانيت جو نمونو آهي. اسلام پنهنجي دوستن لاءِ جان ڏني آهي. اسلام ۽ امن جي ساڳي **معنيٰ** آهي. اسلام خدا جي وحدانيت ۽ انسان ذات جي وحدت جو پيغام آندو آهي. مسلمان جتي بہ رهيو آهي، حق ۽ خدا ترسي، مظلوم جو مددگار ۽ انساني وحدت جو حامي ٿي رهيو آهي. ساري دنيا قلندرن جو گهر آهي. خدا جي محبت اسانجو لشڪر آهي. اسان اڪيلي سر جهان ۾ وڃي الله جو نُور پکيڙيو آهي ۽ محمدي پيغام پهچايو

آهي. دين ڌرم ۾ زوري زبردستي حرام آهي، بدڪاري حرام آهي، بداخلاقي حرام آهي. اسلام مذهبن جي مڪمل آزاديءَ جو اعلان ڪيو. انهن جي پيغمبرن ۽ پاڪ ڪتابن ۾ ايمان آڻايو. سيني جي مذهبي پيشوائن جي عزت ۽ احترام کي قائم ڪيو. زبردستيءَ سان ڪنهن غير مسلمان کي مسلمان ڪرڻ اهڙوئي ڏوهه ٺهرايو آهي جهڙو ڪنهن مسلمان کي زبردستيءَ سان ٻيو مذهب قبول ڪرائڻ. جهاد جو اعلان ڪرايو ته سيني مذهبن جا عبادتگاه سلامت ۽ محفوظ رهن. ۽ الله جي نزديڪ پيارو ۽ بزرگ ان کي ڪيو جو پرهيزگاريءَ ۾ زور آهي ۽ نيڪ ڪمن ۾ سڀ کان اڳرو آهي. اسلام جي پاڪ پيغمبر مذهبن جي وچ ۾ عداوتن، قومن جي وچ ۾ خونريزين، نسلن ۽ خاندان جي وچ ۾ تڪبرن کي مليا ميٽ ڪري الله جي بارگاهه ۾ سيني کي رجوع ڪيو جو مئي کان پوءِ فيصلو ڪندو ته ڪير حق تي آهي ۽ ڪير ناحق تي آهي. خدا جي رحمت عام آهي. تنهنڪري قلندرن جي درگاهه به عام آهي، انهن جو فيض به عام آهي. جو آيو سو اگهيو. پيغمبري دنيا امن جي دنيا آهي، برادري ۽ برابري جي دنيا آهي، محبت ۽ رواداريءَ جي دنيا آهي، آزادي ۽ انسانيت جي دنيا آهي، پر شيطان جي دنيا ۾ نه انسانيت آهي نه آزادي، نه برادري ۽ برابري، نه علم نه فضيلت، بلڪ چوطرف ظلم ۽ ستم، زور ۽ زبردستي، بدڪرداري ۽ بدامني، خوف ۽ حراس، رعيت آزاري ۽ رشوت خوري، بداخلاقي ۽ جهالت، چور مارڪيٽ ۽ بلئڪ مارڪيٽ، نالو اسلام جو ڪم شيطان جا، نالو خدا جو ڪم فرعون جا، نالو آزاديءَ جو ڪم غلاميءَ جا، نالو برادريءَ جو ڪم دشمن جا. اهي آهن آثار قيامت جا ۽ قومن جي بربادي جا. ظلم کي انصاف سمجهڻ، حيوانيت کي انسانيت سمجهڻ ، حرام کي حلال سمجهڻ، ناپاڪ کي پاڪ سمجهڻ، دشمن کي دوست سمجهڻ، خودپرستيءَ کي خداپرستي سمجهڻ، بداخلاقي کي اخلاق سمجهڻ، غلاميءَ کي آزادي سمجهڻ، ڪفر کي اسلام سمجهڻ، شرڪ کي وحدت سمجهڻ، نفاق کي اتفاق سمجهڻ، بربادي کي آبادي سمجهڻ، بي دين کي دينددار سمجهڻ. اي مسلمان! تو زندگيءَ جي معيارن ۽ اخلاق جي ڪسوٽين کي اونڌو ۽ ابتو ڪري ڇڏيو آهي. تون جلدي پنهنجي اصلاح ڪر، نه ته نابود ٿي ويندين.

قومن جو خزانو آهي علم ۽ هنر، سائنس ۽ ايجاد، نڪو ذهن ۽ عقل، دوراندیشي ۽ تدبير، وسعت نظري ۽ ڪشاده دلي، فراخ دستي ۽ فياضي، وقت جي پابندي ۽ محنت، خنده پيشاني ۽ خوش اخلاقي، قانون جي عزت ۽ نيڪ حڪم جي تابعداري، وطن ۽ قوم سان محبت، ايثار ۽ قرباني، خدا جي محبت ۽ خلق جي خدمت، صحيح استعداد ۽ قابليت، تندرست جسم ۽ تندرست جان، بلند خيالي ۽ عالي حوصلگي، قومي بهتري ۽ ترقيءَ جو ذوق ۽ شوق، صبر ۽ تحمل، سادگي ۽ صفائي، حق جي حمايت ۽ باطل جي مخالفت، امانت داري ۽ ديانت داري، عدل ۽ انصاف، سچائي ۽ بي ريائي، امن ۽ آزادي، مروت ۽ رواداري، عمديون رسمون ۽ عمدا قائدا، عمديون عمارتون ۽ عمدا رستا، غريب پروري ۽ غريب نوازي، لطافت ۽ ظرافت، شرافت ۽ شائستگي، شيرين گفتار ۽ نيڪ رفتار، حق شناسي ۽ مردم شناسي، ادب ۽ فضيلت، قناعت ۽ راحت، غور ۽ فڪر، حسن ۽ جمال، ارادن جي پختگي ۽ اصولن سان وابستگي، اهوئي آهي ڪنهن قوم جو حقيقي خزانو. جنهن قوم وٽ اهو خزانو آهي تنهن قوم وٽ اسلام آهي ۽ اسلامي نظام آهي.

*

SNASoomro

# دل جو دولتمند

**اي حرص ۽ هوس جا بندا!** تون صد تمنائون رکي مون وٽ اچين ٿو ۽ منهنجون حاضريون پرين ٿو. مون قلندر توکي هيتريون نصيحتون ڪيون پر توتي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. مون توکي ٻڌايو تہ دولت ۽ حڪومت مقصود باالذات نہ آهن پر ذريعو آهن الله جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ جو، برائين ۽ خرابين کي روڪڻ جو، عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو، دين ۽ ڌرم جي آزادي قائم ڪرڻ جو، امن امان قائم ڪرڻ جو، ظلم، فساد ۽ خونريزي کان پرهيز ڪرڻ جو، موليٰ جي محبت ۾ مشغول رهڻ جو. هاڻي غور سان ٻڌ تہ خدا حڪومت ۽ دولت ڪنهن کي ڏيندو آهي؟ خدا دنياوي خزانو ان قوم کي ڏيندو آهي جا پنهنجي خزاني کي الله جي مخلوق جي فائدي تي خرچ ڪندي آهي، جا لتائيندي آهي پنهنجو خزانو الله جي نالي ۾. مسلم قوم خدا کي وساري ڇڏيو آهي، خدا جي دين کي وساري ڇڏيو آهي، خدا جي مخلوق کي وساري ڇڏيو آهي. نہ خدا جي حڪم موجب ورثو ڏين، نہ خدا جي حڪم موجب زڪوات ڏين، نہ اسلام جي حڪم موجب قومي ڪمن تي خرچ ڪن.

## اسلامي نظام حڪومت جي معنيٰ

خدا کي پنهنجي مخلوق پياري آهي خواه انهن جو مذهب ڪهڙو بہ هجي. ڇا تون ٿتو ڏسين تہ خدا پنهنجي زمين ۽ پنهنجو آسمان سيني لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ ڇا تون ٿتو ڏسين تہ سج، چنڊ، تارا، بارش ۽ هوائون سيني لاءِ هڪ جهڙيون آهن؟ ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ هن پاڻ کي **رب العالمين** سڏيو آهي؟ ڇا تون سمجهين ٿو تہ تون هڪ مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿيو آهين ۽ تو پنهنجو نالو مسلماني رکيو آهي تنهنڪري تون خاص نعمتن جو مستحق آهين ۽ ٻيا سزا جا مستحق آهن، ڇاڪاڻ تہ هو ڪنهن مسلمان جي گهر ۾ پيدا نہ ٿيا آهن؟ اهي عقيدا رکي تون پاڻ کي پيو خوش ڪر. اسان قلندر دنيا جون حڪومتون ۽ دنيا جون دولتون بدڪارن کان کسي نيڪوڪارن کي ڏياريندا آهيون خواه انهن جو مذهب ڪهڙو بہ هجي، خواه هو ڪنهن مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿين يا غير مسلمان جي گهر ۾. خدا وٽ سيني لاءِ درجا آهن. سندن عملن موجب ۽ سندن نيتن موجب، نہ فقط هن جهان ۾ پر پرئين جهان ۾ بہ. جنهن خدا جي وحدانيت کي قبول ڪيو، پيغمبرن تي ايمان آندو، آخرت کي بہ قبوليو ۽ وڏي ڳالهہ تہ نيڪ ڪم ڪيا سي سچا ۽ پڪا ايماندار آهن، خواه ڪنهن جي بہ گهر ۾ پيدا ٿين، خواه ڪهڙا بہ نالا رکن. خدا جو تعلق نيتن سان آهي، عقيدن سان آهي، عملن سان آهي. عملن ۾ وڏو عمل آهي پنهنجو خزانو خدا جي مخلوق تي خرچ ڪرڻ. تون پنهنجي قوم جي ٻين قومن سان ڀيٽ ڪري ڏس. پوءِ فيصلو ڏي تہ خدا پنهنجي دولت ڪنهن کي ڏئي ۽ ڪنهن کي نہ ڏئي.

## دولتمندن کي خطاب

ٻڌاءِ اي دولت جا بيڪاري! تو پنهنجي دولت ڪهڙي طرح خرچ ڪئي آهي؟ تنهنجي قوم جا ٩٥ سيڪڙو مرد ۽ زالون جاهل آهن، مسڪين ۽ مقروض آهن، ڪا يونيورسٽي ناهي اٿئي، ڪو ڪاليج ڪوليو اٿئي، ڪيترا اسڪول قائم ڪيا اٿئي، ڪيترا مدرسا قائم ڪيا اٿئي؟ ڪٿي آهن يتيم خانا، ڪير تو بيواهن جي امداد ڪري، ڪو بيوه گهر، ڪو ويم گهر، ڪا اسپتال، ڪو مسافر خانو، ڪا مسجد، ڪو بورڊنگ هائوس، ڪو ڪتبخانو، ڪو جماعت خانو، ڪو ميٽنگ هال، ڪو عام تفريح گاهه ڪا تبليغ دين جي، ڪا تجارت قوم لاءِ، ڪو هنري اسڪول، ڪو ورزش جو انتظام، ڪو تعليمي ادارو، ڪا قوم جي اصلاح، ڪو اخلاقي سڌارو، ڪو زڪوات جو انتظام، ڪا خيرات جي تنظيم، ڪا فئڪٽري، ڪو ڪارخانو، ڪا قرض حسنہ جي بئنڪ، ڪو زائرين بيت الله لاءِ حڪومتي بندوبست، ڪا زائرين لاءِ جهازران ڪمپني يا ڪا هوائي سروس، ڪو اپاهج ماڻهن ۽ حيوانن جي پاڻي پيارڻ جو بندوبست، ڪو بيروزگارن لاءِ انتظام، ڪا قيدين جي خدمت ۽ سڌارو، ڪا علم جي اشاعت ۽ مفت ڪتابن جي طباعت، ڌارين ملڪن ۾ علم ۽ هنر ۽ سائنس سکڻ لاءِ امداد، غريب شاگردن لاءِ وظيفا، ڪا علمي محفل ۽ مجلس، روز افزون گناهن کي روڪڻ لاءِ ڪا سوسائٽي، ستايل ۽ مظلومن لاءِ ڪا قانوني امداد، ڪو انڌن ۽ اپاهجن لاءِ آرام گهر، ڪو لاوارثن جو وسيلو ۽ حيلو. آخر قوم جي اميرن ۽ دولتمندن هن وقت تائين ڇا ڪيو آهي، جو تون بہ انهن ۾ داخل ٿيڻ تو گهرين!

دنيا جي آخرين پيغمبر اهڙي خيرات جو حڪم ڪيو آهي جنهن جو فيض سدائين جاري رهي ۽ جنهن جو فائدو انسان ۽ حيوان سدائين حاصل ڪندو رهي. پر تنهنجي قوم جا ڪروڙپتي ۽ لک پتي ڇا ڪري رهيا آهن، انهن جا خزانا وقف آهن ، عياشين، راڳن ۽ ناچن ۽ پنهنجي اولاد لاءِ، انهن جي صحبت ڪان پري ٿي. انهن جي چار ۾ پاڻ کي نہ ڦاساءِ، تون روحانيت جي عالم ۾ اچ. ان جا خزانا لازوال آهن ۽ ڪڏهن بہ فنا ٿيڻ وارا نہ آهن. جنهن خزاني پٺيان چور ۽ ڌاڙيل لڳل آهن ۽ تنهنجي جان ۽ ايمان کي خطرو ۽ جنهن خزاني تان دنيا جي قومن جي وچ ۾ قتل ۽ خونريزي ٿيندي رهي ٿي، سو پائرن ۽ پيرن، مائن ۽ پٽن جي وچ ۾ جنگ ٿيندي رهي ٿي. سو الله جي نالي ۾ تقسيم ڪري ڇڏ. جڏهن ائين ڪندين تڏهن تون بہ امن ۾ رهندين ۽ قومون بہ امن ۾ رهنديون، خواه حڪومت جون واڳون ڪنهن جي بہ هٿن ۾ هجن. دل جو دولتمند حقيقي دولتمند آهي خواه بئنڪ ۾ بقايا بہ نہ هجيس. پر دل جو بخيل سدائين بکيو ۽ ڏکيو ۽ ڪنگال آهي، جتوڻيڪ بئنڪ ۾ هنجي ڪروڙن مٿان پيا ڪٽ چڙهن.

*

# حق جو ٻيڙو

## مذهب ۾ زوري ڪانهي

اي فرزند! تون قومن ۽ مذهبن جي تڪرارن ۾ ڪاهي پيو آهين. پر توکي معلوم نه آهي ته انهن تڪرارن کي رفع ۽ دفع ڪرڻ واسطي **خدا تعاليٰ** دنيا ۾ هزارين پيغمبر موڪلي چڪو آهي، جن ۾ سڀ کان پويون پيغمبر **مُحَمَّد** رسول الله صلي الله عليہ وسلم آهي. جيڪڏهن تون مذهبي ۽ قومي فسادن ۾ پاڻ کي مبتلا ڪندين ته پوءِ چئو ته تو پيغمبر جي تعليم جي ڪا قدر شناسي نه ڪئي. انهن جي صدقي دنيا ۾ مذهبي آزادي قائم آهي. اهي ئي آهن جن خدا جو پيغام پهچايو ته دين ڌرم ۾ ڪابہ زور زبردستي نه ڪرڻ گهرجي. اهي ئي آهن جن الله جي نالي ۾ اعلان ڪيو ته توهانجو دين توهان کي مبارڪ، اسانجو دين اسانکي مبارڪ. اهي ئي آهن جن مذهبي آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪري چيو ته هر قوم جي هدايت لاءِ هادي موجود آهي، هر قوم کي پنهنجو قبلو، پنهنجي شريعت ۽ پنهنجي بندگيءَ جو جدا طريقو آهي، ۽ خدا جي نزديڪ بهتر اهو آهي جنهن جا ڪم بهتر آهن. ۽ اي خدا جا بندؤ! جنت جا سيئي دروازا سيني نيڪي ڪرڻ وارن لاءِ ۽ الله جي بندگي ڪرڻ وارن لاءِ هڪجهڙو کليل آهن. جنت ڪنهن خاص مذهب جي نالي وٺڻ وارن لاءِ وقف نه آهي. پر اهو خاص انعام آهي پنهنجي عادل ۽ عامل بندن لاءِ. خدا پيغمبر موڪليا آهن انسان کي انسان بنائڻ لاءِ. بهترين انسان اهو آهي جو انسان ذات جي سڀ کان وڏي ۽ گهڻي خدمت ڪندڙ آهي ۽ انهن کي فائدو پهچائيندڙ آهي. هر انسان جو وجود انسانيت جي جذبن سان پرپور آهي. پر غلط مذهبي ۽ نسلي تعصب جي پردن هيٺ اهي جذبات ڪڏهن ڪڏهن لڪي ويندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انسان حيوان ۽ شيطان کان بہ بدتر ٿي پوندو آهي.

## شيطان جو زور

شيطان جو چؤطرف زور آهي. بي گناه مردن، زالن ۽ ٻارن کي قتل ڪرڻ، ملڪيتن کي باهيون ڏيڻ، زور زبردستيءَ سان دين ڌرم ڦيرائڻ، بيوس زالن جي عصمت دري ڪري سندن لڄ لٽڻ، پيڻ جو پاڻي ۽ کائڻ جو اناج برباد ڪرڻ، بستين جو بستيون ويران ۽ برباد ڪرڻ، لکن ماڻهن کي دربدر ڪرڻ، خدا جي مخلوق ۾ نفرت ۽ حقارت پکيڙڻ، خالق جي بدران انسان ۾ مخلوق جو خوف پيدا ڪرڻ، قومن جي وچ ۾ هميشه جون دشمنيون ۽ جنگيون پيدا ۽ برپا ڪرڻ، تهذيب ۽ اخلاق جو خون ڪرڻ، انسانيت کي ذات پات ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، پاڙيسريءَ کي پاڙيسريءَ کان جدا ڪرڻ، بي دينن ۽ حرام خورن کي قومن جو پٽيل ۽ پيشوا ڪرڻ، اتحاد کي ظلم ۽ نفاق کي انصاف سڏڻ، بلئڪ مارڪيٽون قائم ڪرڻ، حرام جا ٽَڪا ڳڏ ڪرڻ، رشوتون کائڻ ۽ کارائڻ، ٺڳيون ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ عام اڳواڻن جو شيوه ٿي پيو آهي. پر مان الله کانسواءِ ڪنهن کان بہ ڊڄڻ وارو نه آهيان. مونکي نه ائٽم بم جي پرواه آهي نه توبن ۽ توبخانن جي. مونکي نه وڏن

لشڪرن جو ڊپ آهي نہ وڏن تعدادن جو، آئون دنيا ۾ خدا جو خليفو آهيان. روح منهنجي هستي جو راز آهي ۽ روحانيت منهنجي طاقت آهي. مون ۾ ايمان آهي، اخلاق آهي ۽ محمدي محبت آهي. آئون تن تنها قيصرن ۽ ڪسرائن جي درٻارن ۾ زلزلو وجهي سگهان ٿو. مون ۾ جو خوف ۽ هراس پيدا ڪري ٿو سو منهنجو دشمن آهي، نہ دوست آهي. مون ۾ جو نفرت ۽ حقارت پيدا ڪري ٿو سو انسانيت جو دشمن آهي. مونکي تاجدارن ۽ تعداد جي لشڪرن کان ڇو ڊيڄاريو وڃي ٿو، منهنجو محمدي نعره هفت اقليم ۽ هفت آسمان ۾ پنهنجو سڪو ڄمائي چڪو آهي. تاج ۽ تخت منهنجي پيرن هيٺان آهن، سڀ سرداريون ۽ نوابيون ۽ اميريون ۽ دولتون زمين دوز ٿي وينديون ۽ خاڪ ۾ ملي وينديون. پر منهنجي الله جو نالو ۽ الله وارن جو نالو سدائين قائم ۽ دائم آهي.

منهنجي خدا فيصلو ڪيو آهي تہ دنيا ۽ آخرت ۾ سڀ کان حساب وٺندو. وڃو، اٿو، ٻاهر نڪرو، دنيا جو سير ڪري ڏسي اچو تہ جن دنيا کي ڦري ۽ لٽي شهر وسايا هوا ۽ محل اڏايا هوا تن جو اڄ ڪهڙو حال آهي، جي سلطنتن جا مالڪ هوا تن جا اڄ خزانا خالي ٿي ويا آهن، جي رشوت خور ۽ حرام خور ۽ خدا جي خلق کي ڦري امانت ۾ خيانت ڪري رهيا آهن تن سيني جو ساڳيو حال ٿيو آهي ۽ ٿيڻ وارو آهي، دنيا ۾ باطل کي هرگز جٽاءُ ۽ دوام نہ آهي، باطل لڏندو آهي ۽ ڪڏندو آهي پر نيٺ ٻڏندو آهي. پر حق جو ٻيڙو لڏي لڏي وڃي پار پوندو آهي. تون حق پرست ٿي ۽ حق جو حامي ٿي، تون مون وانگر خاڪ ۾ رهڻ قبول ڪر پر حرام کي ويجهو نہ وڃ ۽ امانت ۾ خيانت نہ ڪر ۽ انسان ذات جي وچ ۾ عداوتن پيدا ڪرڻ کان پرهيز ڪر.

*

# قلندرن جي چيخ

## هوش سان ٻڌ!

قلندرن جي چيخ ۽ پڪار سمجهڻ لاءِ ڪنهن گردي ۽ جگر واري ماڻهوءَ جي ضرورت آهي. اسان دنيا کان بيزار ٿي دنيا کان پاسو ڪيو آهي. جڏهن دنيا جي مسلم ۽ غير مسلم قومن تي شيطاني قوتن پنهنجو تسلط قائم ڪيو هجي، تڏهن ڪهڙو درد دل وارو هوندو جو مدهوش ۽ مست نه ٿي پوندو. اسان جهان ۾ ڪفر ۽ شرڪ، فسق ۽ فجور، ظلم ۽ ستم، منافقي ۽ جهالت، بد اخلاقي ۽ بي ايماني، دک ۽ درد ڏسي سهي ٿا سگهون، تڏهن آباديون ڇڏي رڻ پٽن ۾ رلندا ۽ بستيون ڇڏي جبلن جي غارن ۾ لڪندا وتون ٿا.
جهڙي ريت خدا جي نظر، تهڙي طرح قلندرن جي نظر خلق جي قلبن ۽ نيتن تي رهندي آهي ۽ نه انهن جي صورتن تي. توکي محمدي حقيقت جي ڪهڙي خبر؟ تون پنهنجي تنگ نظري ۽ جهالت جو شڪار آهين. جو قيامت تائين خدا جي سموري مخلوق جو هادي آهي تنهن کي تو رڳو پنهنجو هادي سمجهين ٿو ۽ سو به زباني طرح نه عملي طرح. خدا جي نزديڪ اهو ماڻهو ڪذاب ۽ دروغ گو آهي جو پنهنجي زباني دعويٰ کي عمل جي دليل سان ثابت نه ٿو ڪري. نبوت ختم ٿي چڪي، قومن کي قيامت تائين هدايت جو پيغام ملي چڪو. جيڪو به هدايت جي رستي تي هلندو سو ضرور ڪامياب ٿيندو. ۽ جيڪڏهن نه هلندو ته هرگز ڪامياب نه ٿيندو خواه هڪ پيرو نه پر سؤ پيرا اسلام زنده باد جا نعرا هڻندو هجي. خدا جي رحمت عام آهي، خدا جا قاعدا فطرت جا ازلي ۽ ابدي قاعدا آهن ۽ عالمگير قاعدا آهن ۽ هرگز تبديل ٿيڻ وارا نه آهن.
خدا انسان کي اشرف الملوقات جو درجو ڏنو آهي. ۽ آدم جي اولاد کي بزرگي عطا ڪئي آهي. ساري ڪائنات تي قبضو ڏنو آهي. جهڙي ريت آفتاب جي روشني مان تهڙي ريت هدايت جي نُور مان هر انسان هر قوم فائدو حاصل ڪري سگهي ٿي. تون جيڪڏهن دنيا جي ٻين قومن کان نيڪي جي ڪمن ۾ سبقت نه ڪندين ته تنهنجي مسلمان سڏائڻ جي خدا کي ڪا پرواهه ڪانهي.

## دؤر محمدي

هي دؤر محمدي آهي. دنيا جي نظام قائم ڪرڻ لاءِ ازلي ۽ ابدي اصولن جو اعلان ٿي ويو آهي. اهي ئي قومون سرسبز ۽ آباد رهنديون جي انهن اصولن تي عمل ڪنديون. جيڪڏهن ڪا قوم ذليل ۽ خوار آهي ته توهان يقين ڪريو ته ان اسلام جي ڪن اصولن کان بغاوت ڪئي آهي. اهو عام قاعدو آهي جو مسلم ۽ غيرمسلم سڏائيندڙ قومن سان هڪ جهڙو لاڳو آهي. مسلمان اهو آهي جو اسلام جي اصولن تي هلندڙ آهي خواه هو ڪهڙي به ملڪ ۾ ۽ ڪهڙي به قوم جو فرزند هجي. جا قوم جيتري قدر اسلام جي اصولن تي عمل ڪندي اها اوتري قدر مسلمان آهي. خواه پيدائش جي لحاظ کان ڪهڙي به ملڪ ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ هجي. سڀ انسان پيدائشي مسلمان آهن. پر عمل ۾ فقط اهي جزوي يا ڪلي اوتري قدر

مسلمان آهن جيتري قدر اهي اسلام جي اصولن تي دانسته يا نادانسته عمل ڪندا خواه انهن کي ڪو مسلمان ڪري سڏي يا نه سڏي.
اڙي مدعي! تنهنجي باطل دعويٰ، دليل ۽ برهان کان سواءِ بي سود آهي. خداوندي معيار نرالا آهن. خدا جا راز پوشيده آهن خود خدا فيصلو ڏيڻ وارو آهي ته ڪير حق تي آهي ۽ ڪير ناحق تي آهي. ڪير مسلمان آهي ۽ ڪير ڪافر آهي. تون پنهنجو عمل درست ڪر ۽ خدا ۾ اميد رک . هنجي رحمت کان مايوس نه ٿيءُ. دعا ڪندو رهه ته تون جڏهن مرين، تڏهن مسلمان ٿي مرين.

# اسلام جا قومي اڳواڻ

اسلام جي گذريل تاريخ تي هڪ سرسري نظر ڊوڙايو ۽ ڏسو ته مسلم قوم ڪهڙن صاحبن جي امامت قبول ڪئي آهي. حڪومت جون چاپيون هميشه درويشن جي هٿن ۾ رهنديون هيون. غوث ۽ اولياءَ، درويش ۽ ابدال، امام ۽ عالم، غازي ۽ مجاهد، عابد ۽ زاهد، پرهيزگار ۽ تهجدگذار، مهذب ۽ بااخلاق، تدبر ۽ عادل، بهادر ۽ شجاع، رحمدل ۽ باسنما، ساده لباس پر عالي خيال، همدرد ۽ غريب پرور، شريعت جا پاسبان ۽ عامل، يتيمن جا يار ۽ بيواهن جا مددگار، برائين کان بيزار ۽ نيڪوڪار، وڏي ۽ ننڍي سان بغلگير ٿي ملڻ وارا، اسلام جا شيدائي ۽ آزاديءَ جا پروانا، اخلاص ۽ عزم ۾ راسخ، انسان ذات جا خيرخواه ۽ ستم رسيدن جا ساٿي، سلطانن ۽ اميرن کان لاطمع ۽ بي خوف، خدا کان سواءِ ڪنهن به مخلوق کان نه ڊڄڻ وارا، انهن جون عام درٻارون ۽ عام ملاقاتون، اهي هوا مسلم قوم جا اڳوڻا اڳواڻ ۽ امام. ۽ اڄوڪا به ڏسو مسلم قوم جا اڳواڻ. ڀيٽ ڪرڻ سان فرق معلوم ٿي ويندو اڳوڻن ۽ اڄوڪن جي وچ ۾.

# غدارن جوراڄ

منهنجو سڄو جسم زخمن سان چوران چور آهي. منهنجو سمورو سينو دردن ۽ ڏکن سان ڀرپور آهي. ڪير آهي جو قتيل دل جا ڦٽ ڏسي سگهي ٿو؟ جو اسلام کان غدار آهي سو قوم جو سردار آهي، دين محمدؐ جو دشمن آهي سو مسلم قوم جو دوست آهي، جو رعيت آزاد ۽ رشوت خور آهي سو مسلم قوم جو دلدار آهي، جو چور بازار ۾ واپار ڪري ٿوسو مسلم قوم ۾ مقبول پوي ٿو، جو ڏڪار لاءِ جوابدار آهي سو قوم جو يار آهي، جو مجاهدن لاءِ مصيبت آهي سو قوم لاءِ وڏي نعمت آهي، جو ستمگر ۽ ظالم آهي سو قوم وٽ مرد ڪامل آهي، جو فسادن جو حامي آهي سو قوم جو جاني آهي، جو لکين دليون آزاري ٿو سو قوم وٽ عزت پائي ٿو. اهو آهي منهنجي قوم وٽ معيار پنهنجي اڳواڻ چونڊڻ جو.
اسلام جو پيغمبر ڪنهن جو ابو نه آهي. هو بشير آهي، نذير آهي ساري جهان لاءِ. هن هدايت جو پيغام پهچائي ختم نبوت جا فرائض ادا ڪري ڇڏيا. هو دنيا جي سيني قومن لاءِ رحمت آهي. جيڪو به هن جي حڪم جي پيروي ڪندو سو سدائين ڪامياب رهندو. اسان ڪائنات جي ظاهري ۽ باطني قاعدن موجب حڪومتون ڏيندا ۽ کسيندا آهيون. جهڙي قوم هوندي آهي تهڙائي انهن کي حاڪم ڏيندا آهيون.

خدا جو قهر ۽ غضب بہ بدڪار ۽ ظالم حاڪمن جي صورت ۾ نازل ٿيندو آهي ۽ خدا جو انعام ۽ فضل نيڪوڪارن ۽ عادل حاڪمن جي صورت ۾ نظر ايندو آهي.

## توبہ ڪر

اي مريد صادق! تون خدا جو خوف رک، پنهنجي اعمال جي اصلاح ڪر. پنهنجن گناهن کان توبہ ڪر. تون همت نہ هار. تون خدا جو ٿي وڃ، پوءِ سارو جهان تنهنجو ٿي ويندو. تون يقين ڪر تہ خدا ظالمن کي سزا ڏيڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. خدا جي گرفت کان ڪوبہ ڇٽي نہ ويندو. اسان سلطنتون چٽ ڪري ڇڏيون. شاهي محلات ڍهڻ وارا آهن. حرام جي ڪمائي وارن جو راڄ ختم ٿيڻ وارو آهي. ظلم ۽ ستم جا تختا الٽا ٿيڻ وارا آهن. اسان نمرود ۽ فرعونن کي نہ ڇڏيو. ظالمن جو نالو ۽ نشان متجي ويندو. ساري جهان ۾ انقلاب اچڻ وارو آهي. پر تو مسلمان ٿي ۽ سچو مسلمان ٿي ۽ انسان ذات جو خيرخواه ٿي. پوءِ انشاءَالله تنهنجو ٻيڙو پار آهي.

*

# زمانو بگڙجي ويو آهي

ڪير آهي جو مون قلندر جي چيخ ۽ پڪار ٻڌي ٿو؟ اڄ زمانو بگڙجي ويو آهي. اڄ جو روحانيت جي رازن کان محروم آهي، اڄ جو بي دين ۽ بدپرهيز آهي، اڄ جو قرآني رمزن کان اڻ ڄاڻ آهي، اڄ جو بي نمازي ۽ بي روزه آهي، اڄ جو زڪوات کان بي خبر آهي، اڄ جو بيت العتيق جي زيارت کان عاري آهي، اڄ جو اسلامي قانون جو مخالف آهي، اڄ جو شريعت جي شرطن جو پابند نه آهي، اڄ جو اسلامي تهذيب کان خالي آهي، سو قلندر هئڻ جي دعوىٰ ڪري ٿو.

جنهن وحدانيت جو راز نه پروڙيو، جنهن ڪعبه جو غلاف نه چميو، جنهن مسجد جو منهن نه ڏٺو، جنهن رسول جو روضو نه ڏٺو، جنهن منهنجي مرشد جو هٽ نه ورتو، جنهن ۾ صديق جي سچائي نه آهي، عمرفاروق جو عدل نه آهي، عثمان غنيءَ جي سخاوت نه آهي، عليءَ جي شجاعت نه آهي، امامن جي قرباني نه آهي، اوليائن جي الفت نه آهي، سو دعوىٰ ڪري ٿو ته آئون قلندر آهيان! قلندر!!

جتي شراب نوشيءَ جو دؤر آهي، نچڻ وارين جو زور آهي، حرام خور ۽ رشوت خور آهي، عصمت دريءَ جو شور آهي، حيا وارو ڪمزور آهي، چور شاهه ۽ شاهه چور آهي، شريف بي زر آهي ۽ ڪمينن وٽ ڪروڙ آهن، دين ۽ ايمان اور ۽ امام بہ داور آهي، جو دين جو دشمن نشه سان مخمور آهي، انجي هيءَ دعوىٰ آهي ته آئون قلندر آهيان! قلندر آهيان!!

اڄ آئون زماني جي ظلم ۽ ستم جو شڪار آهيان، جور ۽ جفا کان پريشان آهيان، آئون حق چوان ماڻهو ناحق سمجهن، آئون دين چوان ماڻهو بي دين چون، آئون اسلام پيش ڪريان تنهن کي ماڻهو ڪفر سمجهن، آئون واحد خدا جو نالو وٺان تنهن کي ماڻهو شرڪ سمجهن، اڄ جي مسلمانن کي ڪافر ۽ ڪافر کي مسلمان سمجهن، سي هي دعوىٰ ٿا ڪن ته هو قلندر آهن.

اڄ دجال جي دربار مان هيءَ فتوىٰ جاري ٿي آهي ته جو دين جو عالم ۽ عامل آهي، جو دين سکي ٿو ۽ سيکاري ٿو، سو دين کان اڻ ڄاڻ آهي.

اڄ فرعوني فرمان آهي ته جو سندس خليفن جي بيعت نه ڪندو سو اسلام جي دائري کان خارج آهي.

## جهاد اڪبر

اڄ اسلامي سياست جو ماهر ۽ مترجم اهو آهي جو اسلام جي الف کان بہ آگاه نه آهي. اڄ نمرود هي نادري حڪم جاري ڪيو آهي ته جو هنجي سياست قبول نه ڪندو سو اسلامي جماعت کان خارج ٿيندو. اهڙي زماني ۾ جهاد اڪبر توتي فرض آهي.

ٻڌ! آئون توکي ٻڌايان ته جهاد اڪبر جي حقيقت ڇا آهي؟ ظالم سلطان کي حق ٻڌائڻ، هر فرعون کي منهن تي سچ چوڻ، حق ۽ سچائيءَ جو اعلان ڪرڻ، دين حق جي تبليغ ڪرڻ، دنيا جي هر ملڪ ۾ وحي خدا جي وحدت ۽ محبت جو پيغام ٻڌائڻ، پنهنجي پرائي سان انصاف ڪرڻ، خود پنهنجي نفس کان حساب وٺڻ، پنهنجي نفساني خواهشن سان مقابلو ڪرڻ، پنهنجو غصو ماري ڇڏڻ، برائيءَ جي بدران نيڪي ڏيڻ،

گناهن کان پرهيز ڪرڻ، هر محتاج جي مدد، ستم رسيدن جو ساٿ ڏيڻ، خلق خدا سان نيڪي ڪرڻ، هر انسان سان محبت ۽ مروت سان پيش اچڻ، سيني جا حق ادا ڪرڻ، قرض ڏيڻ ۽ قرض معاف ڪرڻ، پرايون غلطيون معاف ڪرڻ، عجز ۽ نياز سان پيش اچڻ، مصيبت ۾ صبر ۽ راحت ۾ شڪر ڪرڻ، خنده پيشاني ۽ خوش اخلاقي ڏيکارڻ، ڪنهن به انسان کي نه ڏکوئڻ، هر ڪم وقت تي ڪرڻ ۽ هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکڻ، تڪبر ۽ غرور کان پرهيز ڪرڻ، وڏن جي عزت ۽ ننڍن سان محبت رکڻ، امانت ۾ خيانت نه ڪرڻ، حلال جي ڪمائي ڪرڻ ۽ ان تي راضي رهڻ، خلق خدا کي فائدو پهچائڻ، حرام جي ڪمائيءَ کان پرهيز ڪرڻ، ڪوڙ ۽ منافقي ڇڏي ڏيڻ، پنهنجا مذهبي فرائض ادا ڪرڻ، نيت صاف رکڻ، پنهنجو جسم، پنهنجو گهر، پنهنجو محلو، پنهنجو شهر ۽ پنهنجي ملڪ کي گندگيءَ کان صاف رکڻ، بيمار جي خدمت ڪرڻ، خلق مان بک ۽ بيڪاري دور ڪرڻ، علم ۽ هنر سکڻ ۽ سيکارڻ، نيڪ صلاح وٺڻ ۽ نيڪ صلاح ڏيڻ، نرميءَ سان نصيحت ڏيڻ ۽ ٻڌڻ، خدا جي مخلوق ۾ نفرت ۽ حقارت نه پکيڙڻ، هر انسان کي عزت جي نگاه سان ڏسڻ، سيني قومن جي درويشن ۽ بزرگن جي عزت ڪرڻ، خدا جي مخلوق ۾ فساد نه جاڳائڻ، قرمار ۽ خون ۽ قتل کان پرهيز ڪرڻ، چوطرف امن ۽ سلامتيءَ جي فضا پيدا ڪرڻ، پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۽ خلق جو بچاءُ ڪرڻ، ڪمزورن ، بيوسن، زالن، ٻارن ۽ پيڙن جي هر حالت ۾ حفاظت ڪرڻ، اهو اٿئي جهاد اڪبر! اهو اٿئي وڏو جهاد! ائين تون ڪندين ته تنهنجو جاني دشمن تنهنجو جاني دوست ٿي پوندو، اهي اٿئي قرآني احڪام. اهي اٿئي خدا جا فرمان. اهي اٿئي محمدي اخلاق.

## خدا جا باغي

تون خدا جي حڪمن سان بغاوت ڪرين ٿو ۽ پوءِ به نالو خدا جو وٺين ٿو. اسلام کان بغاوت ڪرين ٿو ۽ پوءِ به اسلام جا نعرا هڻين ٿو. تون پاڻ کي مسلمان سڏائي اسلام کي چو بدنام ڪرين ٿو؟ تون شراب خورن ۽ حرام خورن کي پنهنجو عيوضي بڻايو آهي ۽ پوءِ به تون دعوىٰ ڪرين ٿو ته تون مسلمان آهين؟ تو ظالمن جي حڪومت قائم ڪئي آهي ۽ پوءِ به تون ٻاڙون هڻين ٿو ته اهو اسلام آهي.

اسلام خدا جو دين آهي. سيني دينن ۽ قومن کي اسلام جي جهنڊي هيٺ امن، سلامتي ۽ آزادي حاصل آهي. پر تو ٻي دينن کي پنهنجو اڳواڻ ڪيو آهي. وڪيل ۽ وياج خور تنهنجو امام آهي، جنهنجو ڏنڌو ئي آهي پئسا وٺي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ظلم ڪرڻ، جن جي ساري زندگي غرق آهي شِڪارن، شرابن ۽ عياشين ۾. جڏهن قوم جا حاڪم ۽ عملدار رشوت خور ۽ ظالم ٿين، جڏهن مالدار بخيل ۽ فضول خرچ ٿين، جڏهن علماء بي عمل، جڏهن پير ۽ فقير بدڪار ٿين، جڏهن اڳواڻ ۽ رهبر بي دين ۽ بداخلاق ٿين، جڏهن عام ماڻهو جاهل ۽ بي هنر ٿين ۽ جڏهن پڙهيل خود غرض ۽ نفس پرست ٿين، ۽ جڏهن زالون فيشن پرست ۽ خانہ داريءَ جي اصولن کان بي خبر ٿين، تڏهن خدا جي پاران اهڙي قوم کي سزائون ملڻ شروع ٿي وينديون آهن.

*

# عارفانه تلقين

اڙي مدعي! تون دعويٰ ڪرين ٿو ته هن کي ياد ڪندو آهين؟ هائو مونکي ٻڌاءِ ته سهي ته تون ڪيترا ڀيرا هن جي حضور ۾ حاضر ٿيو آهين؟ ڪيترا ڀيرا محسوس ڪرين ٿو ته هو توکي ڏسي رهيو آهي؟ ڪڏهين پنهنجي اکين ۾ به هن کي جاءِ ڏني اٿئي يا نه؟ ڪڏهن پنهنجي دل ۾ به هن جو جلوه ڏٺو اٿيئي يا نه؟ ڪڏهن سڪ سان به سجدو ڪيو اٿيئي يا نه؟ ڪڏهن تنهنجي زبان تي ويهي هن ڳالهايو به آهي يا نه؟ سمجهين ٿو ته ڪنهن جو ڪلام چئي رهيو آهين؟ آسمان جي سج ۽ چنڊ جي طرف ته هر روز نهارين ٿو پر ڪڏهن به هي خيال ڪيو اٿيئي ته هڪڙو سج ۽ چنڊ تنهنجي اندر ۾ به روشن آهي جنهن جي طرف نهارڻ سان دل ۾ سرور ۽ اکين ۾ روشني پيدا ٿئي ٿي؟ جڏهن انهن ڏانهن نهاريندين تڏهن تون نُور ئي نُور ٿي پوندين. تنهنجي اڳيان پٺيان، هيٺ مٿي، سڄي ڪيڏي، اندر ٻاهر، جسم جان، گفتار رفتار، هوش حواس ۽ دل ۽ دماغ ۾ نُور ئي نُور هوندو. سڄي دنيا توکي نُور مان ٺهيل نظر ايندي. پر تون انڌو آهين. ڪير توکي سمجهائي ته تنهن جو اصل اعليٰ آهي ۽ تنهنجو خاندان اعليٰ آهي. تنهن جي مٽيءَ مان ڪيميا ۽ سون ٺهي ٿو. تنهنجي نظر رڳو پاڇي تي پوي ٿي پر خود توتي نه ٿي پوي. تون به ڪنهن جو پاڇو آهين ۽ اصل تنهنجو ڪو ٻيو آهي. ان کي ڳولي هٿ ڪر. هو توکي ويجهو آهي. تنهنجي ساه واري رڳ کان به ويڪ ويجهو آهي. بلڪ تنهنجي ساه کان به ويڪ آهي. تون دل جي دنيا ۾هڪ چڪر لڳاءِ پوءِ جو توکي ڏسي رهيو آهي تنهن کي تون به ڏسڻ لڳندين. تو پنهنجي دل تي پردا وجهي ڇڏيا آهن. تون دنيا ۾ خونريزي ۽ فساد ڪرين ٿو. حقارت ۽ عداوت پکيڙين ٿو. پاڻ کي پڏائين ٿو ۽ ٻي مخلوق کي حقير سمجهين ٿو. تون جيڪي پوکيندين سو لڻندين، محبت سان مخلوق جي تسخير ٿي سگهندي نه نفرت سان.

تون دعويٰ ڪرين ٿو ته تون انسان آهين پر تو ڪڏهن پنهنجو امتحان به ورتو آهي ته تون انسان به آهين يا نه؟ تون خدا جي اڳيان ڪهڙو جواب ڏيندين جڏهن توکان پڇيو ويندو ته تو انسانيت جا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن؟ خدا قيامت جي ڏينهن پڇندو ته:-

” اي منهنجا بندؤ

- ❖ آئون بکايل هوس توهان مونکي روٽي نه ڏني،
- ❖ آئون اڃايل هوس توهان مونکي پاڻي نه پياريو ۽
- ❖ آئون ننگو هوس توهان مونکي ڪپڙا نه ڏنا. “

ڇا تو اها حديث قدسي ٻڌي ۽ پڙهي آهي يا نه؟ ڇا ان سوال جو خود خدا ڪهڙو جواب ڏيندو سو تنهنجي ڪنن تائين پهتو آهي يا نه؟ خدا جواب ڏيندو ته:-

” منهنجو فلاڻو بندو بکايل هو تنهن کي توهان روٽي نه ڏني.
منهنجو فلاڻو بندو اڃايل هو تنهن کي توهان پاڻي نه ڏنو.
منهنجو فلاڻو بندو ننگو هو تنهن کي توهان ڪپڙا نه ڏنا.“

هاڻي ٻڌاءِ اي انسان هئڻ جي دعوا ڪرڻ وارا! اي اسلام زنده باد جا نعرا هڻڻ وارا!! هاڻي ٻڌاءِ ۽ سچ ٻڌاءِ ته تون ڪيترن بکايلن کي روٽي کارائين ٿو ۽ ڪيترن اڃايلن کي پاڻي پيارين ٿو ۽ ڪيترن اگهاڙن جو انگ

ڏڪين ٿو ۽ ڪيترن حقدارن جا حق ادا ڪرين ٿو؟ ڇا تو بلئڪ مارڪيٽ ۾ واپار ڪري خدا جي بندن تي روٽي ۽ ڪپڙي ملڻ جو دروازو تنگ ۽ بند ڪيو آهي يا نه؟ ڇا تو رشوتون وٺي لکن ماڻهن لاءِ اَن، گيهه، تيل، ڪنڊ، گاسليٽ، ماچيس، ڪير ۽ مکڻ ملڻ ۾ تنگي پيدا ڪئي آهي يا نه؟ تون پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿو يا ليگي سڏائين ٿو يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏائين ٿو پر تون سچ ٻڌاءِ ته تنهنجي ڪرتوتن ڪان خدا جي خلق کي تنگي پهتي آهي يا نه؟ تو امانت ۾ خيانتون ڪيون آهن يا نه؟ تون ٻڌاءِ ته تو ڏکيون ڪري دولت گڏ ڪئي آهي يا نه؟ ڇا توکي معلوم نه آهي ته تنهنجي ملڪ ۾ لکين اهڙا آهن جن کي هڪ ويلو مس کائڻ لاءِ ملي ٿو؟ ڇا بنگال ۾ تنهنجي ڪرتوتن جي ڪري لکين بندا بک جي وگهي ڦٿڪي ڦٿڪي مري نه ويا ۽ تو محلاتن ۽ بنگلن ۾ موجون پئي ڪيون؟ ڇا توکي معلوم نه آهي ته تنهنجي ملڪ ۾ ماڻهن کي رهڻ واسطي پورو اجهو نه آهي پر تون پنهنجي واسطي بنگلا خريد ڪندو رهيو آهين؟ ڇا توکي معلوم نه آهي ته تنهنجي قوم جا ماڻهو هر سال لکين روپيا شڪار تي خرچ ڪن ٿا، جوا ۾ وڃائين ٿا، عياشين تي خرچ ڪن ٿا، ڪتن ۽ ٻلين کي کارائين ٿا پر انسانن کي کائڻ واسطي اٽو نه آهي، پائڻ لاءِ لٽو نه آهي ۽ رهڻ لاءِ اجهو نه آهي. تون سمجهين ٿو ته توکي ماڙين ۽ محلن ۾ رهڻ جو حق حاصل آهي پر ٻين کي رهڻ لاءِ رواجي جاءِ جي به ضرورت نه آهي؟ ٻڌاءِ! تون ڪيترن ماڻهن جي روزيءَ تي لت ڏيو ويٺو آهين، ڪيترن جا حق غضب ڪيو ويٺو آهين، ڪيترن کي پنهنجو غلام بڻايو ويٺو آهين؟ ٻڌاءِ! ته تون ڪيترن خونن ۾ جوابدار آهين، ڪيترين چورين ۾ پائيوار آهين، ڪيترن ظلمن ۾ حصه دار آهين، ڪيترن گناهن ۾ گرفتار آهين، ڪيترن فسادن جاڳائڻ ۾ شريڪ آهين، ڪيترين عصمت درين ۾ مبتلا آهين. جيڪڏهن تون سمجهين ٿو ته خدا جي بندن ۾ حساب وٺڻ جي ڪا طاقت ڪانهي، خود خدا توکان حساب وٺندو. خود خدا ڪمزورن کي طاقتور ڪندو. خود خدا مظلومن جي مدد ڪندو. خود خدا توتي فرياد ڪندو ۽ ان جي توکي سزا ڏيندو ته تون خلق ۾ انڌير ۽ ظلم مچايو آهي. تو انهن کان اجهو کسيو آهي، تو انهن کي اگهاڙو رکيو آهي ۽ تو انهن کي بکيو رکيو آهي، تو انهن کي جاهل رکيو آهي ۽ تو انهن کي بدڪار ڪيو آهي.

*

# درد دل

اي فرزند! تون ٻڌاءِ، توکي اڄوڪي دنيا جي حالت تي دل ۾ ڪو درد پيدا ٿئي ٿو يا نه؟ تون آخرين پيغمبر جي اُمت آهين پر توکي خبر آهي ته پيغمبر اسلام جي دل جي ڪيفيت ڇا هوندي هئي؟ ڇا معنىٰ آهي " عزيز عليہ ماعنتم " جي آيت جي، جنهن مصيبت ۽ بدڪاريءَ جي حالت ۾ عرب قوم ۽ دنيا جون قومون مبتلا هيون جنهن ظلم، ستم ۽ گمراهي ۾ انهن جو گذارو هو تنهنکي ڪي ڏسي پيغمبر اسلام جو روح تڙپندو هو، دل درد سان پرجي ايندي هئي ۽ دماغ تي غم جا پهاڙ ٽٽي پوندا هُوا. حضور جن وٽ قومن جي نجات جو نسخو موجود هو. پر ازلي بدنصيب جڏهن ان ڪيميائي نسخي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا هئا تڏهن پيغمبر اسلام جي وجود ۾ ڏک ۽ غم جا غبار اٿندا هئا، ايتريقدر جو قرآن ۾ خداوند تعالىٰ پاڻ سڳورن کي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن هو ايمان نه آڻيندا ته تون پاڻ کي انهن جي غم ۾ ماري ڇڏيندين ڇا؟ قوم جي حالت اهڙي هوندي هئي جو چوندا هئا ته ڪِلو ٿورو ۽ روئو گهڻو، توبہ ۽ استغفار جي ترغيب ڏيندا هئا.

اي فرزند! تون ٻڌاءِ ته ڪڏهن پنهنجي قوم جي گمراهين ۽ گناهن تي، مسڪيني ۽ مصيبت تي، جهالت ۽ بداخلاقيءَ تي تنهنجي دل ۾ به ڪڏهن ڪو درد پيدا ٿيو آهي يا نه؟ دنيا ظلم ۽ ستم ۾ گرفتار آهي، مروت ۽ همدرديءَ جو ڪال آهي، انسانيت جو لاش بي گورو ڪفن لتاڙجي رهيو آهي، رحمدلي ۽ شرافت ۽ خدا ترسيءَ جو دنيا ۾ ڏڪار پئجي ويو آهي. ڪٽي لک پيا لتجن ته ڪٽي ڪکن جا محتاج آهن. خون ۽ فساد جو زور آهي، عيش ۽ عشرتن جي محلاتن ۾ شادمانا آهن ۽ پر وارين گهٽين ۾ ماتم برپا آهي، حيا ۽ شرم دنيا مان لڏي ويا آهن، بدڪارين جون بازارون رونقدار آهن، اسلام جو نالو آهي پر اسلامي روح پرواز ڪري چڪو آهي، پاڻي مٿي کان مٿي چڙهي ويو آهي ۽ مخلوق ٻڏڻ واري آهي، ياجوج ۽ ماجوج جا لشڪر زمين تي پکڙجي ويا آهن، بديءَ کي نيڪي سمجهڻ وارن جون حڪومتون قائم آهن، اصلاح ۽ توبهہ جا دروازا بند ٿي چڪا آهن، پوءِ به جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ ڪو درد پيدا ٿنو ٿئي ته پوءِ چئبو ته تنهنجو قلب مري چڪو آهي، تنهنجو عقل سليم موڪلائي ويو آهي، ۽ تون بيجان جاندار ۽ حيوان آهين. آئون توکي نصيحت ٿو ڪريان ته تون حيوانيت ڇڏي ڏي ۽ انسان ٿيءُ، تون نيڪيءَ جي ڪمن ۾ ٿڪجي نه پؤ، تون ڀلائي ڪر ۽ ان کي وساري ڇڏ، تون نيڪي ڪر ۽ درياءَ ۾ اڇلاءِ، تون نيڪي ڪندو رهہ ۽ معاوضہ ۽ منافعہ جي اميد نه رک، توکي نيڪيءَ جو بدلو بديءَ جي صورت ۾ ملندو پر تون شڪستہ دل نه ٿيءُ ۽ بديءَ جو بدلو به نيڪيءَ جي صورت ۾ ادا ڪر، تون پنهنجي دل ۾ آدم جي اولاد جي نجات لاءِ ڪو درد پيدا ڪر، انهن جي حق ۾ دعا ڪندو رهہ، بس غائبانہ دعا الله جي بارگاه ۾ قبول ٿيندي آهي، تون فرشتن وانگر پنهنجي مولا کي ستائيندو رهہ ۽ لڳو لڳ ٻاڏائيندو رهہ ته خداوند تعالىٰ پنهنجي مخلوق جا درد دور ڪري. دنيا ۾ نيڪي ڪرڻ وارن کي ڪڏهن به شڪست نه ملندي آهي ۽ هو ڪڏهن به پنهنجي شڪست قبول نه ڪندا آهن. تون اعلىٰ ارادو ڌار ۽ عزم راسخ رک. خدا ۾ جهڙو گمان رکندين تهڙوئي هن کي پائيندين. ڪڏهن به مايوس نه ٿيءُ، سارو جهان پنهنجي خيال ۾ مست آهي، جهڙو تنهنجو خيال آهي تهڙو تون ٿي پوندين، سارو جهان الله جي نور سان روشن آهي ۽ تنهنجو وجود هنجي نوراني آفتاب جو مرڪز آهي، تون ڪڏهن به پاڻ

ڪي هن ڪان پري نہ سمجهہ ۽ نہ هو توڪان پري آهي. هو ظاهر ۽ باطن ۾ توسان آهي. **تون سنڌ وارن ڪي سجاڳ ڪر. پوءِ مشرق ۽ مغرب سجاڳ ٿي پوندا.**

اي سنڌ جا مسلمان! تون مير عرب جي اکين جي روشني ۽ سرور آهين، تو وٽان ئي ٺڏين هوائن جي جهونڪن قلب محمديءَ کي مسرور ڪيو ٿي. تنهنجو درياءُ جنت جو درياءُ آهي. تو وٽان ئي الله اڪبر جون صدائون هڪ ڀيرو وري اٿڻ واريون آهن. تون ڪمربستہ ٿي وڃ. پنهنجي قوم کي اخلاقي پستيءَ مان ڪڍي ٻاهر ڪر. خدا جا اولياءَ ۽ ابدال تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. فرشتن جون فوجون تنهنجيون مددگار ٿي وينديون، الله جي واٽ ۾ قدم کڻ فقط هن جي خوشنودي خاطر، پوءِ تنهنجو ويران گلستان سرسبز ۽ آباد ٿي پوندو ۽ تنهنجو قافلو منزل مقصود تي پهچي ويندو.

*

# قلندر جي صدا

دنيا وارؤ! قلندر صدا هڻي رهيو آهي. هن کي خالي هٿين نه موٽايو. هنجي جهولي پري ڇڏيو. هنکي پينو فقير سمجهي دروازي تان نه ڌڪيو. سائل کي حقير نه سمجهو. هو محبت ۽ شفقت جو بکيو آهي. توهانجي همدردي ۾ اميد رکي آيو آهي، هن جي اميدن جو خون نه ڪريو، هن کي سندس مصيبتن جي ڪري ذليل نه ڪريو. جي مال جي خيرات نه ٿا ڪري سگهو ته خوش گفتاريءَ جي خيرات ڪريو. هو توهانجي قوم جو فرزند آهي. توهانجي فضول خرچي هن کي محتاج بڻايو آهي، توهانجي بخل هن کي بيڪاري ڪيو آهي، توهان جي حڪومت هن کي بيڪار بڻايو آهي، اوهانجي ۾ راڄ هو دربدر ٿيو آهي، هو قومي قصورن، قومي ڪوتاهين ۽ قومي بدانتظامين جو مظهر آهي.

منهنجي قوم جا نوجوانو! ڇونه ٿا مون سواليءَ جو سوال اونايو؟ منهنجو توهان کي سوال آهي ته توهان پنهنجي خدا سان سچا ٿي وڃو. جوانيءَ ۾ عبادت خدا وٽ پسند پوندي آهي ۽ توهانکي ڪيميا جو ڪم ڏيندي، توهانجو درجو بلند ڪندي، توهانجو دين ۽ دنيا درست ڪندي، توهانکي خالق ۽ مخلوق وٽ مقبول ڪندي. توهان ڪاهي پئو پنهنجي سنڌ ۾ مسلم قوم جا امام ٿي وڃو، مسلم قوم جو ظاهر ۽ باطن سنواريو. قوم توهان ڏانهن نهاري رهي آهي، توهانجي جوانيءَ تي نازان آهي ۽ توهانجي جوانيءَ جو قسم کائيندي آهي. نوجوان قومن جون قسمتون پلٽي ڇڏيون آهن، انقلاب آندا آهن ۽ پنهنجي قوم کي بلند عروج تي وٺي ويا آهن.

مذهبي محبت، قومي بيداري، ملڪي آزادي، هنري ترقي، تعليمي سڌارو، مالي واڌارو، فوجي خدمت، معاشرتي اصلاح، جسماني ورزش، قومي تنظيم، اخلاقي سربلندي، قوت ارادي، دستوري سڃاڻپ، قانوني واقفيت، روحاني فضائل، ترقيءَ جي تڙپ، ذوق سليم، فڪر صحيح، راءِ جي اصليت، دماغ جو توازن، ذهن جي ذڪاوت، جذبات جي پرورش، تقرير جو جوش، تحرير جي صلاحيت، طبيعت ۾ سنجيدگي، تحقيقات ۽ تجسس، تنقيد ۽ تميز، وطنيت ۽ قوميت، انسانيت ۽ بين الاقواميت، نئين ۽ بهتر زندگيءَ جي تلاش جو روح ڦوڪڻ ۽ اعلىٰ ۽ افضل معيارن جي منارن تائين پهچائڻ ۾ نوجوانن هر دؤر ۾ ۽ هر قوم پاڻ پئي پتوڙيو آهي.

ڪٿي آهن سنڌ جا نوجوان؟ ڪٿي آهن سنڌ جا نؤنهال؟ ڪٿي آهن سنڌ جي سٿل بخت کي بيدار ڪرڻ وارا؟ ڪير آهن هن پتڪندڙ قافلي جا حدي خوان؟ ڪٿي آهن لالون لعل لطيف جي روحاني رمزن ۽ سلطاني سهاڳ کي جاڳائڻ وارا؟ ڇا قيامت تائين سٿل رهندؤ، اي سنڌ جا نوجوانو؟ اٿو! جاڳو!! اڳتي وڌو!! ڏسو متان زماني جي جدوجهد ۾ پٺتي رهجي وڃو!! خبردار ٿيو! زماني ۽ درياهه جون موجون ڪنهن جو به انتظار نه ڪنديون آهن!! اڄ جو سٿل آهي سو قيامت تائين سٿل رهندو، اڄ جو سڄاڳ آهي سو قيامت تائين سڄاڳ رهندو.

*

# روحاني رمز

اي خشڪ طبع! تو پنهنجي خشڪ مزاجي ۽ خشڪ خيالي جي ڪري روحانيت جي ازلي ۽ ابدي چشمن، لاهوت ۽ ملڪوت جي دريائن کي بہ سڪائي خشڪ ڪري ڇڏيو آهي. آخر تنهنجي مادي دنيا ۾ رکيو ڇا آهي جو هيتريقدر هوڏ ڪرين ٿو! تون الله جو اسرار آهين ۽ اسرارن جو خزانو تو ۾ لڪل آهي. تون پنهنجي سونهن سوڀيا ۽ حسن جمال کان بي خبر آهين. هر نقاش کي پنهنجو نقش وڻندو آهي، هر مصنف کي پنهنجي تصنيف پسند ايندي آهي، هر مصور کي پنهنجي تصوير سان محبت هوندي آهي ۽ جيتريقدر ڪنهن ڪاريگر ۾ ڪمال هوندو آهي اوتريقدر هن جي هنر ۽ صنعت جو قدر ٿيندو آهي. پوءِ اي بي خبر! توکي معلوم آهي تہ تون ڪنهن جو نقش آهين، ڪنهن جي تصنيف آهين، ڪنهن جي ايجاد آهين؟ جهان جي پردي پٺيان ڪنهن جو هٿ پوشيده آهي؟ جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ تون ڏسي رهيو آهين ۽ جو ڪجهہ آهي ان جي پٺيان ڪو آهي يا نہ آهي؟

## نماز جو طريقو

اي فرزند! تون شڪايت ڪرين ٿو تہ هن جي عبادت ۽ نماز ۾ توتي وِسوِسا پون ٿا. تنهن ڪري تون هن جو نالو وٺڻ بہ پسند نٿو ڪرين! ڀلا ٻڌاءِ سهي توکي وسوسا ڇونہ پوڻ گهرجن؟ تون جڏهن ساري جهان کي روشن سمجهندين، تون جڏهن پنهنجي اندر خواه ٻاهر فقط ائين محسوس ڪندين تہ تون هن کي ڏسي رهيو آهين يا گهٽ ۾ گهٽ هو توکي ڏسي رهيو آهي، تون جڏهن هي يقين ڪندين تہ هو ظاهر ۽ باطن ۾ تو ساڻ آهي، جڏهن تنهنجي پاڻ تي يا جهان تي نظر پوي، يا خوشبوءِ اچي، يا هوا لڳي، يا گرمي ٿئي يا سردي، رنج ۽ راحت ۾ محسوس ڪرين تہ هو هر شيءِ جو خالق ۽ هر شيءِ جي پٺيان هو پشيده آهي، بلڪ فقط هو موجود، هو زنده ۽ هو قائم آهي. توکي پنهنجي قرئت، پنهنجي قيام، پنهنجي رڪوع پنهنجي سجده ۾ فقط هو ئي هو نظر ايندو. پوءِ جنهن هنڌ هو آهي، هن جو نُور آهي ۽ هن جو جلوه آهي، هن جو حضور آهي، هن جو قرب آهي، هن جو لقاءُ آهي، هن جو ڪلام آهي، هن سان ڳالهيون آهن، هن سان رهاڻ آهي، هن سان راز ۽ نياز آهي، شڪوه ۽ شڪايت آهي، ڏک ۽ ڏوراپو آهي، زاري ۽ نيزاري آهي، دعا ۽ محبت آهي، هن جو حمد ۽ ثنا آهي، ذڪر ۽ اذڪار آهي. پوءِ جڏهن هن کي تون پنهنجي اکين ۾، سيني ۾، قلب ۾، دماغ ۾، خيال ۾ جاءِ ڏيندين تڏهن وسوسا توکان پڇي پري ٿيندا. پر هن وقت اي فرزند! تنهنجي حالت اها آهي جو تون هن کان پڇي پري ٿيو آهين.

تو هن کي پاڻ کان دور ۽ جدا رکيو آهي. پوءِ تون جڏهن جدائي لڳايو ويٺو آهين تڏهن تو وٽ شيطان ۽ وسوسا نہ ايندا تہ ٻيو ڇا ايندو؟

## قلندر جي حالت

اسان قلندر سارو جهان گهميو ويٺا آهيون. هي جهان ٻه ڏٺو اٿئون هو جهان ٻه ڏٺو اٿئون. اسانجو هڪ هنڌ ٽڪاڻو نه آهي. دوستن سان گڏ آهيون، ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. هڪڙي ٽيءُ ۾ ستن جهانن جو سير ڪري وٺون. يار جي تلاش ۾ اسان لوڪ، پرلوڪ، ترلوڪ آڪاسن ۽ پاتال، دنيا ۽ آخرت جو چڪر لڳايو ويٺا آهيون. اسان چنڊ تي چڙهائي ڪئي، سج جا سلامي ٿياسين، تارن ۽ ستارن کي ستائي پڇيوسين ته اسان جو يار ڪٿي آهي؟ اسان ديس پرديس جي هر درويش کان ٻه ساڳيو سوال ڪيو؟ دريائن ۾ غوطا هنياسين، بيابانن ۽ جهنگلن جي هر هڪ ذري ۽ هر هڪ ٻوٽي ۽ هر هڪ پتي کان پڇا ڪئي سين ته بيلي اسان کي ڪو پنهنجي يار جو پتو ڏي. اسانجا قاتل ڪپڙا ڏسو، بدن جا ڦٽ ڏسو، پيرن جا زخم ڏسو، سڄو سينو داغ داغ آهي، اسان هر زيارت گاه تي پهچي وياسين، طورسينا، مقام ابراهيم، بيت المقدس، ڪعبته الله، غار حرا جي دروازن تي بيهي ڪري پنهنجي درد ڀري صدا بلند ڪري پڇيوسين ته آهي ڪو قلندر جي سوال جو جواب ڏيڻ وارو؟ ڪٿي آهي اسانجو مولا مهربان، ازل جو يار مددگار. غار حرا مان جواب آيو " اي سرمست ۽ عاشق زار! ڇا تو نه ٻڌو آهي ( ان الله معنا )ڇا تو نه ٻڌو آهي ( وهو معڪم اين ما ڪنتم ) جواب آيو تون اجايو ڀٽڪي رهيو آهين. تنهنجو يار تو ساڻ آهي "

خود تو ۾ آهي ديرو دوست جو. قلندر اهو ٻڌي ڏاڍو شاداب ۽ پشيمان ٿيو.

*

# قلندرن جو خواب

## دولتمندن کي ڏسو!

اي مريد صادق! رات سموري آئون هن ڳالهه تي سوچ ويچار ڪندو رهيس ته چو ساري دنيا دولت ۽ حڪومت جي پٺيان خوار ۽ خراب آهي. دنيا ۾ ڪا اهڙي خرابي ڪانهي جا دولتمندن ۽ حڪمرانن پيدا نه ڪئي هجي. ڪلبون ۽ شراب خانه، ناچ گهر ۽ چڪلا، عشرت ڪده ۽ جوا خانه، چوريون ۽ ڌاڙا، خون ۽ فساد، باهيون ۽ هنگاما، جنگيون ۽ عداوتون، ظلم ۽ رشوتون، ڪوڙ ۽ ٺڳيون، جعل سازيون ۽ منافقيون، تڪرار ۽ مقدمه بازيون، بلئڪ مارڪيٽون، بي ايماني، بي انصافيون، عصمت دريون، شرم فروشيون ۽ ان قسم جون پيون بديون ۽ برائيون حڪومت ۽ دولت جي ڪري ٿين ٿيون. خدا چوي ٿو ته مون انسان کي عزت ۽ اعلیٰ درجو ڏنو آهي ۽ هن کي بهترين معيار ۽ انداز تي پيدا ڪيو آهي. پر دولت ۽ حڪومت جا مالڪ انهن انسانن سان ڪهڙي ريت پيش اچن ٿا.

سڏائين ته پاڻ کي مسلمان ۽ سندن رعيت هاري ناري مزدور ۽ زيردست به مسلمان ۽ پوءِ به هڪڙو مسلمان ٻئي مسلمان کي اهڙي ريت ذليل ڪيو ۽ غلام بڻايو ويٺو آهي. ووٽ وٺي ميمبر ٿين ۽ ميمبر تي وزير ٿين ۽ حڪومت اهڙي ريت هلائين جو رشوتن ڏيڻ ڪانسواءِ ڪنهن اشراف جي عزت سلامت نه آهي. ميمبر ٿين ته پگهار کڻن، ڪروڙين روپيا جن وزيرن ۽ سرڪاري نوڪرن کي پگهارن ۾ ملن سي ئي ماٺهن تي ظلم ڪن!

## غريبن کي ڏسو!

محنت غريب ڪن، زمينون غريب پوکين، ڪارخانن ۾ ڪم غريب ڪن، دولت غريب پيدا ڪن، پر دولت پيدا ڪرڻ وارا بک مرن، نه پورو اٽو ۽ نه انگ تي لٽو، نه رهڻ واسطي گهر، نه بيماريءَ واسطي دوا، نه امن نه امان، نه عدل نه انصاف، آخر هي ظلم ۽ ستم ڪڏهن ختم ٿيندو. آخر محبت ڪرڻ وارن جو ڪڏهن بخت کلندو. آخر دولت پيدا ڪرڻ وارن کي ڪڏهن روٽي ۽ امن نصيب ٿيندا. آخر ظالمن ۽ رشوت خورن جو ڪڏهن تڏو ڪڇندو. آخر دنيا ۾ ڪڏهن انصاف ٿيندو.

## هڪ عجيب خواب.

اي مريد صادق! آئون سڄي رات پنهنجي رلهيءَ ۾ ڦتڪندو رهيس ۽ پنهنجي قوم جي ڪرتوتن تي زارؤن زار روئندو رهيس ته ان حالت ۾ مون تي بيهوشي طاري ٿي ويئي. مون بيهوشيءَ جي عالم ۾ ڏٺو ته هڪڙي ڪوهه جي ڪپ تي ويٺو آهيان ۽ آرام سان ننڊ ڪري رهيو آهيان ته آسمان ڦاٽي پيو ۽ ان مان

هڪڙو فرشتو زمين تي لهي آيو ۽ مونکي ننڊ مان اٿاري چوڻ لڳو ته ” اي غافل! هاڻي هوشيار ٿيءُ!! هي وقت خدا کي ياد ڪرڻ جو آهي.“ ڪوهه جي پاسي ۾ هڪڙو حوض ٺهيل هو جنهن تي ڪيترائي ڳوٺاڻا وضو ڪري رهيا هوا. آءٌ به وضو ڪري ٻين سان گڏجي هڪ مسجد ۾ ويس. مسجد جي اڏاوت، انجي ڪشادگي ۽ صفائي ڏسي منهنجي دل کي ڏاڍي فرحت آئي. مسجد سان لڳ پيش امام ۽ مؤذن جون جايون هيون ۽ هڪ مسافرخانو به هو. مسافرخاني جي پاسي ۾ هڪ اسڪول جي عمارت هئي. اسان نماز با جماعت ادا ڪئي. جنهن کان پوءِ امام صاحب اڌ ڪلاڪ تائين قرآن شريف جو هڪ رڪوع پڙهي انجي معنىٰ ۽ تفسير ٻڌايو. جماعت ۾ ٽيهارو کن نوجوان هوا جن پر واري ميدان ۾ فوجي پريڊ ڪئي، پريڊ کانپوءِ سڀ ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

مسجد کان ٻاهر آياسين ته هڪ شاهي سڙڪ تي پهچي وياسين، سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان وڻن جون قطارون هيون. جئن ته نم، ٻير، آمري ۽ انب وغيره. ڊگها ڊگها وڻ جن جي ڇانوَ هيٺ سمورو رستو ڍڪيل هو. شاهي سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان ست اٺ ننڍا رستا نڪتا ٿي جن جي ٻنهي پاسن تي گهٽو ڪري هڪ رنگ ۽ ڍنگ جون جايون ٺهيل هيون. جنهن مسجد ۾ اسان نماز پڙهي سا شاهي سڙڪ ۽ ان مان ڦٽندڙ پوئين رستي جي ٽڪنڊي تي اڏيل هئي. رستي جي هڪڙي پاسي تي عمارتن جو سلسلو هيٺين ريت معلوم ٿيو ٿي.

مسجد، مسجد جي پاسي ۾ پيش امام ۽ ٻانگي جي رهڻ جون جايون، تنهن کان پوءِ مدرسا، لائبرري، ڪتبخانو، ڊسپينسري، مسافرخانو، پبلڪ حال، ٽپيدار جو ديرو، ماستر صاحبن جا گهر، ڊاڪٽر جو گهر، سينيٽري بورڊ جو دفتر، ويم گهر، پبلڪ گارڊن، پڪ سرو تلاءُ پوري طرح سان محفوظ، ٽيوب ويل، جانورن جي پاڻي پيئڻ جي ڊگهي حوضي، عام چراگاهه، راندين جو ميدان، رستي جي ٻي پاسي هارين نارين، ڪمين ڪاسبين جا گهر. اهڙي ريت سڙڪ کان جي ٻيا رستا نڪتا ٿي تن جي به ٻنهي پاسن کان ساديون مگر ڪشاديون جايون ٺهيل هيون.

مون فرشتي کي چيو ته ههڙو ڳوٺ مون اڳي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو آهي. گهرن جو تعداد هڪ سؤ کن جي اندر ٿيو ٿي. ڳوٺ جي چوڪ ۾ ٻه چار دڪان ۽ ريڊيو لائوڊ اسپيڪر لڳل هو ۽ بجليءَ جي روشني ۽ نلن جي پاڻيءَ جو بندوبست هو. برسات ۽ ٻي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پڪ سريون ناليون ٺهيل هيون ۽ گندگيءَ کي ساڙڻ واسطي ڳوٺ کان ٻاهر هڪ کڏ هئي. فرشتو مونکي حيرت ۾ ڏسي چوڻ لڳو ته ” آئون ڀانيان ٿو ته هي ڳوٺ توکي ڏاڍو پسند آيو آهي. هاڻي هلي آءٌ ته توکي هن ڳوٺ جي مهمان نوازي جو آزمودو وٺرايان.“ ائين چوندي هڪ ڪاتيدار جي دروازي تي پهچي آواز ڏنائين: محمد سومار ڪاتيدار جو نالو هو. اسانکي حُب سان ٻغلگير ٿي مليو ۽ وٺي ويو ٻنهي کي مسجد جي پرواري مسافرخاني جي اڱڻ ۾، هڪ وڻ جي هيٺان ٻه کٽون ۽ ٻه بسترا سومار جو پٽ همراهه جي مدد سان کڻائي آيو. اسان ڪجهه گهڙي آرام ڪيو جنهن کان پوءِ مانيءَ جي وقت محمد سومار اسان ٻنهي کي پنهنجي گهر وٺي هليو. گهر هڪ ڪمپائونڊ ۾ ٺهيل هو جنهن کي چوڏاري ڪچي پٽ هئي. گهر سادو ۽ صاف نظر آيو ٿي. ڪمپائونڊ جي ديوار سان لڳ ٽيهارو انبن جا، ٽيهارو نارنگين جا ۽ ليمن جا ۽ ٽيهارو زيتونن جا وڻ هوا. هڪڙو منهه انگور جو ٺهيل، ٻه چار ڪجيءَ جا وڻ به هوا.

هڪڙي هنڌ ڪي ننڍيون ٻاريون ٺهيل هيون جن مان هر هڪ ۾ جدا جدا ڀاڄيون پوکيل هيون. هڪڙي هنڌ ٿلهي تي ٻه ڳُنديون مٽيءَ سان لنبيل هيون. ڪمپائونڊ جي ايراضي هڪ ايڪڙ جي قريب هئي. مون سومار کان پڇيو ته ڳُنڊين ۾ ڇا آهي ۽ گذران جي ڇا هلت آهي؟ جواب ڏنائين:

SNASoomro

” اسان کي سموري سال لاءِ پنهنجي خوراڪ واسطي يا ٻج واسطي اَن گهرجي سو اسان انهن گُندين ۾ بچائي رکندا آهيون. ٻاڇين مان اسانکي ڳُنڍڻ تي پوندو آهي ۽ هڪ ڊِڳي اٽئون جنهنجو کيرِ ڌڌِ مکڻ ۽ لسي سڀي گهر لاءِ ڪافي ٿيندو آهي. انبن جي وڻن مان ۽ نارنگين ۽ ليمن جي وِڪري مان ساليانو ٽي سؤ کن روپيه پيدائش ٿيندي آهي. تنهن ڪانسواءِ ڳوٺ جي سيني ڪاتيدارن جي گڏيل زمين آهي جنهنکي سرڪاري ٽريڪٽر مليل آهي. سرڪاري ڍل ۽ زميندار کي رينٽ سرڪاري طرح ملندي آهي. جنهن کان پوءِ هر هڪ ڪاتيدار کي اگهن پٽاندڙ پنج سؤ ۽ اٺ سؤ جي وچ ۾ پنهنجو حصو ملندو آهي. گهر ۾ هر هڪ سٽ ضرور ڪتيندو آهي ۽ زالون ٻه ڪي گهرو هنر سکي ويون آهن. اٽي پيهڻ لاءِ پنهنجو جنڊ اٿئون، ٽوري گهٽي ربيع ۽ دوباري ٻه ڪندا آهيون ۽ توهانجي دعا سان خير جو وقت پيو گذري.“

سومار چيو ته ” هن ڳوٺ ۾ ۽ آسپاس جيڪي ٻه ڳوٺ آهن تن جي گهٽو ڪري ساڳي حالت آهي، ڳوٺ تي پهرو اسان پاڻ ڏيون، نه اسان مان ڪو چور آهي ۽ نه چور کي ڪو پناهه ڏئي.“ فرشتي چيو ته ” گهٽو ڪري ساري سنڌ ۾ ان قسم جا ڳوٺ قائم ٿي ويا آهن. اجهو هي ڏس نئين سنڌ جو نقشو! ڳوٺن جو تعداد پنجن هزارن کان گهٽ نه ٿيندو. هر هڪ ڳوٺ ۾ هر ماڻهوءَ کي رهڻ واسطي پنهنجي موچاري جاءِ آهي.کائڻ واسطي روٽي آهي، پهرڻ واسطي ڪپڙو، بيمار لاءِ دوا آهي، ٻارن لاءِ اسڪول آهي، نماز لاءِ مسجد آهي، ورزش لاءِ راندين جو ميدان آهي، زالن لاءِ ويم گهر آهي، مسافرن لاءِ مسافرخانو آهي، ڳوٺ وارن لاءِ ريڊنگ روم ۽ لائبرري آهي، ڳوٺ ۾ صفائي آهي، روشني آهي ۽ امن آهي.“ آئون اجا نئين ڳوٺ جي رستن جو سير ڪري رهيو هوس تڏهن ڪن ڪتن ڀونڪيو، منهنجون اکيون کلي پيون ۽ مون چيو ته قلندر جو خواب آهي، ڪڏهن ٻه ڪوڙو نه ٿيندو، منهنجي قوم جا نوجوان ڪڏهن ٻه آرام نه وٺندا جيستائين انهن نئين نموني جا ڳوٺ ٺاهي نه ورتا آهن.

*

# سنڌ جي نوجوانن کي سڏ

## بسم الله جي معنيٰ

خدا ڄاڻي تون ڏينهن رات ۾ ڪيترا ڀيرا بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ جو ورد ڪرين ٿو. پر خبر اٿئي ته انهن لفظن جي معنىٰ ڇا آهي؟ رحمان جي معنىٰ سمجهڻ گهرين ٿو ته پوءِ ساري ڪائنات جي ساز و سامان تي ويچار ڪري فيصلو ڏي ته هنجي رحمت ۽ محبت بي پايان ڪي ٻه ڪا حد ٿيندي آهي ڇا؟ پڪ ڄاڻ ته هن جي رحمت هنجي غضب کان انيڪ ڀيرا وڌيڪ آهي. اهي حروف عرش عظيم جي دروازي تي لکجي چڪا آهن. هنجي رحمت جو اندازو ڪرڻ انساني طاقت کان ٻاهر آهي. رحم ڪرڻ هن پاڻ تي فرض ٺهرايو آهي. مُئي پڇاڙان رحمت جو درياهه خاص طور سان جوش ۾ ايندو. رحم ڪرڻ هنجي ذاتي صفت آهي. هو دنيا ۾ رحمان آهي ۽ آخرت ۾ رحم آهي.

سج، چنڊ، تارا، زمين، پاڻي، هوا، روشني ڪنهن به عمل کان سواءِ انسان کي عطا ڪيا ۽ انسان کي انساني صورت ڏيئي پنهنجو روح هن ۾ ڦوڪيو ۽ اهڙي ريت آدم جي اولاد کي پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان ساري مخلوقات ۾ بزرگ ۽ برگزيده ڪيو ۽ ساري ڪائنات کي انسان جو تابعيدار بڻايو ۽ هن جي واسطي بيشمار نعمتون پيدا ڪيون ۽ هنکي جسماني ۽ روحاني طور سان نوازيو پنهنجي نوازش سان، سو اٿئي رحمان. جڏهن ڪنهن عمل ڪرڻ ڪانسواءِ هن انسان تي متين ريت پنهنجي رحمت ۽ محبت جي بارش ڪئي آهي تڏهن اهو انسان جڏهن ڪو نيڪ عمل ڪري هنجي حضور ۾ حاضر ٿيندو تڏهن هن جي رحمت ۽ محبت جو صحيح ڪاٿو ڪرڻ قياس کان ٻاهر آهي. هنجي ظاهري ۽ باطني رحمتن جو شمار ڪرڻ ناممڪن آهي. هِن جهان ۾ به هنجي رحيم هئڻ جو هڪ مثال پيش ڪري سگهجي ٿو. جيئن ته :–

ڦڙيءَ مان تلاءُ، قطره مان درياهه، بوند مان بحر، چڻدن مان ڦوهارو، رائيءَ مان پنيون ۽ باغات، داڻي مان درخت ۽ درخت مان جهنگل، ٻاڦ مان دونهون، دونهن مان بادل ۽ بادل مان برسات، ڪٽي مان ڪاسو ۽ ڪاسي مان خراڙ رتيءَ مان سير ۽ سيرن مان مڻ، ذري مان پرزو ۽ پرزن مان ڪائنات، پل مان ساعت ۽ ساعت مان زمانو بي پايان، ڇٽي مان پهاڙ ، واريءَ مان بيابان، ٻڙيءَ مان پدم، ڪائي مان ڪروڙ نقطي مان ڪتبخانا، هڪ مان هزار، هزارن مان عدد لاتعداد، ڦوڪ مان هوا ۽ هوا مان طوفان، پساهن مان ساهه ۽ ساهه مان حيات، اهو آهي رحيم ۽ ڪريم. هنجي رحمت کان ڪڏهن به مايوس نه ٿيو. پر هن جو غضب به بي پايان آهي، توهان رحمت جي طرف وڌو ۽ عذاب کان پري رهو. قلندر هن جي غضب کان بچڻ لاءِ جهان جو خوشيون پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيون. آخرت جي ڳالهين جي توهان کي کهڙي خبر. دنيا سٽل آهي، جڏهن مرندي تڏهن سڄاڳ ٿيندي. اسان مرڻ کان اڳ مري چڪا آهيون تنهنڪري سڄاڳ آهيون.

## سنڌ جي نوجوانن اُٿي سڏ!

سنڌ جا نوجوانو! سجاڳ ٿيو. پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪريو. خدا جي درگاه نااميديءَ جي درگاه نہ آهي. هزارين گناه ڪيا هجنوَ تڏهن بہ توبہ ڪريو. جن توبہ ڪئي سي سجاڳ ٿي ويا. انهن جي واسطي رحمت جا دروازا هميشه ڪليل آهن. خدا جي رحمت توهان تي رحم ڪرڻ جي لاءِ بيقرار آهي. پر توهان پنهنجي قوم تي رحم ڪريو. توهان انسان ذات تي رحم ڪريو. جيڪي رحم ڪندا تن تي رحم ڪيو ويندو. جا نيڪي ۽ رحمت پنهنجي واسطي گهرو ٿا سا ئي پنهنجي قوم لاءِ گهرو. توهان مان ڪوبہ پورو ايماندار نہ ٿيندو جو پنهنجي قوم لاءِ ۽ انسان ذات لاءِ خاص خدا جي خوشنوديءَ خاطر ساڳي شيءِ پسند نہ ڪندو جا پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو. دنيا عمل جي جاءِ آهي، عمل ڪريو ۽ پنهنجي قوم ۾ عمل جو روح ڦوڪيو. چڱي امت اُها آهي جنهن جا عمل چڱا آهن. توهان تڏهن زنده سمجهيا ويندؤ جڏهن پنهنجي قوم کي زنده ڪندؤ. دنيا ۾ سڌريل اهو آهي جنهن جي قوم سڌريل آهي. توهان جيڪڏهن پنهنجي عزت گهرو ٿا تہ پنهنجي قوم کي عزت جي لائق بڻايو. علم ۽ اخلاق سان پاڻ کي ۽ پنهنجي قوم کي اعليٰ ۽ افضل بڻايو. هزارن جي تعداد ۾ ڪاهي پئو پنهنجي قوم ۾، ۽ انهن جي اصلاح ڪريو. پنهنجي قوم جو نالو روشن ڪريو تہ توهانجو نالو روشن ٿئي. حزب الله جي پروگرام تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو.

سنڌي مسلمانن کي مشرق ۽ مغرب جي رهنمائي ڪرڻي آهي. مايوسي ڦٽي ڪريو، نااميدي ڇڏيو، ڊپ ڇڏي ڏيو. غير خدا کان ڊڄڻ ڪفر آهي. مايوسي حرام آهي، خدا جا ٿي وڃو. جي خدا جا ٿيندا آهن، سي مخلوق جي خدمت ڪندا آهن ۽ مخلوق جا مخدوم ٿيندا آهن. جهان سارو خراب ٿي رهيو آهي. توهان جي قوم خراب ٿي رهي آهي. اُٿو! هوشيار ٿيو، بيدار ٿيو ۽ پنهنجي قوم مان خرابيون دور ڪريو ۽ محمدي پيغام جا پاسبان ٿي وڃو!!

روزانه " سنڌ " ڪراچي، اربع 4 آگسٽ 1948ع

❊

# روزي جو فلسفو

رمضان شريف خير سان آيو ۽ گذري ويو ۽ عيد مبارڪ بہ خير سان موڪلائي ويئي. راز و نياز جو مهينو آيو ۽ وري موتي انهن وٽ ايندو جي ٻارهن مهينن تائين جيئرا رهندا. هر روز دنيا بدلجي رهي آهي ۽ دنيا ۾ نئين دنيا قائم ٿي رهي آهي. فاني دنيا ۾ جاوداني زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ قومن جي وچ ۾ جدوجهد جاري آهي. روزن جو هر روز روز افزون برڪتن جي نزول جو باعث آهي. جسماني ۽ روحاني صحت ۽ تراوت ۾ اضافو ڪندڙ آهي. قلندرن لاءِ آهي تہ عيد، نہ تہ روزو. يا آهي تہ روزو نہ تہ عيد. جي دل جو دروازو بند آهي تہ اسان لاءِ روزو آهي، جي کليل آهي تہ عيد آهي. قبض ۾ روزو آهي ۽ بسط ۾ عيد آهي. رزق جا سڀ دروازا کليل هوا، احد جو جبل ڪيميا ۾ بدلجي وڃڻ لاءِ تيار هو، تڏهن بہ روحانيت جو شهنشاهہ ڪڏهن ڪڏهن پيٽ تي پٿر ٻڌي ڇڏيندو هو. قلندرن انهن پٿرن کي پنهنجي گچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو ان لاءِ تہ انهن جو ڪنڌ سدائين سائينءَ جي حضور ۾ جهڪيل رهي. انهن جا گوڏا ابدي رڪوع ۾ رهڻ ۾ مونا طورسينا سدا سنياسين جو سير ڪندا رهن. ماڻهو اشياءِ خوردني جو روزو رکن، پر اسان خيالن، ڪنن، اکين ۽ زبان جو بہ روزو رکون. چشم بند و گوش بند و لب بہ بند، گر نہ بيني سر حق برما بہ خند. اندر ۾ ڪورو ڪامي پر ٻاهر ٻاق نہ ڪيون. ڪو رازدار نہ رهيو آهي پوءِ دل جو راز اورڻ اجايو آهي. غمن جا دريا ۽ سورن جا پهاڙ سيني ۾ ساڳي ريت پوشيده آهن. جهڙي ريت روح تن جي اندر يا جهڙي ريت مولا پاڻ کي عالم ۾ پوشيده رکيو آهي.

هو منهنجو راز آهي ۽ آءٌ هن جو راز آهيان. گل بيڪار ٿي ويندو آهي جيڪڏهن راز جي خوشبوءِ هن مان اڏامي وڃي: جڏهن قوم همنوا نہ هجي، جڏهن فضا بي نُور هجي، جڏهن انسانيت جو زوال هجي، جڏهن قوميت جو ڪال هجي، جڏهن وطن جي محبت ايمان جو جزو نہ هجي، جڏهن عالم مان اخلاق اڏامي وڃي، جڏهن دل ۾ همدردي نہ هجي، جڏهن عقل جو ڏيوالو هجي، جڏهن مردم شناسي ۽ قدر شناسيءَ جا معيار اونڌا ۽ ابتا ٿي وڃن، جڏهن علم ۽ حلم جي عالم ۾ خلل پيدا ٿي وڃي، جڏهن اشرفين، سون ۽ چانديءَ جي صندوقن ۾ رهبرن ۽ مرشدن جي تلاش ڪئي وڃي، جڏهن خزانن ۽ ناڻن تي ڪارا نانگ ڦڻ ڪڍيو ويٺا هجن، ٻوڏون ڪروڙن جو نقصان ڪن، زلزلہ عاليشان عمارتن جا نشان مٽايو ڇڏين، باهيون شهرن جا شهر چٽ ڪيو ڇڏين، چور ۽ ڌاڙيل لکين لُٽيندا رهن ۽ منهنجي قوم جي دولتمندن کي اهو سڀ ڪجهہ منظور هجي پر الله جي واٽ ۾ قوم جي ناليءَ ۾ مون قلندر کي ڪو ڪوڏي بہ نہ ڏيندو هجي، تڏهن آئون سال جا ٻارهن مهينا روزا نہ رکان تہ ڇا ڪريان؟ اسان پنهنجي هستي مٽايو ويٺا آهيون تہ قوم جو مرتبو بلند ٿئي. اسان آزاد ملڪ ۾ بہ قيد ۽ نظربند آهيون. جهڙي ريت داڻو خاڪ ۾ بند ٿي گل ۽ گلزار ٿئي ٿو تهڙي ريت اسانجي قوم جو بخت بالا ۽ بلند ٿئي، جنهن قوم ۾ ڪو قلندر نہ آهي سا مسڪين، ڪنگال ۽ خدا کان ڏور آهي. خاتون جنت کان ڪنهن زڪوات جو مسئلو پڇيو. جواب ڏنائين تہ مالدار تي چاليهہ سيڪڙو ۽ اسان تي سؤ سيڪڙو! ساڳي ريت اي عيد جي خوشين ڪرڻ واري قوم! توهان تي ٽيهہ روزا فرض آهن پر حقيقي قلندرن لاءِ سال جا ٻارهن ئي مهينا روزا آهن. اسان پنهنجي ديس ۾ پرديسي آهيون، آزادي ۾ قيد آهيون. اوهانجي واسطي عيد آهي، اسانجي واسطي پنهنجي يار کان جدائيءَ تي غم ۽ ماتم آهي، ڪراچي ڪالهہ ديس هو اڄ پرديس آهي ۽ مست قلندر پرديس مان سيني سنڌ واسين کي بانسي عيد مبارڪ چوٿو:

هماري شام غربت په بهي دو آنسو بها دينا
يه صبح عيد ياران وطن تم ڪو مبارڪ هو.

روزانہ ” سنڌ “ ڪراچي 13 آگسٽ 1948 ع

# قيامت

خبر نہ آهي تہ توکي ڪهڙي ڳالھ قيامت کان منڪر ڪيو آهي؟
آفتاب جي حرارت گهٽجي رهي آهي، چنڊ جي روشني ذرد ٿي رهي آهي، ائٽم بم جا ٺاهيندڙ دعويٰ ڪري رهيا آهن تہ ساري انسان ذات کي ختم ڪري سگهن ٿا، عالمگير جنگ جون تياريون ٿي رهيون آهن، سورج جي ڪرڻن جي مدد سان ساري جهان کي فنا ڪرڻ جي ڪوجنا ٿي رهي آهي، قومن کي برباد ڪرڻ لاءِ هيبتناڪ هٿيار ايجاد ٿي چڪا آهن، بارودي هوائي جهاز هڪڙي هفتي جي اندر ساري زمين جي جاندارن جي جان وٺڻ لاءِ تيار آهن، برقي عناصر تي انسان جو قبضو قائم ٿي چڪو آهي، پاڻي ۽ هوا ۽ زمين ۾ بجليءَ جا بادل ۽ بخار ۽ غبار انساني حڪمن جي تعميل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چڪا آهن، ڪٽي ٻوڏون ، ڪٽي زلزلا، ڪٽي ٻرندڙ جبل، ڪٽي طوفان، ڪٽي وچڙندڙ بيماريون آباديون ويران ڪري ڇڏين ٿيون. **انسان** تهذيب جي دعويٰ جي باوجود خونخوار حيوان بڻجي چڪو آهي. قومن جو ڪاروبار شيطان جي حڪمن موجب هلي رهيو آهي، پر تون عجيب نادان آهين جو اڃا تائين قيامت کان بي خبر بلڪ انجو منڪر ٿيو ويٺو آهين.
توکي عجب لڳي ٿو تہ مردا ڪيئن زندھ ٿيندا؟ اڙي نادان! جنهن ڳالھ کي تون سائنس جي خلاف سمجهين ٿو اها سائنس تہ توکي سبق سيکاري ٿي تہ دنيا ۾ ڪابہ شيءِ فنا نہ ٿي ٿئي، پر پنهنجي صورت بدلائيندي رهي ٿي. تنهنجو آواز محفوظ ۽ فوني جي رڪارڊ ۾ بڌي ۽ ٻڌائي سگهجي ٿو. تون سينيما جي پردي تي پنهنجو روئڻ، کلڻ، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ نقل ڪرائي ڏسي سگهين ٿو، بلڪ هزارن ميلن تي جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي سو ٻڌي ۽ ڏسي ۽ جيڪڏهن گهرين تہ پنهنجو فوٽو بہ ڪڍائي سگهين ٿو. اهي سڀ انساني ايجادن جون ڪرامتون آهن جنهن کان توکي انڪار نہ آهي. اڙي بيوقوف! جيڪڏهن انسان کي اها طاقت آهي جو تنهنجي زندگيءَ ۾ تنهنجي نقل و حرڪت، تنهنجي رفتار ۽ گفتار کي محفوظ رکي سگهن ٿا ۽ تون مري وڃين تنهن کان پوءِ بہ تنهنجا رڪارڊ، تنهنجا ڪارناما پردن تي ڏيکارندا رهن ٿا، تہ پوءِ ڇا تون خدا ۾ ايتري طاقت بہ نٿو سمجهين جو تنهنجي نقل و حرڪت جو رڪارڊ پاڻ وٽ محفوظ رکي سگهي جهڙي ريت تنهنجي قول ۽ فعل جو جسم سينيما جي پردن تي حرڪت ڪندو رهي ٿو تهڙي ريت تنهنجي اعمال جو جسم قبر ۽ قيامت ۾ بہ محفوظ رهندو ۽ رب جي حضور حاضر ٿيندو.
تنهنجو همزاد توسان گڏ آهي. جمڻ کان وٺي مرڻ تائين تنهنجي اعمال ۽ افڪار، حرڪات ۽ سڪنات جو جسم تنهنجي ظاهري جسم جي اندر ٺهي رهيو آهي جو توکي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي خواب ۾ بہ نظر ايندو آهي ۽ تنهنجي مُئي پڇاڻا پين کي بہ خواب ۾ نظر ايندو.
تون انب کائي ڇڏيندو آهين پوءِ بہ انب جو ڪوئلو ڳٽلي سميت سلامت رهندو آهي. تون زردالو کائي ڇڏين ٿو پر پوءِ بہ زردالو جو بادام پنهنجي بادامي سميت محفوظ رهندو آهي. ساڳي ريت تنهنجي مُئي پڇاڻان تنهنجي اعمال ۽ حرڪات ۽ سڪنات جو لطيف جسم پنهنجي روح سميت زنده رهي ٿو. حقيقت ۾ اهوئي

لطيف جسم آهي جنهن جا نادري حڪم ظاهري عضون کان ادا ٿين ٿا. اهوئي جسم آهي جو عذاب ۽ ثواب جو مستحق آهي.

” و هو تشنكم في مالا تعلمون “

اصلي انسان پنهنجي جسم جي اندر رهي ٿو ۽ نہ ان کان ٻاهر. اصلي پنج حواس تنهنجي باطني جسم جي اندر آهن ۽ نہ ان کان ٻاهر. نانگ پنهنجي ظاهري کل جي لاهي ڇڏڻ کان پوءِ مري ويندو آهي، پر زنده رهندو آهي. ساڳي ريت تون بہ پنهنجي ظاهري جسم جي دفن ٿي وڃڻ کانپوءِ مري ٿتو وڃين پر افعالي جسم ۾ زنده رهين ٿو ۽ قبر ۽ قيامت ۾ سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ موجود رهندين.

اي قبر ۽ قيامت، حساب ۽ ڪتاب جا منڪر! توکي تنهنجي فتويٰ موجب سزا ڏني ويندي. سائنس جي تحقيقات موجب دنيا جي ڪابہ شيءِ قطعي طور فنا نٿي ٿئي پر پنهنجي صورت بدلائيندي رهي ٿي. تون جنهن سائنس جو دلداده آهين تنهن سائنس جي تحقيقات موجب تنهنجو ڪوبہ فعل تنهنجي ڪابہ حرڪت تنهنجو ڪلام فنا نٿو ٿئي پر فضا ۾ لطيف غبار جي صورت اختيار ڪري ٿو ۽ هترادو جوڙيل مشين ۾ پنهنجي اصلي ماهيت ۽ روپ ۾ محفوظ رکي سگهجي ٿو. توکي پڇڻ جي ڪا واٽ ڪانهي. تون پنهنجي بدن جي اندر قيد ۽ نظربند آهين. تنهنجو ظاهري بدن فقط هڪ ڦوڳ جي برابر آهي يا انب جي سواد جي برابر آهي جو ڪاچي فنا ٿي وڃي ٿو. پر تنهنجو اصلي وجود انب جي ڪوڪلي وانگر محفوظ آهي. تون ڦوڳ ٿي ڦندجي ويٺو آهين. اهو ڦوڳ دريا جي حباب يا ڦوڪڻ يا بد بدن وانگر آهي جي هوا جي نڪري وڃڻ کانپوءِ وري دريا ۾ ملي وڃن ٿا. ۽ اهو دريا ئي آهي جو حباب جو اصلي وجود آهي. ساڳي ريت تنهنجو هي جسم پنهنجي اصلي وجود جو حباب يا ڦوڪڻو آهي ۽ پساهن جي هوا نڪري وڃڻ کانپوءِ تون پنهنجي اصلي وجود جي اندر سمايل رهين ٿو. اصلي جسم ساڳي طرح ظاهري جسم جي پٺيان پوشيده آهي جهڙي ريت روح اصلي جسم جي پٺيان پوشيده آهي.

پنهنجي قول ۽ فعل ۽ تحرڪ سان انسان پنهنجي زندگيءَ جو احوال خود لکندو رهي ٿو. هن جي اعمال جو ڪتاب ساڳي ريت محفوظ آهي جهڙي ريت ڪنهن مصنف جي تصنيف ۽ هنجو پنهنجو لطيف بدن ان ڪتاب جي هر واقعي جي تصديق ڪندو، نہ فقط قبر ۾ پر قيامت ۾ بہ.

اڙي نادان! تون منهنجو وڏيڪ وات نہ کولاءِ تنهنجي اقرار مان انڪار تعبير يا ترديد تي خدا جي قدرت يا قدرت جي قوانين جو دارومدار نہ آهي. گل جي هر هڪ پتي، وڻ جو هر هڪ پتو، برسات جي هر هڪ بوند، آفتاب جو هر هڪ ڪرڻو، چنڊ جي چمڪات، هوا جو سوسات، دريا جي لهر، بادل جي گجگوڙ، تارن جي چلڪات، بيابان جو هرهڪ ذرو، گلستان جو هر هڪ ٻوٽو، ڪيت جون لڏندڙ شاخون، نسيم سحر، باد صباح، شام جي هير، خزان جو تاراج منظر، بهار جون سرسبزيون ۽ گلڪاريون، ٻوڏن جون تباھ ڪاريون، طوفان جون بربادين، برندڙ جبلن جون آتش فشانيون، اونداهي رات جون لطافتون، گرمي جون شدتون، سردي جون سختيون، بلبل جو سوز و گداز، ڪوئل جو مٺو راڳ، سرندي جون نوا ساڙيون، رباب جون دلربايون، حيوانات ۽ نباتات جا نرالا رنگ، انسان ۽ حيوان جون نراليون ٻوليون، دريائن جي اٿل، ڇولين جي اڇل، قلندر جي عشق جا شعلا، من جون مستيون، چيخ و پڪار، دل جي دانهن رسول عربيءَ ڏانهن، دوستن کان جدائي يا وصال، مرادن جو پورو ٿيڻ يا نہ ٿيڻ، عالمگير هاءِ هاءِ هو ۽ صدا ۽ تون ئي تون، انهن سيني صدائن ۽ ندائن، اميد

برآورين ۽ نامرادين، حادثن ۽ اتفاقن، رنگن ۽ روپن، راڳن ۽ گيتن، چيخن ۽ پڪارن، نظارن ۽ تماشن جي پٺيان ڪا هستي پوشيده آهي يا نہ!

جواب ڏي اي نادان ۽ شاهدي ڏي تہ آهي ۽ ضرور آهي ۽ توکي ضرور هڪ ڏينهن ان جي اڳيان پنهنجي اصلي ۽ حقيقي بلڪ نقلي ۽ ظاهري وجود سميت حاضر ٿي پنهنجي اعمال جو جواب ڏيڻو آهي.

روزانہ " سنڌ " ڪراچي، اربع 18 آگسٽ 1948 ع

*

# سنڌ جو سهڻو سرندو

اي سنڌ جا سهڻا سرندا! تنهنجي تارُن ۾ غضب جي ڪشش آهي. تنهنجو آواز آهي يا قيامت جو صور اسرافيل آهي. منهنجي تن جون تندون ٽٽڻ لڳن ٿيون، من مستيءَ ۾ مگن ٿيو پوي. هي سرد آهون، درد ڀريون دانهون، اکين ۾ شور، دل ۾ سوز، روح ۾ بيقراري، طبع ۾ بيخودي، هوش و حواس جو پرواز پاڻ کان پري ڀنهي جهانن کان دور دور، نه زماني جو احساس نه ڪائنات جي خبر، بيان کان ٻاهر، خيالن کان مٿي، هيءَ ڪهڙي ڪيفيت آهي، ڪهڙو حال آهي، وحدت ۾ جي وڍيا سي الله ڪيا اڏ. ڇا اها به ڪا دنيا آهي يا حالت آهي يا منزل آهي. جڏهن سارو جهان نُور ئي نُور ٿي وڃي، انسان نُور جي فضا ۾ بنا پرن جي پکيءَ وانگر اڏامندو رهي ۽ نُور جي دريا ۾ مڇيءَ وانگر ترندو رهي، ڇڻ ته هن جي سر تان تڪبير اچي ويئي، سسي ڏڙ کان ڏار ٿي ويئي، ساڳي ريت جهڙي ريت مولانا روم جي بانسري شڪايت جي حڪايت ڪرڻ لڳي ته جڏهن کان وڻي مونکي پنهنجي بنياد کان وڍي جدا ڪيو ويو آهي تڏهن کان وٺي نه فقط مون پي رنو پر مون سان گڏ سارو جهان منهنجي ماتم ۾ شريڪ آهي ۽ چئي رهيو آهي ته جڏهن ڪنهن کي سندس اصل کان جدا ڪيو ويندو آهي تڏهن هو وري وصل لاءِ تڙڦندو رهندو آهي، تنهن پٽاندڙ هي سنڌ جو سُريلو سُرندو پنهنجي تار جي هر هڪ ضرب سان ماري ٿو جياري ٿو، جدا ڪري ٿو ملائي ٿو. خوديءَ ۾ آڻي ٿو، بيخود ڪري ٿو، نشو لاهي ٿو ۽ چاڙهي ٿو. ۽ دنيا جو ٻيو ڪوبه واڄو سنڌي سُرندي سان مقابلو ڪري نٿو سگهي.

سُرندو نه فقط سيني سازن جو سرتاج آهي پر فقيرن ۽ درويشن جو به استاد آهي ۽ انهن کي نفي ۽ اثبات جا سير ڪرائيندو رهي ٿو. ماري جياري ٿو ۽ جياري ماري ٿو. هڪڙي نغمي سان ٻيڙو پار ۽ ست ئي افلاڪ ٽپيندو بندو، بنده نواز جي بارگاهه ۾ پهچي وڃي ٿو. جڏهن ساري ڪائنات رقص بي خودي ۾ چڪر لڳائندي رهي، تڏهن قلندر به بي ساختو بي اختيار ڪڏهن ڪامل فنا ته ڪڏهن ڪامل بقا ۾ پرواز ڪندو رهي ٿو.

آخرڪار زندگيءَ ۾ هاڻي ڪهڙو لطف بچي ويو آهي جو باقي پنهنجي رب جي طرف به رجوع نه ٿجي. دوست احباب موڪلائي ويا، جن سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪبيون هيون، جن سان دل جي احوال اورڻ ۾ ڪو عيب نه هوندو هو، جن جي دل اهڙي صاف ۽ شفاف هئي جهڙو جام جسم يا آئينه سڪندري. هو نهارين يا اسان نهاريون، هو اشارا ڪن يا اسان اشارا ڪريون، ته دليون پيئون ڳالهائين، جن خاموشي به هڪ گويائي هئي، سي ساٿيڙا ويا ۽ وڃڻ کي ويا ۽ اهڙي نظر هٽي ويا آهن جو پٽيان ڪوبه رهجي نه ويندو. جن جي دم سان اسانجي دنيا قائم هئي، سي ويا ۽ وري نه موٽندا. انهن جو وجود قوم لاءِ ۽ انسان ذات لاءِ سراسر رحمت هو، قلندر قوم قوم ڪندو هو ته هو شريڪ ٿي ويندا هوا، قلندر سان جنگ ۽ صلح ۾ شريڪ رهندا هئا، سي موڪلائڻ کي موڪلائي ويا. انهن جي دم سان دنيا زنده هئي، قوم زنده هئي، سنڌ زنده هئي.

انساني زندگي پنهنجي سفر جي آخرين منزل جي قريب پهچي چڪي آهي ۽ اهو وقت پري ڪونهي جڏهن زمين تي ڪابه جاندار شيءِ زنده نظر نه ايندي. جهڙي ريت هر انسان ۽ حيوان جي عمر مقرر آهي تهڙي ريت هر قوم جي به عمر جو فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ ساڳي ريت انسان ذات جي به عمر مقرر آهي. لکل قوم اصل غير رواجي حالتن کي ڇڏي باقي رواجي حالتن ۾ هر جاندار اول ٻاراڻي اوستا، پوءِ چوڪراڻي ٿهي، پوءِ نوجواني،

پوءِ ٻڍاپڻ وارين منزلن مان گذري موت جو لقمو ٿيندو آهي. انهن ساڳين منزلن مان هر قوم کي گذرڻو پوندو آهي ۽ مجموعي طور سان انسان ذات کي، ۽ ساڳي ريت هر ساهه واري شيءِ جو خاتمو ٿيڻ وارو آهي.

چا تون ڏسين ته زمين تي، زمين جي اندر ۽ زمين کان ٻاهر، پاڻيءَ تي، پاڻيءَ جي اندر خواهه پاڻيءَ کان ٻاهر هوا تي، هوا جي هيٺ، خواهه هوا کان مٿي، اتر ڏکڻ اوير ۽ اولهه ۾ ماديات ۽ عناصر ۾ غيب جي عالم ۾ جيڪي حيرت انگيز تبديليون ٿي رهيون آهن تن جو رخ ۽ رجحان اهوئي آهي ته ڪل ڪائنات کي مڪمل طور سان تباهه ۽ برباد ڪيو وڃي ۽ وجود جي عالم ۾ ڪنهن هڪ شيءِ کي به زندهه نه ڇڏيو وڃي.

انسان ذات جو سمورو وجود مريض ٿي چڪو آهي، ڪو هڪڙو مريض هجي جنهن جو علاج ڪيو وڃي. هي قيامت جون علامتون آهن. قيامت ڪبريٰ جي ڏينهن انسان ذات ٽن ٽولن ۾ تقسيم ٿي ويندي. ساڳي ريت قيامت صغريٰ يعني ننڍي قيامت دنيا ۾ ٿيڻ واري آهي. هندوستان جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، پاڪستان جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، فلسطين جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، جزيرة العرب جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، بنگال ۽ پنجاب ۽ آسام جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، سنڌ جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، ڪشمير جي رٿيل تقسيم جي چا معنىٰ آهي، جرمنيءَ جي تقسيم جي چا معنىٰ آهي، ترڪي ۽ ايران کي تقسيم ڪرڻ جي ڌمڪين ڏيڻ جي چا معنىٰ آهي، انڊونيشيا کي تقسيم ڪرڻ جي چا معنىٰ آهي، آفريڪا جي تقسيم ڪرڻ جي چا معنىٰ آهي، انسان ذات ٽن وڏين طاقتن ۾ تقسيم ٿي وڃي، ان جي چا معنىٰ آهي، رنگ روپ جي تڪرارن ۾ ذات پات جي عداوتن ۾ دين ڌرم جي قتل و غارت ۾ ٽن وڏين طاقتن جي حسد ۽ بغض ۾، ائٽم بم، زهريلي گيس ۽ وبائن پکيڙيندڙ جراثيم جي ايجاد ڪرڻ ۾ يهود ۽ عرب جي خوني جنگين ۾ ڪشمير ۽ حيدرآباد دکن جي ويڙهه ۾ چين، برما، ملايا، يونان ۽ حيدرآباد دکن جي سرحدن تي ڪميونسٽن جي ڪاروائن ۾ ڏڪارن، ٻوڏن، زلزلن، بليڪ مارڪيٽن ۽ رشوت خورين ۾ تقرير، تحرير ۽ خيال جي آزاديءَ کي نابود ڪرڻ ۾ ڪمزور انسانيت کي ڏڪويل، بکايل ۽ غلام ڪري رکڻ ۾. اهي سڀ واقعات ۽ حادثات جيڪڏهن قيامت قائم ڪرڻ جون علامتون نه آهن ته ٻيو چا آهي؟؟

روزانه " سنڌ " ڪراچي، آچر 22 آگسٽ 1948 ع

*

# قلندر جي سزا

اڄ دنيا ۾ ائٽم بم جي دهشت ڇانيل آهي. آمريڪا جي يُورن ڇپان جي فرعون کي ڪنڌ پر ڪيرائي ڇڏيو ۽ هن کي ماري مات ڪيو. ۽ اڄ آمريڪا فرعون کان به زور آهي ۽ نمرود کان به طاقتور آهي. جنهن قوم وٽ به بم گولا آهن. هڪ دولت جو بم ۽ ٻيو ائٽم جو بم- تنهن قوم جي دروازي تي سڀ قومون سوالي ۽ سلامي آهن. زمين پنهنجا خزانا کولي ڇڏيا آهن. آفريقا ۽ ايشيا ۾ سون ۽ چانديءَ جو فرش وڇائجي ويو آهي. نه فقط يورپ ۾ پر ايشيا ۾ به فلسطين کان وٺي نجد تائين سارو ميدان هيرن ۽ جواهرن سان پرجي ويو آهي. ڪو مٺ پري گرم ڪري، ڪو ڪيسا پري پر ڪري، ڪو صندوق ڀريو وڃي، ڪو خزينون لڏيو وڃي، ڪو موٽر هلائي ٿو، ڪو هوائي جهاز اڏائي ٿو، ڪو ٽرين ۾ سوار آهي، ڪو آبدوز ڪشتيءَ ۾، ڪو آگبوٽ ۾، ڪو فولادي ڪوٺن ۾، ڪو هوائي قلعن ۾، ڪو شاندار محلن ۾، چانديءَ جا برتن، سون جا پلنگ، موتين ڀريا تاج، هيرن سان سينگاريل تخت، زربفت جا رومال ۽ جبا، پئرس جون حورون، مارميلز جون وسڪيون، عطر ۽ خوشبويون، مسلم ملڪن جون ڪاٺيون ۽ خزانا، پر چاٻيون آمريڪا ۽ برطانيا جي هٿن ۾. اسلامي دنيا اسان جي، پر ان جو خزانچي فرنگي آهي، پيٽرول اسان جو پر پيٽرول جي زور تي بحر و بر ۽ فضا ۾ جهازن ٺاهڻ، ڦٽائڻ ۽ هلائڻ وارا فرنگي، زمينون اسانجون، ڪچو مال اسانجو، پر ڪارخانا فرنگيءَ جا. فوجون اسانجون پر عملدار فرنگيءَ جا. پرڳڻا اسانجا پر گورنر فرنگيءَ جا. آهيون آزاد پر برٽش ڪامنويلٿ ۾. آهيون هزمئجسٽي پر هوائي اڏا فرنگي جا آهيون. اسلام جا شيدائي پر لچڻ فرنگيءَ جا آهيون. مجاهد في سبيل الله پر هٿيار فرنگيءَ جا. آهيون عالم ۽ فاضل پر ڪاليج فرنگيءَ جا, آهيون اندر ۾ مسلمان پر ظاهر ۾ فرنگي.

ڏسو! اهي زماني جا عجيب انقلاب، ڪڏهن اسان استاد هئاسين ۽ يورپ شاگرد هو. اڄ اسان شاگرد ۽ هو استاد آهن. حڪمت مسلمانن جو ورثو آهي. حڪمت مسلمانن جي وڃايل ملڪيت آهي، جنهن کي هوا ۾ اڏامي ۽ دريا ۾ تري وڃي هٿ ڪري. علم اسانجو مقصد آهي. چين ۾ حاصل ٿئي ته چين ۾ وڃون. اهي محمدي فرمان آهن جنهن جا قلندر تابعدار آهن.

قلندر نه ڏکوئين نه رنجائين نه مارين، نه پنهنجي قدم کي مرڻ مارڻ ڏين. اسان تشدد کان پري پڇون، خونريزيءَ کان پرهيز ڪريون، مخلوق جا ڏک درد پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ٻنهي جهانن جو سير ڪندا رهون. ڪڏهن جبلن جي غارن ۾، ڪڏهن بيابانن جي پڌر ۾، ڪڏهن اوليائن جي درگاهن تي، ڪڏهن سنڌ ۾ ڪڏهن پاٽي پٽ ۾، ڪڏهن مسجدن ۾، ڪڏهن ميخانن جي دروازن تي، لڪندا وتون لوڪ ۾. اسانجي نه ڪنهن سان دوستي نه دشمني، پر تنهن هوندي به آهيون پنهنجي خدا ۽ قوم جا وفادار جي حڪم ٿئي ته ائٽم بم جي مقابلي لاءِ تيار آهيون. سنڌ اسانجي آهي، پاڪستان اسانجو آهي، هندوستان اسانجو آهي، سارو جهان اسانجو آهي، مشرق اسانجو، مغرب اسانجو، اسان خدا جا، ملڪ خدا اسانجو. پنهنجو فرض پورو ڪندا رهون ٿا. نه دوزخ جو خيال، نه جنت جي تمنا، نه ڊالرن جي طمع نه ائٽم بم جو الڪو.

قلندر بنا هٿيارن جي جنگ ڪندا آهن ۽ تيرن ۽ تفنگن ڪانسواءِ ملڪن جا ملڪ فتح ڪري وٺندا آهن. قلندري فتوحات تا قيامت قائم رهنديون. دريا اسانجو لشڪر آهي جنهن ۾ فرعون فنا ٿي ويو. فارڊ ڪچنر به لڙهي ويو. زلزلو اسانجي پلٽڻ آهي، جنهن قارون کي سندس خزانن سميت دفن ڪري ڇڏيو. مچر

اسانجو چوبدار آهي، جنهن نمرود کي ڪيرائي پٽ تي هنيو. اسانجي الله جي حڪم سان دريا خشڪي ٿي پوي ۽ خشڪي دريا ٿي وڃي، هوا طوفان ٿي دشمن کي پڇائي ڇڏي، خاڪ هوا ۾ اڏامي دشمن کي انڌو ڪري ڇڏي. اسان خاڪي بہ آهيون ۽ نُوري بہ آهيون، هر هنڌ پهچي وڃون ٿا. قلندرن جي اشارن سان قيصر ۽ ڪسرائن جي محلاتن ۾ شگاف پئجي ويا، ڪوٽ ۽ قلعا ڊهي پيا. ڇا توهان جو خدا ۾ ايمان آهي، ڇا توهان جي روح ۾ روحانيت آهي، ڇا توهانجي نيت ۾ اخلاص آهي، ڇا توهان جي اخلاق ۾ پاڪيزگي آهي، ڇا توهان جي دل ۾ خدا جو گهر آهي، ڇا توهان ۾ عدل ۽ انصاف آهي، ڇا من ۾ محمدي محبت آهي، ڇا الله سان عشق آهي، ڇا ظلم ستم ۽ حرام ڪان پري آهيو، ڇا يتيمن، بيواهن، غريبن، مسڪينن جو دل ۾ درد آهي.ڇا توهان وٽ صديقي صداقت آهي، عثماني سخاوت آهي، حيدري فقر آهي يا فقيريءَ ۾ اميري آهي. ڪٿي آهي مساوات ۽ اخوت، ڪٿي آهي حريت ۽ عدالت؟

اي خوبصورت محلاتن ۾ عياشين ڪرڻ وارؤ! درد وندن جي چيخ ۽ پڪار ڪان بي خبر بي پرواهہ رهڻ وارو!! قلندر ڏسي رهيا آهن تہ توهان جا تاج ۽ تخت اونڌا ٿيڻ وارا آهن. توهان جا قلعا ۽ محل ڊهڻ وارا آهن، توهان پنهنجي ائٽم بم سان پاڻ کي ختم ڪندؤ. توهان پنهنجي ظلم سان پنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي وهائي رهيا آهيو، توهان پنهنجي شرابي تهذيب ۾ غرق ٿيڻ وارا آهيو، توهانجي بي حيائي توهان کي انسان مان حيوان بڻائي ڇڏيو آهي. ترسو! ترسو! باز اچو، باز اچو، توبہ ڪريو، رجوع ٿي وڃو پنهنجي خدا جي طرف، رشوتون بند ڪريو، ڪوڙ ۽ ٺڳي ڇڏي ڏيو، قلندر جي صدا سُڻو! الله جا ٿي وڃو، پوءِ الله توهانجو ٿي ويندو. پوءِ جنهن واسطي الله آهي، تنهن واسطي سارو جهان آهي. پوءِ نہ توهانکي باهہ ساڙي سگهندي، بلڪ توهان لاءِ گلزار ٿي ويندي، نہ ائٽم بم توهانجو وار ونگو ڪري سگهندو، بلڪ قلندر جي دعا سان موٽي انهن تي پوندو جي توهان تي ظلم ڪرڻ ٿا گهرن! قلندر مست مست قلندر.

روزانہ " سنڌ " ڪراچي، اڱارو 24 آگسٽ 1948 ع

*

# ڪک هيٺان لک

توکي ڪهڙي خبر تہ ڪکن هيٺان ڪو لک لڪل آهن. پوٽن جي پويان ڪو شينهن ستل آهي. زمين جي هيٺان ڪو خزانو ڏٽيل آهي. دريا جي اندر ڪو موتين جو فرش وڇايل آهي. ڪائنات جو هر ذرو اسرارن سان ڀريل آهي. مٽيءَ ۾ ڪا ڪيميا رکيل آهي. پاڻيءَ ۾ بجلي لڪل آهي. قاتل ڪپڙن وارو ڪو دل جو بہ قتيل آهي. جو خاڪ ۾ پيو آهي سو آسمان جو سير ڪري رهيو آهي. اڙي جاهل تنهنجي آواز جي برقي رفتار آهي، تنهنجي آه عرش عظيم تائين پهچندڙ آهي، تنهنجو وجود ڪرامتن جو مرڪز آهي، تون خدا جو زنده معجزو آهين، جنهن توکي اپايو آهي، نپايو آهي، پاليو آهي سو توتي فخر ڪري ٿو، توسان عشق رکي ٿو. حيف آهي تنهنجي حال تي جو تون عشق جو حق ادا نٿو ڪرين. تون هوش ۾ عقل ڏار، علم حاصل ڪر ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻ، نافرمان ۽ نمڪ حرام نہ ٿي، محبت جو حق ادا ڪر، شرم ڪر، حيا ڏار، تون پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿو. تون پاڻ کي فرمانبردار بنده چوائين ٿو، **تون پاڻ کي سنڌي سڏائين ٿو. آخر ٻڌاءِ تہ سهي، توسنڌ لاءِ ڇا ڪيو آهي، ڪهڙي تو ۾ قوميت آهي، ڪهڙي تو ۾ وطنيت آهي، ڪهڙي تو ۾ اسلاميت آهي، تون ڪهڙي درد جو علاج آهين، تون ڪهڙي مرض جي دوا آهين، ڪهڙو تو ۾ ڪمال آهي، ڪهڙي تو ۾ فضيلت آهي، ڪهڙي تو ۾ تهذيب آهي، ڪهڙو تو ۾ اخلاق آهي. آخر تون ٻڌاءِ تہ تو پنهنجي قوم لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ تون غريبن جو رت چوسي وڏو ٿيو آهين. توکي پنهنجي دولت تي ناز آهي. ڇا اها دولت تو وٽ رهندي، تنهنجي ٻچن وٽ رهندي ۽ ڪيترا ڏينهن رهندي، جڏهن سنڌي مسلمانن ۾ ٩٥ سيڪڙو جاهل ۽ مسڪين هجن، پوءِ بہ تون دعويٰ ڪندو رهين ٿو تہ تنهنجي سموري حياتي سنڌ جي مسلمانن جي خدمت ڪرڻ ۾ خرچ ٿي چڪي آهي، تو خاڪ انهن جي خدمت ڪئي آهي، جڏهن تو ساري قوم کي بي دين، جاهل، بد اخلاق، مسڪين، مريض ۽ غلام ڪري رکيو آهي. جنهن شخص جي قوم بک، بيمارين، جهالت، مسڪيني، بد اخلاقي، بدڪاري، بيڪاريءَ ۾ پئسي جي نہ هئڻ سبب مبتلا هجي، جنهن شخص جي قوم وٽ پئسي نہ هئڻ سبب نہ عملي ڪتاب هجي، لٽريچر نہ ماهوار رسالا، نہ روزانہ اخبارون هلائي سگهي ۽ نہ پنهنجي مذهبي ۽ اخلاقي ۽ مالي حالت بهتر ڪري سگهي، سو پنهنجي شخصي ۽ خانداني ضرورتن کان ٥ پيرا وڌيڪ پاڻ وٽ دولت رکيو ويٺو آهي تہ پوءِ اهڙو شخص جيڪڏهن اسلامي لغت ۾ مسلمان آهي ۽ انساني لغت ۾ انسان آهي تہ پوءِ نہ دنيا ۾ ڪافر ڪافر آهي ۽ نہ حيوان حيوان آهي. سنڌ ۾ جڏهن ان قسم جا انسان مسلمان قوم جا رهبر هجن تہ پوءِ قلندر جي دل مان اهڙن ماڻهن لاءِ ڪهڙي دعا نڪري سگهندي؟**

مسلمانن کي خدا، ڪهڙي خدا وندي مشن جي پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي؟ شاه عبداللطيف سنڌ ۾ چو پيدا ٿيو؟ قلندر سنڌ ۾ چو پنهنجو ديرو ڄمايو؟ اندس ماٿريءَ جي ڪهڙي علائقي ۾ اصحابن سڀ کان اول قدم رکيو؟ هندوستان کي اسلام جو فيض ڪٿان حاصل ٿيو؟ بايزيد بسطاميءَ کي روحاني فيض ڪٿان نصيب ٿيو؟ عبدالقادر جيلانيءَ جو پوٽو چو سنڌ ۾ مدفون ٿيو؟ قرآن جا مفسر چو هتان اٿيا؟ مذهبي درس ۾ ڪنهن جا ڪتاب داخل ٿيا؟ تصوف جا چشما ڪٿان جاري ٿيا؟ چو اڪبر سنڌ ۾ ڄائو؟ چو شيرشاهه سوري ملتان مان نڪري نروار ٿيو؟ چو بلگرامي سادات سنڌ ۾ وارد ٿيا؟ بيربل ۽ ملافيضي ڪٿي جا رتن هوا؟ شاهه اسماعيل دهلوي چو سنڌ مان جهاد جاري ڪئي؟ حرمين شريف، بغداد، دمشق ۽ قاهره جي مدرسن ۾ ڪنهن درس ڏنو؟ ڇا سنڌ جي سرزمين عرب جو حصو آهي يا ايشيا جو مرڪز آهي؟ چو خلافت جو غلبو سنڌ مان اٿيو؟ ڪنهن هجرت جي هل چل هلائي؟ ڪنهن ترڪ موالات جي تجويز پيش ڪئي؟ ڪنهن پاڪستان جي صدا بلند ڪئي؟

اي سنڌ جا مسلمان! تون ٻڌاءِ ته سهي ته ڇا تون به مسلمان آهين؟ڇا تنهنجي روح به حجازي هير جي وچ ۾ پرورش پاتي آهي؟ تنهنجي من ۾ محمدي محبت جي ڪارتي بچي ويئي آهي؟ ڇا تنهنجو وجود به تصوف جي خزانن جو امين آهي؟ ڇا تون به عملي ڪمال ۾ دنيا ۾ ڪو نالو ڪڍيو آهي؟ ڇا وڏن جي ورثي مان توکي به ڪو حصو مليو آهي؟ ڇا اڄ به تون دنيا جي ڪنهن يونيورسٽي جو استاد ۽ پروفيسر آهين؟ آهي تنهنجو ڪو لکيل ڪتاب دنيا جي ڪنهن درس ۾ داخل؟ اڄوڪي لٽريچر ۾ توکي به ڪو حصو حاصل آهي؟

پريشان نه ٿي اي برادر! تنهنجو مستقبل اڃا به روشن ٿي سگهي ٿو. اڄ مان تون پنهنجو سياڻي ٿاهي سگهين ٿو. امروز کان تنهنجو فردا مون کي وڌيڪ عزيز آهي، دنيا ۾ بادخزان جي حملن کان ڪوبه پاڻ کي بچائي نه سگهيو آهي، پر تنهنجي بهار اچڻ واري آهي، تنهنجو ستارو روشن ٿيڻ وارو آهي،تنهنجو خمير ۽ ضمير ٻئي فطرت تي قائم آهن. تو ۾ اڃا تائين سادگي ۽ سچائي ۽ اخلاص جون صلاحيتون موجود آهن، تو ۾ هيرا موتي لعل لڪل آهن. جيڪڏهن پاڪستان کي ڪراچي جي ضرورت آهي ته سموري مشرق کي سنڌ جي ضرورت آهي. تنهنجي زبان فطرت جي ترجمان آهي، تنهنجو قلب فرشتن جي منزل گاهه آهي. تون منزل جي ويجهو پهچي ويو آهين، تون سستي نه ڪر، همت نه ڇڏ، حوصلو ڏار، وک وڌاءِ، منزل مقصود بلڪل قريب آهي، بخل نه ڪر، بي ايمان نه ٿي، جهالت ڇڏي ڏي، اخلاق درست ڪر، علم حاصل ڪر ۽ عمل به ڪر، اخلاق پيدا ڪر، پوئتي نه پؤ، پٽيان نهار، واٽ تي جبل اچي، ٿڏيندو وڃ، بيابان اچي لتاڙيندو وڃ، دريا اچن پار لهندو وڃ، لالچون اچن ته ڏيان نه ڏي، فولادي ارادو ڏار، عزم راسخ رک، نظر بلند رک، پنهنجي قوم جي دل وٺ ۽ هن کي غار مان ڪڍي ٻاهر ڪر، سنڌ جي ريگستان کي گلستان بڻائي ڇڏ ۽ تون ان گلستان جو هڪ گل گلاب جو آهين. تون پنهنجي خوشبوءِ سان ساري پاڪستان کي خوشبودار ڪري ڇڏ. تون مرد مجاهد آهين. جنهن نفس کي ماريو تنهن دشمن کي ماريو، جنهن نفس کي سڃاتو تنهن رب کي سڃاتو، جنهن نفس کي تابع ڪيو تنهن شينهن ۽ هاٿين کي به تابع ڪيو، جنهن نفس سان جنگ ڪئي تنهن فرعون ماري مڃايو. جنهن نفس کي شڪست ڏني تنهن شيطان کي شڪست ڏني، جنهن نفس کي مطيع ڪيو تنهن جنن ۽ فرشتن کي مطيع ڪيو، جنهن نفس تي قبضو ڪيو تنهن سيني عناصرن تي قبضو ڪيو.

اهڙو اڪيلو مجاهد فوجن کي پڇائي ڪيندو، هوا جو رخ ڦيري سگهندو، بندوقن جون گوليون، توبن جا گولا، ائٽم بم جا شعلا، هن جي حڪم سان پاڻي ٿي پوندا، محمدي محبت جا ماريل هرگز ڪين مرندا، اهي جُڳ جُڳ جئرا رهندا. هي جهان ۽ انهن جو آهي، تون توبهہ ڪر، سجاڳ ٿي، قلندري دعوت قبول ڪر، ۽ مرد مجاهد ٿي وڃ، اي سنڌ جا مسلمان!

روزانہ " سنڌ " ڪراچي، آچر 29 آگسٽ 1948 ع

*

# مجاهد جو موت

مجاهد کٽ تي مري يا پٽ تي، گهر ۾ مري يا ميدان ۾، صلح ۾ مري يا جنگ ۾، بيماري ۾ مري يا اوچتو مري، پر هو مرڻ سان تئو مري، هو بلڪل زنده آهي. موت هن جي لاءِ شهادت آهي ۽ حيات جاوداني آهي. هو مُئي کان پوءِ بہ پنهنجي قوم جو سرتاج آهي. هن جي شهادت قوم جي زندگي آهي ۽ قوم جي نجات آهي.

نامعلوم شهيدن جي قربانيءَ تي ملت جي زندگيءَ جو دارومدار آهي. جنهن مسلمان جي دل ۾ شهادت جي تمنا نہ آهي سو حيوان کان بدتر آهي. جو خدا جي واٽ ۾ لڙي مري ٿو، انسانيت ۽ عدل خاطر مري ٿو، وطن جي آزادي ۽ قوم جي حفاظت لاءِ مري ٿو، مظلومن ۽ مسڪينن جي مدد لاءِ مري ٿو، بدڪارين ۽ براين جي پاڙ پٽڻ لاءِ مري ٿو ۽ خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ مري ٿو، سو شهادت جو درجو حاصل ڪري ٿو.

هو مُئي ڪانپوءِ پنهنجي رب جو معزز مهمان ٿي رهي ٿو. بلبل مفتون ۽ مستاني ٿي وڃي ٿي تهڙي ريت هي بهشت جو پرندو پنهنجي رب جي احسانن ۽ انعامن تي مستومست مدام رهي ٿو. ميزبان تي قربان، هو فرشتن جي محفل ۾ رهي فرشتن وانگر پر لڳائي پرواز ڪري ٿو.

خدا خود قرآن ۾ ايماندارن، نيڪوڪارن، پرهيزگارن ۽ سچ تان صدقي ٿيڻ وارن سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو آهي، خداوندي محبت جي مقناطيسي ڪشش ۽ اثر کان هڪ معدنيات جو پتلو ڪهڙي ريت پاڻ بچائي سگهندو؟ آهي ممڪن پرواني لاءِ تہ پاڻ کي باهہ جي ڪشش کان بچائي سگهي؟ تون پنهنجي جهان جي رازن کي پوري طرح سان پروڙي نہ سگهيو آهين، سو تون ڇا سمجهي سگهندين عشق ۽ محبت جي دنيا کي!

مولا جي واٽ ۾ بهشت بہ هڪ منزل آهي ۽ دوزخ بہ هڪ منزل آهي. هڪڙي منزل آهي نيڪوڪارن ۽ ٻي بدڪارن لاءِ، تون آهين پنهنجي جنت ۽ جهنم جي ٺاهڻ وارو. هڪڙي منزل مولا کي قريب آهي ۽ ٻي دور آهي. هڪڙي انعام جي جاءِ آهي ۽ ٻي سزا جي جاءِ آهي. انعام وٺي تون روحاني ترقي ڪندو رهندين ۽ آخرڪار مقربن ۽ فرشتن جي مجلس تائين پهچي ويندين ۽ سزا ڏيئي تنهنجي اصلاح ڪئي ويندي.

دنيائون خدا جون لکين ۽ ڪروڙين رات جو تنهنجي نظر اڳيان تارن وانگر چمڪنديون رهن ٿيون. انهن دنيائن جي وجود کان توکي انڪار نہ آهي ڇاڪاڻ تہ گهٽ ۾ گهٽ تون انهن کي اکين سان ڏسي سگهين ٿو. اگرچ اها بہ حقيقت آهي تہ انهن دنيائن جي اصلي حقيقتن ۽ حالتن جو توکي ڪو علم ڪونهي. اڙي نادان! تون يقين ڄاڻ تہ انهن دنيائن جي پٺيان ڪي ٻيون بہ دنيائون آهن جن جي حقيقت بہ اجا تائين توکان ڳجهي رکي ويئي آهي ۽ جي مئي پڇاڻان توکي ڏسڻ ۾ ايندي‌ون.

تون عجيب نادان آهين جو پنهنجي جهان جي انعامن ۽ سزائن ۾ ايمان رکين ٿو پر جو جهان تو اجا نہ ڏٺو آهي، ان جي انعامن ۽ اڪرامن، سزائن ۽ جزائن ۾ ايمان نٿو رکين.

تون اندو آهين ۽ زنده در گور آهين. تنهنجو جهان هڪ شاهي قبرستان آهي. تنهنجو اصلي جهان ٻيو آهي، جتان تنهنجي ڏاڏي آدم کي قيد ڪري هيڏانهن موڪليو ويو آهي. تنهنجو مثال ان قيديءَ وانگر آهي جنهن

ڪي جڏهن جنم ٽيپ جي سزا ختم ڪرڻ ڪانپوءِ جيل مان آزاد ڪيو ويو تڏهن هو زارو زار روئي چوڻ لڳو ته مونکي جيل مان ٻاهر نه ڪيو. تنهنجي واسطي به سزا جو مدو مقرر آهي ۽ ان جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ توکي موٽي پنهنجي وطن وڃڻو آهي. تون ۽ تنهنجا عزيز پنهنجو اصلي وطن وساريو ويٺا آهن، هن جهان جي جيل سان انهن جي دل لڳي ويئي آهي پر مجاهد في سبيل الله پنهنجي اباڻي وطن ۾ موٽي وڃڻ لاءِ سدائين بيقرار رهي ٿو. ڇا تو پيغمبري ارشاد نه پڙهو آهي ته "دنيا ايماندارن لاءِ قيدخانو آهي" ڇا تو هي قول به پڙهو آهي يا نه ته "وطن جي محبت ايمان جي علامت آهي." مجاهد جو موت هن جي شهادت آهي. شهادت هميشه جي حيات آهي. سنڌ جو مسلمان، نوجوان مرد، ۽ نوجوان خاتون مسلمان نه ٿيندا جيڪڏهن انهن ۾ شهادت جي تمنا موجود نه آهي. سنڌ لاءِ پاڪستان لاءِ، مسلم قوم لاءِ، انسان ذات لاءِ، اسلام جي عزت ۽ وحدت لاءِ جو مرڻ لاءِ تيار نه آهي سو هرگز مسلمان جي موت نه مرندو. هي جهان ڪانئرن ۽ بزدلن لاءِ نه آهي. ڪانئر جهڙا ڇاوا ٿهڙا نه ڇاوا. ڪانئر قومون هڪ ٻئي پٺيان صفحه هستيءَ تان مڪي ويون، انهن جي بربادي تي نه آسمان ڪي ڪو درد ٿيو نه زمين ڪي، نه زمين رُني نه آسمان رنو. خدا جا ازلي ۽ ابدي قاعدا آهن جي سيني قومن سان هڪجهڙا لاڳو آهن. هي جان جان آفرين جي آهي جنهن ڏني آهي وٺي ڇڏي آهي، جو خوشيءَ سان نه ڏيندو تنهن کان زبردستيءَ سان ورتي ويندي، جو خوشيءَ سان ڏيندو سو فرمانبردار ۽ مجاهد آهي، جو زبردستيءَ سان ڏيندو سو نافرمان ۽ مردود آهي.

سنڌ جو مسلمان ساري جهان کان نالان آهي، الاجي ڇو؟ عزيز من! جڏهن تون اهڙن ماڻهن کي پنهنجو رهبر چونديو آهي، جي اول درجي جا چور ۽ رشوت خور هجن، جي ڏاڙيل ۽ بلئڪ مارڪيٽر هجن، جي بداخلاق ۽ بدچال هجن، جي مظلومن کي پناهه ڏيڻ جي بدران خونين ۽ ڏاڙيلن کي پناهه ڏيڻ وارا هجن، جي منافق هجن، جن جا وڏا پيٽ ڏيکاري رهيا هجن ته انهن جا چارئي پاسا حرام سان پرپور آهن. الاماشاءالله، جن کي سندن سموري زندگيءَ ۾ اسلام يا قوم يا وطن جي نالي ۾ ڪڏهن هڪ ڪنڊو به پير ۾ نه لڳو، پر تنهن هوندي به سنڌ جي مسلمانن انهن کي پنهنجو امام، رهبر ۽ عيوضي ۽ مرشد ڪري ورتو پوءِ اهڙي حالت ۾ جڏهن تون پاڻ پنهنجو دشمن آهين تڏهن توکي ساري جهان کان نالان ٿيڻ جو ڪهڙو حق حاصل آهي.

مونکي معلوم آهي ته تون مجاهد ۽ غازين، اوليائن ۽ عالمن جي اولاد آهين پر بداءِ ته سهي تون ڇا آهين ۽ جنهن کي تو پنهنجو اڳواڻ چونديو آهي سي ڇا آهن؟ جيڪڏهن پنهنجن بزرگن وانگر تو ۾ اڄ به علمي ڪمال پيدا ٿي پوي ۽ تون پاڪستان ۽ دنيا جي يونورسٽين ۾ نمايان حصو وٺين، جيڪڏهن تو ۾ اڄ به مجاهدن ۽ نمازين وارو ايمان پيدا ٿي پوي ۽ تون پاڪستان ۽ دنيا جي فوجي ڪاليجن ۾ داخل ٿي وڃين، جيڪڏهن تو ۾ اڄ به حجازي لئي لطيفي لئون ۽ قلندري قرب ۽ قرابت پيدا ٿي پوي، تون روحانيت ۽ معرفت ۾ استاد ٿي پوين ته قسم آهي ان رب جو جنهن جي هٿن ۾ قلندر جي جان ۽ عزت آهي ته تون اڄ به نه فقط پاڪستان جو پر ساري ايشيا کنڊ جو بلڪ سموري دنيا جو دلبر ۽ دلدار، مقبول ۽ محبوب ٿي سگهين ٿو. تون ناميدي پست همتي، سستي، بخل ۽ بداخلاقي ڇڏي بيدار ٿي وڃ ۽ الله جو نالو وٺي اڳتي وڌ. قم باذن الله!!

روزانه " سنڌ " ڪراچي، خميس 2 سيپٽمبر 1948 ع

*

# طالب علم

تون ﭘاڻ کي طالب العلم سڏائين ٿو. آخر ﭘڌاءِ ته سهي ته الله جي اسرارن مان تو ڪهڙي ڳالهه ﭘڙهي يا پروڙي آهي؟ جو ڪيميائي سعادت، احياءالعلوم، حقيقت الارواح، فصوص الحڪم، مدارج السالڪين جهڙا ڪتاب تنهنجي درس ۾ داخل نه آهن؟ تو آسماني علمن مان ڇا ﭘڙهيو. تو زمين جي علمن مان ڇا ﭘڙهيو آهي، تو معدنيات، جمادات، نباتات، حيوانات، الاهيات، روحانيات، ايجادات، علم هيئت، علم ڪيميا، علم الاشياءِ، علم تواريخ، علم جغرافيه، علم ادب، منطق ۽ فلسفي مان ڇا ﭘڙهيو؟ اي ڪاليج جي ڊگريءَ تي ڦونڊجي هلڻ وارا! آخر ۾ ﭘڌاءِ ته سهي ته علم جي لامحدود بحر مان ڪيترا قطرا تنهنجي ﭘلاند ۾ ﭘيا آهن ۽ تنهنجي ظرف ۾ داخل ٿيا آهن؟

خدايا! تون منهنجي قوم کي هر شيءِ جي حقيقت کان آگاه ڪر، خدايا! تون منهنجي قوم کي علم جي درياءَ مان ٻه چار قطرا نصيب ڪر، خدايا! تون منهنجي قوم کي علم حاصل ڪرڻ جي اهڙي ﭘياس ڏي جا ڪڏهن ٻه پوري نه ٿئي، خدايا! تون ڪائنات جي علمي خزاني مان منهنجي قوم کي مالا مال ڪر، خدايا! تون زندگيءَ جي يوم اول کان وٺي يوم آخر تائين منهنجي قوم جي هر فرزند ۽ هر دختر جي علم ۾ اضافو ۽ ترقي عطا ڪر، تون اهو علم ڏي جو منهنجي قوم لاءِ سعادتمندي، اقبالمندي ۽ نقط منديءَ جو باعث ٿئي، تون اهڙو علم عطا ڪر جو منهنجي قوم حقيقت شناس، حقيقت دين، عامل ۽ حقائق ۽ داناءِ راز ٿي وڃي پر اي برادر! هي ڪهڙو علم آهي جو تون ﭘڙهي رهيو آهين. ﭘڙهندي ﭘڙهندي تنهنجو قلب ﭘٿر، دماغ ڪُند، اخلاق ڇٽ، دين خراب، دنيا برباد، خيال ﭘريشان ٿي چڪا آهن. تون لکي لکي ڪاپيون ڪري چُور ٿي ﭘيو آهين، جنهن ﭘڙهڻ سان قوم جو ٻيڙو ﭘار ٿيندو آهي، جنهن ﭘڙهڻ فضل ۽ ڪمال حاصل ٿيندو آهي، جنهن ﭘڙهڻ سان علم ۽ عمل حاصل ٿيندو آهي. ۽ تو فطرت شناس ۽ خدا شناس ٿي وڃين سو علم اور آهي، سو فهم ئي نرالو آهي، سو سبق ئي جدا آهي. سڀ ڪتاب ﭘڙهي پورا ڪري ڇڏ، سڀ اکر لکي ڪارا ڪري ڇڏ، سڀ علم سکي حاصل ڪري ڇڏ، ﭘر آخرڪار ﭘڙهي ڪيترو ﭘڙهندين، لکي ڪيترو لکندين؟ بيشڪ معلوم دنيا کي ﭘنهنجو قلم ڪر ۽ نامعلوم دنيا کي ﭘنهنجي مس ڪر، ﭘوءِ ڪتابن ﭘٺيان ڪتاب لکندو وڃ ۽ ﭘڙهندو وڃ، ﭘر ڪل ڪائنات جا حرف صرف هڪ اَٿئي، ۽ جيڪڏهن ﭘنهنجي نظر ۽ ﭘنهنجو عمل نيڪ رکندين ته تولاءِ بسم الله ئي بس آهي. نه ته تون جيڪو ﭘڙهيو سو نه ﭘڙهيو، جيڪو تو لکيو سو نه لکيو. علم کان سواءِ قوم زنده نه ٿيندي . عمل کان سواءِ علم بيڪار آهي.

عِلم جي ﭘاڻيءَ کان سواءِ تنهنجي زمين آباد نه ٿيندي، علم کان سواءِ تنهنجي قوم آباد نه ٿيندي، علم روح جي خوراڪ آهي، علم قوم جي نجات آهي. علم جي مطابق سيني لاءِ درجا آهن. ﭘر عمل اهو آهي جو نيڪ عمل هجي، عمل اهو آهي جنهن ۾ نيت ٻه نيڪ هجي، عمل اهو جنهن ۾ اخلاص هجي. اي سست ۽ ستل قوم! اي منهنجي ستايل ۽ غافل قوم! اي سنڌ جا مظلوم مسلمان! اي سنڌ جا مسڪين مسلمان! سجاڳ ٿي، سجاڳ ٿي، سجاڳ ٿي، توکي زمانو لتون هڻي بيدار ڪري رهيو آهي.

سجاڳ ٿي، هوشيار ٿي، قومن جا قافلا گهڻو اڳتي وڌي ويا آهن! تنهنجو ڪاروان گپ ۾ گتو ﭘيو آهي. تون قلندر جي ﭘڪار ٻڌ، تون نيڪيءَ جي ميدان ۾ قدم رک، نه ته تنهنجو قافلو لُٽجي وڃڻ وارو آهي. اجا دنيا

کي تنهنجي ضرورت آهي. تو وٽ اخلاص آهي، ايمان آهي، دنيا کي تنهنجي اخلاق ۽ ايمان جي ضرورت آهي، توکي قسم آهي ان شخص جو، جنهن سڀ کان پهرين سنڌ جي سرزمين تي الله اڪبر جو نعرو بلند ڪري پنهنجي الله تي ايمان آندو ۽ ڪراچيءَ کان وٺي ڪلڪتي تائين اسلام جو نقارو وڄائي ڇڏيو. توکي قسم آهي اُنهن اصحابن جو جن سنڌ جي سرزمين تي جامِ شهادت نوش ڪيو. توکي قسم آهي شاهہ عبداللطيف جو جنهن ڪلام الله کي سنڌ جي بيتن ۾ بيان ڪيو، ”هي جي بيت ڀانئين سي آيتون آهين، نيو من لاهين پرين سندين پار ڏانهن“. اي اسلام جي وفادارن ۽ شيدائين، غازين ۽ شهيدن، عالمن ۽ فاضلن، اوليائن ۽ صالحين جا فرزندو! اوهان کي پاڪستان ۽ هندوستان جو اسلام پڪاري ۽ سڏي رهيو آهي تہ اُٿو ۽ هميشه لاءِ اُٿو ۽ پنهنجي پسمانده قافلي کي سڀ کان پهرين قطار ۾ وٺي وڃو، ۽ اسلام جي حفاظت واسطي، پاڪستان جي آزاديءَ لاءِ هر قرباني ڪرڻ واسطي تيار ٿي وڃو.

روزانہ سنڌ- ڪراچي 3 آڪٽوبر 1948ع

*

# عشق جي وادي

اي برادر! تون عشق جي واديءَ ۾ قدم رکڻ تو گهرين پر سنڀالي قدم رک، قلندر عشق ڪمائي ڏٺو آهي، تنهنڪري توکي خبردار ڪرڻ تو گهري، تون عشق جي پچر ڦٽي ڪر نه ته عشق انڌو آهي ۽ توکي دربدر ڪري ڇڏيندو. اول معلوم ڪر ته عشق ڇا آهي؟

ساري جهان ۾ جنهن به جاءِ تي، جيڪو به دک درد هو سو هڪ هنڌ گڏ ڪيائون ۽ ان جو نالو رکيائون عشق. ان سرد، رنگ زرد، چشم گريان، دل بريان، جگر ڦٽيل، جسم زخميل، متو اگهاڙو، ڪپڙا ڦاٽل، خانه بدوشي، فاقه مستي ۽ پياس، نااميدي، بيهوشي ۽ استغراق، جدائيءَ جو غم ۽ فراق، محبوب محجوب، معزور ۽ مجبور، زمانو ظالم ۽ هوا ناموافق، تمنا وصال جي پر مشڪلاتون بي شمار، معشوق هڪڙو ۽ عاشق لک هزار، حسين لايزالي ۽ شباب لازوالي، نگاهه قيامت خيز، اکيون آبدار، رخسار لالہ زار، لب شيرين، ڏند جهڙا موتي، چهرو جهڙو چنڊ، صنوبر جهڙو قد، زبان ۾ حلاوت، قدمن ۾ نزاڪت، طبيعت ۾ شوخي، هلت ۾ بي نيازي، ظاهر خاموشي باطن راضي، نه داد نه فرياد، قلندر انئي پهر اداس، نالان ۽ پريشان، واٽ وڃڻ جي نه جاءِ مرڻ جي. اڙي نادان! متان هن چار ۾ ڦاٿو آهين. متان هن ميدان ۾ گهِڙيو آهين، جي سِر جو سانگو ڪرين ته پير هن پڙ ۾ نه پاءِ، مجازي معشوق جي زلفن ۾ جي ڦاٿا آهن تن قيامت تائين وري ڪنڌ مٿي نه ڪنيو آهي، تون پاڻ تي ظابطو رک، هن دلدل کان پري ٿي. پنهنجن پيرن تي بيهه. حرص ۽ حوس ڇڏي ڏي. تنهنجو عشق شهواني آهي، نه مجازي آهي، حقيقي آهي. حقيقي عشق فقط قلندرن جو مَرڪ آهي. هوشيار ٿي، هوش رک، عشق حقيقي ڏاڙ. عشق الله جي باهه آهي جنهن ۾ ساري دنيا سڙندي رهي ٿي، ان باهه مان هر شيءِ پاڪ ۽ صاف نڪرندي آهي، تون سمجهين ٿو ته دنيا بي سبب ۽ بي مقصد پيدا ٿي آهي. پر ڄاڻ اي نادان! هي سمورو مانداڻو عشق جو مظهر آهي، خدا خود جڏهن پاڻ تي عاشق ٿيو تڏهن هي عالم ظهور ۾ آندائين، هڪڙو تون آهين جنهن جو نه پاڻ سان عشق آهي ۽ نه عاشق حقيقيءَ سان، تنهنجي اکين تي مون ۽ تون جا پردا پئجي ويا آهن نه ته حقيقت ازخود ظاهر ٿي پوي. اهي پردا جڏهن هٽي دور ٿيندا تڏهن حقيقت پنهنجو اظهار ڪندي، نه تون هوندو ۽ نه مون هوندو پر جو آهي فقط سو هوندو. آفتاب پنهنجي ترورن کان جدا نه هوندو آهي، عاشق پنهنجي معشوق کان هرگز جدا نه هوندو آهي. ڪابه شيءِ پنهنجي پاڇي کان جدا نه هوندي، هيءَ سموري ڪائنات آفتاب جو ڪرٽو ڪري ڄاڻ، درياءَ جي ڇولي ڪري سمجهه، وجود حقيقي جو پاڇو ڪري سمجهه. هو اول آهي، جنهن کان اڳ ڪابه شيءِ رهڻ واري نه آهي، هو ظاهر آهي جنهن کان ڪابه شيءِ موجود نه آهي. هو باطن آهي جنهن ڪانسواءِ ڪو معبود ڪونهي، هن ڪانسواءِ ڪو موجود ڪونهي! هن ڪانسواءِ ڪو مقصود ڪونهي، هن ڪانسواءِ ڪو ڪونهي، هو آهي ۽ فقط هو آهي.

اهوئي سبب آهي جو قلندر ڏينهن رات هو ۽ هو جو وظيفو پڙهندا آهن، اهو اسم اعظم آهي. تون پڙهي ڏس، اهو ورد ۽ وظيفو جاري رک، پوءِ ساري ڪائنات هو ۽ هو جو ذڪر ڪندي توکي نظر ايندي، پر تو هن کي هن جي خاطر ڪڏهن به ياد نه ڪيو آهي، تنهنڪري تنهنجي واسطي دوزخ تيار رکيو آهي، جنهن مان هر انسان کي لنگهڻو پوندو. گناهن کان ڪوبه ڇٽل ڪونهي، پر جن جا گناهه معاف ٿي ويا سي معصوم آهن، ڪي جيئري پار پئجي ويا، ڪي قبر ۾، ڪي برزخ ۾ ۽ ڪي قيامت ۾ پار پئجي ويندا. ڪو اک

چنبي ۾، ڪو سيڪنڊ ۾، ڪو سالن ۾، ڪو صدين ۾، ڪو هن جي ارادي پوري ٿيڻ تائين دوزخ مان لنگهي پار پوندو. هو هر روز نئين ۽ نرالي شان ۾مظاهر ٿيندو رهي ٿو. هن جو هر روز هزارن سالن جي برابر آهي، جهان ٺاهيندو ۽ ڦٽائيندو رهي ٿو، هڪڙو گلستان ويران ڪري ٿو ۽ ٻيو تيار ڪري ٿو. هن جي رازن ۾ وڏيڪ نہ وڃ، قدم وڌاءِ ۽ هن جي بارگاهہ ۾ پهچي وڃ. تون پنهنجو جهان آباد ڪر پوءِ هو تنهنجا ٻيئي جهان آباد ڪندو.

تون پاڻ کان بيخبر ۽ هن کان بہ بي خبر آهين، تون پاڻ کان دور ۽ هن کان بہ دور آهين، تون پاڻ کي وساريو ويٺو آهين ۽ هن کي بہ وساريو ويٺو آهين، تون پنهنجي دنيا ۽ دين خراب ڪيو ويٺو آهين، جو خود پنهنجي جان جو دشمن آهي سو خدا جو بہ دشمن آهي سو خدا جي دين فطرت جو دشمن آهي ۽ اسلام جو دشمن آهي.

تون پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿو تنهنڪري سمجهين ٿو تہ تون اسلام تي آهين، پر اي برادر! خدا سارو جهان اسلام تي پيدا ڪيو آهي. خوشيءَ سان يا مجبوريءَ سان، ساري مخلوق اسلام جي حدود اربع اندر قائل آهي، ساري زمين سجده گاه آهي ۽ ساري ڪائنات هن کي سجدو ڪري ٿي. قومون قائم رهنديون جيستائين اسلام جي اصولن تي عمل ڪنديون، تون مسلمان سڏائڻ جي باوجود بہ اسلام کي وساريو ويٺو آهين، تنهنڪري خوار آهين، پر ٻيا اسلام کان بي خبر هئڻ جي باوجود بہ ان جي اصولن تي هلندڙ آهن، تنهنڪري سرسبز ۽ آباد آهن. تون باطن جي دعوىٰ ڪندين تہ رد ٿي ويندين، تنهنجي من گهڙت اسلام جي خدا کي پرواهہ نہ آهي. تون اول ثابت ڪر تہ تون مسلمان آهين!

اسلام خدا ترسي آهي، اسلام انسانيت آهي، اسلام اخلاق، اسلام حق جي حمايت آهي، اسلام عدل آهي، اسلام نظام عالم آهي، اسلام امن آهي، اسلام علم آهي، اسلام عمل آهي، اسلام نيڪي آهي، اسلام جامع شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت آهي، محمدي نعرو اسلام جي تڪميل آهي. تون پاڻ کي مصطفىٰ جي سپرد ڪر پوءِ حقيقت محمدي توتي روشن ٿيندي. جيئن اڪ ۾ تارو روشن آهي تيئن سارو جهان نُور محمدي ۾ ٽيبون هڻي رهيو آهي. ان نُور سان جهان روشن ۽ آباد آهي، اهو نُور نہ هجي تہ جهان ۾ اوندهہ ٿي وڃي ۽ قيامت قائم ٿي وڃي.

جنهن ملڪ ۾ اهو نُور هوندو سو غضب کان محفوظ رهندو، جنهن دل ۾ اهو نُور هوندو سو عذاب کان ڇٽل آهي، هو ساري جهان ۽ جهان جي قومن لاءِ رحمت آهي. بني آدم هن جي امت ۾ داخل آهي، هن جو پيغام ساري انسان ذات لاءِ آهي، جو پيروي ڪندو سو نجات پائيندو. جڏهن عشق محمديءَ قلندر جي قلب کي منور ڪيو تڏهن قلندر جي ڪايا پلٽجي ويئي، تون مايوس نہ ٿي اي سنڌ جا مسلمان! ڪارا ڪڪر هٽي پري ٿيڻ وارا آهن. طوفان جو دور لنگهي ويندو. تنهنجي گلستان ۾ بهار اچڻ واري آهي، تون اسلام جي ڪشتيءَ جو ناخدا ۽ پاسبان آهين، تون باب الاسلام آهين، رڳو خادم الاسلام ٿي وڃ. وفادار ٿي وڃ، پنهنجي دل ۾ عشق محمدي پچائيندو رهہ، پوءِ هي جهان بہ تنهنجو آهي ۽ هو جهان بہ تنهنجو آهي.

روزانہ سنڌ- ڪراچي 2 آڪٽوبر 1948 ع

*

# سنڌ سڪار

نعرهءِ مستانہ لکڻ ڪو مست قلندر جي اختيار جي ڳالھ نہ آهي، آئون دل جو تابعدار آهيان ۽ دل منهنجي تابعدار نہ آهي. ڪڏهن دل ۾ ايندو آهي، خدا کي بہ سچ سڻائجي، پر پوءِ پنهنجي گناهن تي جڏهن نظر پوندي آهي تڏهن شرمساريءَ ڪان ڪنڌ جهڪي پوندو آهي. تنهن هوندي بہ حقيقت تي پردو وجهڻ ناممڪن آهي، حقيقت هيءَ آهي تہ ساري دنيا جي حڪومت شيطانن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏي اٿس. شراب خورن، حرام خورن، رشوت خورن، سمگلرن کي. خوني جنگين جي تياري ڪندڙن جو راڄ آهي. جيڪڏهن خدا کي سچ چوان تہ ڪافر ٿو ٿيان، جيڪڏهن سرڪار کي سچ چوان تہ باغي ٿو ٿيان، جيڪڏهن دوستن کي سچ چوان تہ ڏنو ٿو ٿيان، ۽ جيڪڏهن پاڻ کي ٿو سچ چوان تہ شرمسار ٿو ٿيان. اهڙي حالت ۾ مٽي بہ ماٺ ۽ مٽي بہ ماٺ. ۽ هاڻي تہ دل ايتري قدر مرده ٿي ويئي آهي جو زبان مان آواز نہ ٿو نڪري، پر تنهن هوندي بہ جيڪي رازدار آهن سي نعرو نہ ڏسي ڏوراپا ڏين ٿا. دوستن جو ڏوراپو بہ محبت آهي ۽ محبت جو مهٽو آهي، جي اسان کي ياد ڪن ٿا، تنهن جي ياد اسان کي بہ ستائي رهي آهي. تنهن ڏينهن نوابشاهہ مان هڪ محب مليو جنهن خير سان هڪ شاه صاحب جو ذڪر ڪيو تہ جيڪڏهن پرچي ۾ مستانہ نعرو هوندو آهي سو پاڻ وٽي پڙهندو آهي نہ تہ اخبار ويڙهي سيڙهي رکي ڇڏيندو آهي. پوءِ اسان جو يار ڳالهين ڪندي حضرت شيخ سعدي جا ڪي اشعار پڙهڻ لڳو جي مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ترجمي سميت هيٺ ڏجن ٿا.

گلي خوشبويءِ در حسام روزي
رسيد از دست محبوبي بدستم
بد وگفتم که مستکي يا عنبري
که از بوئي دل آويزتو مستم
به گفتا من گل ناچيز بودم
وليکن مدني با گل نشتم
جمال همنشين در من اثرکرد
وگرنه من همان خاکه که هستم۔

**[مليو هڪ ڏينهن سرهو ميٽ مونکي ڪنهن حمام ۾ محبوب هڪ کان، چيم ان کي عنبر آهين تون يا مشڪ جو تي خوشبو اچي وهہ وهہ تو مان، چيائين آئون هيس ناچيز مٽي مگر وينس ڏهاڙا ڪي آئون گل سان، اثر صحبت جو ٿيو مون ۾، وگرنہ اها ساڳي مٽي آهيان جا آهيان.]**

ساري جهان هڪ خوشبودار درخت آهي، ان درخت جي انسان به هڪ شاخ آهي، هر انسان کي پنهنجي جدا خوشبوءِ، جدا رنگ، جدا خال و خط ۽ جدا روحاني نسبت آهي. جنهن کي بزرگن ۽ درويشن جي صحبت نصيب ٿئي ٿي، هن جي خوشبوءِ نکري نروار ٿئي ٿي، چوطرف پکڙجي وڃي ٿي ۽ فضا کي به معطر ڪري ڇڏي ٿي. هر انسان جي صحبت ڪنهن نه ڪنهن بزرگ سان، هر بزرگ جي نسبت ڪنهن نه ڪنهن پيغمبر سان ۽ هر پيغمبر جي نسبت نُور محمدي سان، ۽ نُور محمدي جو جمال يار سان. جيڪو جمال يار کان محروم رهندو سو جلال يار ۾ گرفتار ٿي ويندو، جن تي جمال يار جو عڪس پيو سي ايماندار ٿي ويا ۽ جن تي جلال جو پاڇو پيو سي غضب ۾ ڦاسي پيا. بارانِ رحمت عام آهي، پوءِ هڪ زمين مان خوشبوءِ ۽ ٻي زمين مان بدبوءِ. لڳولڳ برسات پوڻ ڪانپوءِ آخرڪار اها بدبوءِ به دور ٿي ويندي، بدبوءِ جي هيٺان به خوشبوءِ لڪل آهي.

تنهنجي هر ذره ۾ خوشبوءِ آهي، اها ئي ته جنت جي ثابتي آهي. جيڪڏهن جنت نه هجي ته پوءِ هيءَ خوشبوءِ ڪٿان آئي آهي. تون خدا جي سامهون ڪڏهن اُڪير سان سجدو ڪيو آهي. تو الله وارن سان ڪڏهن نينهن نه لڳايو آهي. تو فرشتن کي ڪڏهن سلام نه ڪيو آهي، تو پنهنجي اصل تي ڪڏهن غور نه ڪيو آهي. پر خداوند عالم پنهنجو نظام اهڙي طرح قائم ڪيو آهي جو جنهن ۾ انسان کي " احسن تقويم " جو بلند درجو عطا ڪيائين. پوءِ جيڪو ان درجي کان هٽي ٿو سو " اسفل السافلين " تائين پهچي وڃي ٿو سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا، پوءِ انهن جي مرتبن جي بلنديءَ جي ڪا حد ڪانهي، الله پنهنجي سموري رحمت کي لفظ " سواءِ " ۾ لڪائي ڇڏيو. قلندر ڪان اهو راز نه ڪولاءِ. " اسفل السافلين " وارن کي به بشارت ڏني ويئي آهي. قلندر پنهنجي گناهن جي باوجود رحمت ۽ محبت جي دريا ۾ ٻڏي ويو. اهو عام مغفرت ۽ بخشش جو خداوندي اعلان آهي. اچو، اچو لکين گناهه ڪري به باز اچو، توبه جا دروازا کليل آهن. ايمان آڻيو ۽ نيڪ ڪم ڪريو، مايوسي ۽ نااميدي ڪُفر آهي.

سنڌ جو مسلمان ڇو حيران ۽ پريشان آهي؟ هي زماني جا طوفان آهن، سي لڳي لڳي لنگهي ويندا. سنڌ جي سرزمين محمدي گلستان آهي. اهو گلستان ڪڏهن به ويران ٿيڻ وارو نه آهي. ان جي خاڪ کي خدا ڪيميا جي رونق بخشي آهي. ان جي خوشبوءِ سان اسلام جي دنيا آباد آهي. ان جي گلن ڦلن ۾ نورِ محمدي جو جلوو آهي. ان جي رنگت ۾ حسن احمدي پوشيده آهي. ان جي پاڻيءَ ۾ آب حيات جو لطف آهي. ان جو مستقبل سندس ماضيءَ ڪان هزار ڀيرا وڌيڪ روشن آهي. ڪو ازلي بدبخت هوندو جنهن کي سنڌ جي گلن مان خوشبوءِ نه ايندي. اي مادر وطن! تون اسلام جي فرزندن ۽ دخترن لاءِ پناهه گاهه ۽ سهارو آهين، مديني جي مولا جو توتي سدائين سايه رهيو آهي. توکي دلگير ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي، تنهنجو جهندو ساري جهان ۾ ڦڙڪندو رهندو، تنهنجي خوشبوءِ محمدي دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو.

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

تون ڀڏاءِ ته تو گلزار محمدي جي گلن ڦلن ۽ ٻوٽن کي ڪڏهن ڪو پاڻي به ڏنو آهي، يتيمن ۽ بيواهن جي پرورش ڪرڻ، فرزندان اسلام کي تعليم ڏيئي هنر سيکاري تيار ڪرڻ، قرآن ۽ حديث جو درس ڏيڻ، محتاجن

۽ بيمارن جي خدمت ڪرڻ، هر انسان لاءِ ذريعه روزگار مهيا ڪري ڏيڻ، مصيبت زدن سان همدردي ڪرڻ، ڪمزور کي طاقتور کان انصاف وٺي ڏيڻ، عام مفاد ۽ خيرات جا ڪم ڪرڻ، نيڪي ۽ امن قائم ڪرڻ. تون ائين ڪندين ته تنهنجي خاڪ خوشبودار ٿيندي، ڪيميا ۽ ڪندن ٿي پوندي، تون ائين ڪري ڏس ۽ پوءِ جيڪڏهن هن جهان ۾ توکي جنت جي خوشبوءِ نه اچي ته پوءِ قلندر کي جيڪي وڻئي سو چوندو رهه.

قلندر کي ان خدا جو قسم آهي جنهن پنهنجي نالي جي خوشبوءِ پنهنجي موجودات جي قالب ۽ قلب ۾ سمائي ڇڏي آهي ته تون نوراني پتلو آهين. تون خوشبوءِدار شاخ آهين. تون پيدائش جو مقصد آهين، لکن، بلڪ ڪروڙن سالن تائين ماده کي انقلابي گهاٽن ۾ پيڙهيو ۽ پيسيو ويو آهي تڏهن وڃي تنهنجي خاڪ تيار ٿي آهي، جهڙيءَ ريت پٿر تي پيسجڻ کان پوءِ حنا ۾ رنگ پيدا ٿيندو آهي، جهڙيءَ ريت گلن کي سماوار ۾ وجهي انهن جو جوهر ۽ عرق ۽ عطر تيار ڪيو ويندو آهي، تهڙي ريت تنهنجي خاڪ تيار ٿي، خاڪ مان تنهنجو خمير تيار ٿيو، خمير تي محبت جو بوندون وسڻ لڳيون، محبت جي قطرن مان تون پيدا ٿيو آهين، پوءِ جهڙي زمين هوندي تهڙي ان مان خوشبوءِ يا بدبوءِ پيدا ٿيندي، جن ۾ يار جي جمال اثر ڪيو ته خوشبوءِ اچڻ لڳي، جن ۾ يار جي جلال اثر ڪيو ته ٻي بوءِ اچڻ لڳي. چون ۽ چران جي ڪنهن کي مجال آهي؟ فطرت جي ڪارساز کان اهو نه پڇ ته هن جدا جدا نسبتون، جدا جدا رنگ ۽ روپ چو جوڙيا آهن، تون هڪڙي آدم جي قبيلي جو فرد آهين. هن اهڙا لکين قبيلا ٺاهيا ۽ ڊٺايا آهن ۽ هن کان پوءِ ٻه جڻ وٺندس ٺڻ ڪندو رهندو. تنهنجي واسطي اهو معلوم ڪرڻ ڪافي آهي ته جهڙا تون يار رکندين تهڙو تون ٿيندين. تون آزاد آهين پنهنجي هم نشين جي منتخب ڪرڻ ۾، مُئي ڪانپوءِ ٻه انهن سان گڏ رهندين جن سان تنهنجي هن جهان محبت هوندي. جنت ۽ جهنم تو ۾ پوشيده آهن، خوشبوءِ ۽ بدبوءِ تنهنجي عملن سان پيدا ٿيندي. تون مشڪ آهين، تون عنبر آهين، تون نسورو عطر آهين، خدا تنهنجي خاڪ کي نوازيو آهي، توکي اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو آهي، توکي مڪرم ۽ معزز ڪيو آهي، پر اي مسلمان! تنهنجي خلاف مونکي سوين شڪايتون آهن! تنهنجي آهه ۽ فرياد سان عرش عظيم جون ديوارون ڏڪي ويئون. تنهنجي حق نواز نعرن سان باطل جا ڪوٽ ڊهي پيا، ڪيڏانهن ويئي تنهنجي صديقي صداقت ۽ نورٽ، ڪيڏانهن ويئي فاروقي بصيرت ۽ حريت، ڪيڏانهن ويئي تنهنجي عثماني سخاوت ۽ شرافت، ڪيڏانهن ويئي تنهنجي حيدري شجاعت ۽ رياضت، اويس قرنيءَ جو عشقِ رسول، ابوذر جو جهاد اڪبر، سليمان فارسيءَ جي شهنشاهي ۽ فقيري، بلال جون فلڪ شگاف صدائون، خالد جون سيفي صفايون، عبيده جون معرڪ آرايون، عمرو جون مصري چڙهايون، سعد جون ايراني فتوحات، قتيه خراسان ۾، طارق اسپين ۾، موسیٰ فرانس ۾، محمد بن قاسم سنڌ ۾، سلطان محمد استنبول ۽ يورپ ۾، آخر دنيا جي ڪهڙي ڪنڊ ۾ تو الله اڪبر جون صدائون بلند نه ڪيون. زمين جو ڪمزور ملڪ تو پنهنجن سجدن سان منور نه ڪيو، ڪهڙو جبل ڪهڙو بيابان، ڪهڙو دريا ڪهڙو سمنڊ، تو پنهنجن پيرن هيٺ نه لتاڙيو؟ تون هڪ ڀيرو وري قلندري نعره بلند ڪر ۽ سنڌ جي آفتاب ۽ مهتاب سان جهان کي روشن ڪر.

روزانه " سنڌ " ڪراچي خميس 11 نومبر 1948 ع

# خدا سان شڪوو

خبر نہ آهي تہ منهنجا مولا!
تون ڪٿي آهين؟
ڪٿي تو رهين؟
جهان جي اندر آهين؟
جهان کان ٻاهر آهين؟
يا نہ اندر آهين ۽ نہ ٻاهر آهين؟
نہ هِتي آهين نہ هُتي آهين؟
نہ ڊگ اٿئي نہ ديرو؟
نہ آشيانو نہ آستانو!
پر بلڪل لامڪاني آهين!!
لامڪاني تون-
لازماني تون-
لاثاني تون-
لا مثالي تون.
*
تون خواب خيال کان مٿي،
تون وهم گمان کان مٿي،
تون چون و چران کان مٿي،
تون بيان ۽ ڌيان کان مٿي،
تون عقل ۽ قياس کان مٿي،
تون پاڻ چائين، تون چا آهين،
تون پاڻ سڃاڻين تون ڪير آهين.
تون پاڻ تو چوين،
تہ تون آهين ۽
تون هر هنڌ آهين،
تون حاظر ۽ ناظر آهين،
تون دانا ۽ بينا آهين،
تون قادر ۽ طاقتور آهين،
تون قلندر جو فرياد ٻڌ،
ائين نہ چئجانءِ تہ قلندر،

نہ ڪچيو نہ لچيو،
اندر ئي اندر پڇندو ۽ پوسرندو رهيو،
پر ڪا ٻاڦ بہ ٻاهر نہ ڪڍيائين!
منهنجا مولا!

تنهنجي جهان ۾ اوندهہ لڳي پيئي آهي، تنهنجي جهان ۾ انڌير آهي، انڌير نگري چرپٽ راجا وارو کيل آهي، نہ داد نہ فرياد، نہ ڏٽي نہ ڏوٽي، نہ اوهي نہ واهي، نہ جان ۽ مال سلامت، نہ عزت ۽ آبرو سلامت، نہ امن ۽ امان سلامت، نہ انسانيت ۽ شرافت، جيڏانهن نهار ائتم ٿهي رهيا آهن، زمين تي ۽ زمين جي اندر ۽ ٻاهر، پاڻيءَ تي ۽ پاڻيءَ جي اندر ۽ ٻاهر، شيطان پنهنجو تخت وڇائي ڇڏيو آهي ۽ ظلم ۽ ستم جو راڄ برپا ڪري رکيو آهي، هو تنهنجي تيرن کان پاڻ بچايو آسمان جا راز ۽ حڪمتون پروڙي زمين وارن کي آزمائي رهيو آهي. آخر هن کي ڇيڪ ڇڏي ڏيڻ مان تنهنجي ڪهڙي مراد آهي؟ هي سنسار جو ناٽڪ ڇو رچايو اٿئي؟ آخر هي کيل ڪڏهن ختم ڪندين؟ اشراف بک مرن ۽ لُچ لک لٽائيندا رهن! ايماندار لڪندا وتن لوڪ ۾ ۽ بدڪار تاجن ۽ تختن جا مالڪ، ملڪن جا والي! توکي هي تماشو ڪهڙي طرح وڻي ٿو؟ جنگ جا ميدان قائم ڪيو ويٺو آهين. قتل جي گرم بازار آهي، زخميلن جي آهہ ۽ پڪار، بيڪس بيمارن جي دانهن ۽ ڪُوڪ، يتيمن ۽ بيواهن جون ڇيخون، ڳوٺ ۽ شهر وارن، ڪروڙين مخلوق دربدر ۽ خاڪ بسر، چؤطرف پڇ پڇان ۽ پريشان حالي، نہ خونن ۽ ڌاڙن جو انصاف، قيد و بند جو انصاف، ڪوڙ فريب چور بازاري جو چؤطرف شور، قاعدو ۽ قانون ويو لڏي، انسانيت ۽ شرافت ويئي ڇڏي، مصيبت ۽ موت پيو سڏي، اهو ٿيو آهي تنهنجي دنيا جو حال! مخلوق عذاب ۾ گرفتار آهي. زمانو سئو سال پٺتي هٽي ويو آهي. آزاديءَ جي بدران حاصل ٿي آهي بربادي، ميراٽو ۽ پيراٽو راڄ موٽي آيو آهي. ساڳيا ڪاردار ۽ ڪوتوال ۽ قاضي قهر ڪيو ويٺا آهن ۽ لاپا ۽ رسايون ۽ رشوتون وجهي چوٽ چڙهيون آهن. آبدار ۽ داروغا موجون ماڻين. پاڻي هڪڙن جو، ڏين ٻين کي. زمينون هڪڙا آباد ڪن ۽ ڍلون ٻين کان وٺن. چوريون هڪڙا ڪن ۽ گرفتار ٻيا ٿين. هر هڪڙا هلائين، مالڪ ٻيا ٿين. گهر هڪڙن جا، مِلن ٻين کي. پوءِ نہ دريون ۽ دروازا سلامت، نہ ڪبٽ ۽ شيشا سلامت، نہ مال ۽ اسباب سلامت، نہ سِرون ۽ ٽائلس سلامت. عمارتون تاراج آهن. چور شاهہ آهن ۽ شاهہ چور آهن!

چور نہ مِلي تہ چاڪي سهي، پوليس جو ٽاٽو نہ آهي پر گهر ويٺي ناٽو! بدمعاش ڪِلندا رهن ۽ اشراف روئيندا رهن. بچو بادشاهہ ۽ پيرو وزير، پخاليءَ جو پُٽ ڪڏهن دهليءَ جي تخت تي، تہ ڪڏهن ڪابل جي تخت تي!

گرگ ميرو سک وزير و موش ديوان مي شود
زاغ ضابط خرطباي ملک ويران مي شود

آخر انهن گدڙن، ڪتن، ڪيئنِ، ڪانگن ۽ گڏهن کان منهنجي جهان کي ڪڏهن ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو؟

عدل ۽ انصاف جو تڏو ڪڇي ويو، حيا ۽ احسان جو ڏيوالو نڪري ويو، ظلم ۽ ستم جو اڏو اڏجي پيو، ملڪ سمورو ويران ٿي ويو، بجيٽ ۾ ڪوٽ، خرچ ۾ واڌارو، بدڪار زور، خلق ڪمزور، وجهي سو وجهي ڪيڏانهن. تنهنجي اشاري سان ڪايائون پلٽجي وڃن، سلطنتون مٽجي وڃن، مورتون ۽ سيرتون مٽجي وڃن، بيابان گلستان ٿي وڃن، مشڪلاتون آسان ٿي وڃن، سُڪار ۽ سعادتون موٽي اچن، رٺل يار پرچي پون، وڇڙيل ساٿي وري ملن، بيحال مالا مال ٿين، ڪريل قومون اٿي پون، ڦتل بخت کلي پون، تنهنجي اشاري جي دير آهي.

هاڻي دير نہ ڪر، فرشتن کي حڪم ڪر تہ قلندر جي دعا تنهنجي عرش معلىٰ تائين پهچائي ڇڏين، قلندر جي دعا قبول ڪر، اسان جو خطائون معاف ڪر، اسان جا گناهہ بخش، اسان کي قومن جو امام ڪر، اسان جي سنڌڙيءَ کي ۽ اسان جي پاڪستان کي ساري جهان جو سرتاج ڪر، آمين، ثم آمين يا رب العالمين والرحم الراحمين.

روزانہ ” سنڌ “ ڪراچي اڱارو 16 نومبر 1948ع

# عزازيل زنده باد

اڄ مست قلندر جي نظر اوچتو شيطان جي دربار تي پئجي ويئي. دربار جو ٺٽ ۽ نٽ، هار ۽ سينگار بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي.
نارٿ پول جي وچ تي هڪ شاهي برف ميدان تي صوفا ۽ ڪوچ ۽ ڪرسيون وڇائجي ويا آهن. لڪين بجليءَ جون بتيون روشن آهن. چؤطرف لائوڊ اسپيڪرن جو انتظام آهي. دنيا جي سيني قومن جا جهنڊا هوا ۾ ڦڙڪي رهيا آهن. مخلوق جو انداز شمار کان ٻاهر آهي، ۽ انهن جا عيوضي ڪوچن تي ويٺل آهن.
دنيا جي مشهور اخبارن پنهنجا نامہ نگار بہ ڏياري موڪليا آهن، هڪ اعلىٰ پليٽ فارم تي زمرد جو ٺهيل تخت رکيل آهي، جنهن تي شيطان آرام سان ليٽيو پيو آهي. دريافت ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ هو سڪرات جي حالت ۾ آهي، تنهنڪري ويهڻ کان لاچار آهي، جڏهن دنيا جي وڏين طاقتن جي سفيرن هن کي ٽيڪو ڏيئي اٿاري ويهاريو ۽ مائڪروفون ڪٽي هن جي سامهون رکيو تڏهن هو يڪدم اٿي ويٺو. شيطان کي ويٺل ڏسي ڪروڙين مخلوق پنهنجن پيرن تي بيهي رهي، ۽ عزازيل زنده باد جا نعرا بلند ڪرڻ لڳي. اهو سمان ڪجهہ وقت تائين قائم رهيو. حاضرين جو اهو خيال هو تہ سڪرات جي ڪري شيطان موت جي بستري تان اٿي نہ سگهندو. پر انهن جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي، جڏهن انهن ڏٺو تہ اسان جو رهبر اڃا تائين حيات آهي ۽ وڏن سفيرن جي هٿ لائڻ شرط تندرست ۽ توانا ٿي پيو آهي. نيٺ شيطان انهن کي پنهنجي هٿ سان خاموش ٿي ويهڻ جو اشارو ڪيو. هڪ طاقتور چؤڏس لاءِ ريڊيو جو خاص انتظام ڪيو ويو هو ۽ دنيا جي چئني طرفن ۾ ماڻهو ساڍي اٺين بجي جو شيطان جي نشري تقرير ٻڌڻ لاءِ بيقراريءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا.
شيطان حاظرين جي مرحبا ڪندي فرمايو تہ:

”منهنجا عزيز فرزندؤ! اگرچہ آئون بيمار هوس ۽ سڪرات جي حالت ۾ هوس پر توهان جي جوش ۽ خروش ۽ صداقت کي ڏسي مون ۾ نئين زندگي ۽ قوت پيدا ٿي آهي، توهان سان ملاقات ڪري مونکي جيڪا خوشي حاصل ٿي آهي سا آئون لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهان.“

توهان کي معلوم آهي تہ موجوده ڪانفرنس منهنجي پوئلڳن جي قيامت کان اڳ عالمگير ڪانفرنس آهي، ان جو مقصد بہ توهان کي معلوم آهي. مقصد هي آهي تہ آئون توهان مان ڪنهن کي پنهنجي تاج ۽ تخت جو وارث ۽ جانشين مقرر ڪريان. جيستائين منهنجي دل جي اها تمنا پوري نہ ٿي آهي، تيستائين حضرت عزرائيل منهنجي جان ڪڍڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو.
توهان کي معلوم آهي تہ لکن سالن جي محنت ۽ مشقت کان پوءِ آئون ساري دنيا تي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. مونکي هن ڳالهہ جي خاطري آهي تہ توهان مان ڪيترا مون جهڙا لائق ٿي ويا آهن ۽ ڪي تہ اهڙا بہ آهن جن جي دعوىٰ آهي تہ هو مونکان بہ وڌيڪ زور ۽ هوشيار آهن، پر آئون

توهان کي خبردار ڪرڻ گهران ٿو ته دشمن کان غافل نه رهڻ گهرجي ۽ دشمن ڪيتري قدر به ڪمزور ٿي وڃي تڏهن به هن کي ڪمزور نه سمجهڻ گهرجي، پر هتي ته جنهن دشمن سان منهنجو مقابلو رهيو آهي، سو جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي، بيحد طاقتور آهي ۽ ڪنهن به وقت توهان سيني سان مقابلو ڪري سگهي ٿو. پر آئون به مرڻ کان اڳي پنهنجو جاءِنشين توهان سيني مان، ان لائق ۽ چالاڪ فرزند کي مقرر ڪندس جو دنيا ۾ ڪڏهن به:

1. خدا جي بندگي.
2. امن.
3. انصاف.
4. نيڪي.
5. خوشحالي.

قائم ٿيڻ نه ڏيندو.

آئون جدا قومن جي عيوضين جي تقريرن ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو ڪندس ته ڪهڙي قوم ۾ منهنجي ڪم سنڀالڻ جي صلاحيت موجود آهي. اگرچه دنيا جي سيني ملڪن ۾ حزب الشيطان جون شاخون قائم ٿي ويئون آهن، ۽ انهن سيني شاخن جا عيوضي اجوڪي عالمگير ڪانفرنس ۾ شريڪ آهن، ۽ توهان مان هر هڪ جي ڪارنامن کان آئون آگاهه ٿيڻ ٿو گهران پر تنهن هوندي به وقت جي تنگيءَ سبب شايد سيني کي پنهنجن خيالن جي ظاهر ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهي. اهڙا صاحب خانگي طرح پنهنجا خيال مون کي ٻڌائي سگهن ٿا. سڀ کان اول آئون آمريڪن جماعت کي حڪم ڪريان ٿو ته پنهنجي قوم جي ڪارنامن تي روشني وجهڻ فرمائي.

روزانه " سنڌ " ڪراچي 21 نومبر 1948 ع

# سنڌ جو سرڪاري نوڪر

نهار ۽ نهاريندو رهه. جيستائين تنهنجي نظر پهچي سگهي. سامهون بي انت بيابان جي ريت ئي ريت آهي. نه ساوڪ آهي نه سبزي، نه پوٽو آهي نه ٻاري، حواسن جي چوگرد افق جو گهيرو آهي، روح پريشان آهي، جنهن کي جادو رنگ صحرا جي زبردست ڪشادگي وڏيڪ منجهائي رهي آهي.

آئون زندگيءَ کان ۽ زندگي مون کان ڏور آهي، پنهي جي وچ ۾ هڪ وڇوٽي آهي جنهن کي ڪڪڙي طرح پرڻ گهرجي ان جو پتو نه ٿو پوي. سارو جهان سجاڳ آهي پر پنهنجي قوم سُتل آهي. زندگيءَ جي دريا ۾ طوفان پٺيان طوفان لڳي رهيا آهن، ڪنارو ناپيد آهي، قومن جا ناخدا پنهنجن جهازن کي بچائڻ جي فڪر ۾ آهن پر منهنجي ڪمزور ڪشتي جا خلاصي نفساني اختلافن ۾ مبتلا آهن.

نفساني خواهشن کان توبهه ڪرڻ لاءِ منهنجا رهبر تيار نه آهن. نفس جي پوڄا ڪرڻ جو نالو رکيو ويو آهي اسارام. قرمار جو نالو رکيو ويو آهي حڪومت. منافقي ۽ چاپلوسيءَ جو نالو آهي سياست. دولت گڏ ڪرڻ آهي زندگيءَ جو مقصد. خون ڪرائي دولت گڏ ڪريو. يتيمن جون ملڪيتون هڙپ ڪري دولت گڏ ڪريو. پاڻاريدارن کي بچائي مال گڏ ڪريو. چور بازار ۾ وڃي دولت گڏ ڪريو. ڪمائيءَ جا سوين طريقا آهن، اهوئي آهي حڪومت جو ورثو، اها آهي حاڪمن جي شريعت يعني طريقه حيات. چؤطرف کان چورن ۽ چاپلوسن اچي تنهنجي قومي ڪشتيءَ تي قبضو ڪيو آهي. پر قوم جا ابا ويرَن وروڏن پاڙڻ ۾ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. دل جي بستي ويران آهي. اميدن جو هڪ عالم آهي، جو غيرآباد آهي، ارمان ۽ افسوس، بي وسي ۽ مايوسي، ساري وجود کي وڪوڙي ويئي آهي، نه خيال ڪم ڪري ٿو نه حافظو. آسمان تي خزان جو رنگ ۽ زنگ چڙهي ويو آهي. نه ڪو سٽي ٿو، نه ڪو سڏي ٿو، نه ڪو سڏ تي سڏ ڏئي ٿو. نه صدا هڻڻ وارو، نه ڪو ندا ڏيڻ وارو. قوم صاف ستل آهي، سڪتہ جو عالم آهي، دشمن دروازي تي بيٺل آهي، فوج ننڊ ۾ غرق آهي. قلندر ساري رات رلهيءَ ۾ ڦٿڪندو ۽ تڙپندو رهيو. پر ڪير آهي جنهن جي دل ۾ هن جي حالت تي ڪو رتيءَ جيترو به رحم اچي، هن جهان جو دستور تي ويو جو سڪئي کي ڪو سَهي ڪونه ۽ ڏکئي کي ڪو ڏئي ڪونه، بکئي کي ڪو کارائي ڪونه، بيمار کي ڪو پُڇي ڪونه، ظالم کي ڪو چئي ڪونه ۽ مظلوم کي ڪو ڏِسي ڪونه، رشوت خور کي ڪو روڪي ڪونه، ڪمزور کي ڪو بچائي ڪونه ۽ قلندر کي ڪو سُٽي ڪونه. قلندر آهي به دل جو بيمار ۽ ڪهڙو حڪيم رکي جنهن وٽ دل جي درد جو علاج موجود هجي. جڏهن پنهنجي قوم جي ڪرتوتن تي قلندر تپي باهه ٿي وڃي ۽ نَنهن کان چوٽيءَ تائين هن جي جسم جي هر هڪ وار مان ۽ وار جي هر هڪ سوراخ مان باهه جا اُلا اُٿڻ لڳن تڏهن اناالحق جي اعلان ڪندي هن کي دنيا ۽ دنيا وارن جو ڪوبه ڊپ ڪونه ٿيندو آهي. خواهه منصور حلاج وانگر هن کي سنگسار ڪيو وڃي، خواهه حضرت سرمد وانگر هن جو ڌڙ سسيءَ کان ڌار ڪيو وڃي، خواهه بلاول حبشيءَ وانگر هن جي اگهاڙن لِڱن تي عربي آفتاب جي تپش ۾ لنين جو وسڪارو ڪيو وڃي، خواهه مخدوم بلاول وانگر هن کي گهاڻي ۾ وجهي پيڙيو وڃي. دنيا ۾ دستور آهي مُئي کان پوءِ ماتم ڪرڻ جو. ڪاش سنڌ جا مسلمان پنهنجي زندگيءَ تي ماتم ڪرڻ سِکن. اهڙي زندگيءَ تي اُف آهي، اهڙي زندگيءَ کان موت صد بار بهتر آهي، جا زندگي انسان ذات جي خدمت لاءِ قوم ۽ ملڪ لاءِ وقف نه آهي. سنڌ جو سرڪاري نوڪر سمجهي ٿو ته

قوم ۽ ملڪ سندس لاءِ وقف آهن، ساڳيءَ مصيبت ۽ لعنت ۾ سنڌ جو عيوضي ۽ اڳواڻ گرفتار آهي. غريب قوم جو ووٽ وٺي ميمبر ۽ وزير ٿيڻ، غريب مخلوق جي پگهر ۽ رَت جي پورهئي ۽ ڪمائيءَ مان پگهار ڪٽي پوءِ ظلم ڪرڻ ۽ رشوتون کائڻ سو اهڙوئي حرام آهي جهڙو سوئر جو گوشت کائڻ، بلڪ سوئر جو گوشت، رشوت ۽ ظلم جي پئسي کان سئو ڀيرا وڌيڪ حلال آهي، پر تنهن هوندي به اها آهي حالت سنڌ جي نوي سيڪڙو رهبرن ۽ سرڪاري نوڪرن جي. حڪومت جي تخت وزارت، گادي، عملداريءَ جي ڪرسي، واپاريءَ جي دڪان ۾ ڪارخانه داريءَ جي ڪوٺي، جاگيرداري ۽ سرداري ۽ زمينداري تي ويهي ڪري جيڪي ماڻهو بي انصافيون ۽ ظلم ڪن، يا رشوت خوريون ۽ حق تلفيون ڪن تن جو وجود انسان ذات لاءِ لعنت ۽ مصيبت جو باعث آهي ۽ انهن جو صفحهء هستيءَ تان مِٽجي وڃڻ اهڙوئي يقيني آهي، جهڙو ٻه ۽ ٻه چار. اهو آهي قلندر جو ايمان ۽ تاريخ جو فيصلو. جڏهن سرڪاري ڪاتا ظلمن ۽ رشوت خورين جا اڏا بڻجي پون تڏهن آسماني آفتون ۽ انساني انقلاب ظالمن جو تڏو ڪٽي ڇڏيندا آهن. قلندر کي معلوم آهي ته ته حرام خورن ۽ انهن جي آئينده نسلن جي سنڌ ۾ ڪهڙي حالت ٿيڻ واري آهي. ظالم ۽ رشوت خور جو پڻ بنياد ناس ٿيڻ وارو آهي، انهن جون ماڙيون محل ۽ ملڪيتون تباهه ۽ برباد ٿيڻ واريون آهن، خالق ۽ مخلوق جو وزن انهن تي سندن حياتيءَ ۾ نازل ٿيڻ وارو آهي. سي قلندر جا قول نه آهن پر خدا جو فيصلو آهي ۽ خدا جي مخلوق جو فيصلو آهي. سنڌ جا اڳوڻا ۽ پويان وزير ۽ عملدار ڀلي ائين سمجهن ته هو خدا جي غضب کان ڇُٽي ويا آهن، پر ان خدا جو قسم جنهن جي هٿن ۾ مخلوق جي زندگي ۽ موت آهي، ته خدا جي ازلي ۽ ابدي قاعدن کي ڪوبه ڦيرائي نه ٿو سگهي. انهن قاعدن جي گرفت کان ڪوبه پاڻ کي بچائي نه سگهندو.

ظالمو! رشوت خورو! ترسو ۽ انتظار ڪريو. مون کي معلوم آهي ته توهان جو ڪهڙو حشر ٿيڻ وارو آهي؟ اڃا به وقت نه ويو آتوَ. حرام خورين ۽ بدڪارين کان توبهه ڪري وٺو. پنهنجي قوم ۽ وطن ۽ انسان ذات تي زيادتون ڪرڻ ڇڏي ڏيو. توهان مولوي هجو يا مفتي ۽ قاضي ۽ پير هجو يا سيد، سردار هجو يا ليڊر، سرمايه دار هجو يا زميندار ۽ جاگيردار، غريب هجو يا غني، سنڌي هجو يا پاڪستاني، مسلمان هجو يا ڪافر، پر جيڪڏهن توهان ظلمن يا زيادتين، رشوت خورين ۽ حرام خورين کان توبهه نه ڪئي ته توهان کي قيامت کان اڳي ڏوهارين جي قطار ۾ بيهاريو ويندو ۽ پورو حساب ۽ ڪتاب ورتو ويندو. اها آئو قلندري صدا ۽ نِدا. جن توبهه ڪري پنهنجي اصلاح ڪئي سي ڇُٽي ويا ۽ ڇٽي ويندا ۽ جن سرڪشي ڪئي ظلم ۽ رشوت کان توبهه نه ڪئي سي برباد ٿي ويا، ٿي رهيا آهن، ٿيڻ وارا آهن ۽ ٿيندا رهندا!

رشوت خور مسلمان، رشوت خور انسان نه فقط پنهنجي قوم، وطن ۽ انسانيت جو دشمن آهي، پر هو خود پنهنجي ذات ۽ ٻارن ٻچن جو دشمن آهي، ۽ تنهن کان سواءِ خدا ۽ ان جي رسول ۽ هن جي فرشتن جون ڦِٽڪارون سدائين هن تي نازل ٿينديون رهن ٿيون. هن جي نه عبادت قبول آهي ۽ نه خيرات مقبول آهي. خدا پنهنجا گناهه معاف ڪري ڇڏيندو پر پنهنجي مخلوق سان ٿيندڙ زيادتيون ۽ ظلم ڪڏهن به معاف نه ڪندو. هن جو وجود بني نوع انسان لاءِ وبال آهي، خدا جي زمين تي بار آهي، جو شخص اسلام زنده باد جا نعرا هڻي ٿو، پاڪستان زنده باد، يا مسلم ليگ زنده باد، نظام اسلامي زنده باد، يا انقلاب زنده باد، يا اسلامستان زنده باد، يا سنڌ زنده باد جا نعرا هڻي ٿو ۽ پوءِ رشوتون کائي ٿو يا بليڪ مارڪيٽ ۾ واپار ڪري ٿو، يا حڪومت جي زور تي مصيبت زدن تي ظلم ڪري ٿو، انقلاب ۽ اسلامستان ۽ سنڌ جو دشمن آهي. هو منافق آهي جو روپين ۽ اشرفين تي قوم فروشي، اسلام فروشي ۽ وطن فروشيءَ لاءِ هر وقت تيار ٿي ويندو. سنڌ

خواه پاڪستان جو مسلمان جيستائين رشوت خور رهبرن ۽ عملدارن، چورن ۽ وياج خور واپارين، رشوت کائيندڙ پاڻاريدارن ۽ زميندارن، خائن ميمبرن ۽ وزيرن، غبن ڪندڙ ٺيڪيدارن ۽ چوري مال موڪليدڙن کان نجات حاصل نہ ڪئي آهي تيستائين نہ سنڌ سلامت آهي ۽ نہ پاڪستان سلامت آهي.

روزانہ " الوحيد " ڪراچي سنڌ 16 مارچ 1952ع

# مَستن جي محفل

ڪاروان جي روح روان، مستن جي محفل ۾ نئين صدا بلند ڪرڻ جو نياپو موڪليو آهي ۽ جي قلندر ايئن نه ڪيو ته پوءِ سندس نالو " عقلمندن " جي محفل ۾ داخل ڪيو ويندو. ڪراچيءَ جي طوفاني زندگيءَ ۾ صبح ۽ شام ۽ رات جا وڳا بدحواسي ۽ بي هوشيءَ جي عالم ۾ گذري وڃن ٿا. هڪڙي پاسي شهيد سهروردي مسلم ليگ کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي ماتم ۾ ساهه پٽڻ جي فرصت ڪانه ملي آهي، ٻي پاسي خدائي خدمت گارن جو نظربند پيشوا، پختونستان سميت پهچي ويو آهي. ٽئين پاسي بلوچستان جو صمدي سرندو واڄٽ وڄائي رهيو آهي، چوٿين پاسي دستورساز ايوان ۾ شور ۽ غوغا برپا آهي. پنجين پاسي سنڌ جي وزارتي سازن جون ستارون ڪڏهن سست ڪڏهن چست چرپر ڪري رهيون آهن، ڇهين پاسي صوبي کي ختم ڪرڻ جا منصوبا سِتجي رهيا آهن، ستين پاسي قلندر آهي جنهن کي ڪاروان جو هي مدبر جو خود ( مستو مست مدام ) رهندو آهي سو پنهنجي قلندري ڪوفي مان خارج ڪرڻ جي ڌمڪي ڏي ٿو. " قهر درويش بر جان درويش ".

قلندر اجا تائين ڪو اهڙو ڏوهه نه ڪيو آهي جو هن جو نالو عاقلن جي ڪتاب ۾ درج ڪيو وڃي. جي عقلمند هجون ها ته تاج ۽ تخت جا مالڪ هجون ها. پر اسان عقل ڇڏي عشق جي واٽ ورتي آهي. اسان حڪومت ڇڏي آزادي اختيار ڪئي آهي.ڪتا پؤڪندا رهندا پر ڪاروان هلندو رهندو. ڪاروانِ حيات جي ڪنهن کي خبر ناهي، نه ابتدا جي نه انتها جي خبر. هن مسافرخاني ۾ هڪڙا اچن پيا، ٻيا وڃن پيا. نه خوشيءَ سان ڪو اچي ٿو، نه خوشيءَ سان ڪو وڃي پيو. نڪو ستو رهي ٿو نڪو هوشيار رهي ٿو. پر منهنجي قوم اجا اگهور ننڊ ۾ ستل آهي، ڪڏهن سجاڳ ٿيندي ان جو ڪو پتو ڪونهي. ان جي سجاڳ ٿيڻ تائين اسان کي جيڪو انعام مليو آهي سو ساري جهان کي معلوم آهي.

قيد ۽ نظربندي، فڪر ۽ فاقا، هٿڪڙيون ۽ سنگينون، تنگدستي ۽ ذلت، جيلن جون روٽيون سوٽيون، پنت ۽ خيرات جا ٽڪر، قرض ۽ مرض، خاڪ جو بسترو ۽ تڏو، آه و فغان، چيخ ۽ پڪار، پوليس ۽ عدالتن جون حاضريون، ضمانتون ۽ ڏنڊ، الزام ۽ بهتان، طعنا ۽ ٽنڪا، دوستن ۽ عزيزن کان وڇوڙو، آڏي ۽ مانجهي رولڙو، چاليهن سالن تائين دربدر ۽ خاڪ بسر، اهو سڀ ڇاجي واسطي؟

جهان جون خوشيون پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيوسين ڇاجي واسطي؟ " قوم قوم " ڪندا رهياسين، ڇاجي واسطي؟ آزادي آزادي جا نعرا بلند ڪياسين ڇاجي واسطي؟ ٻڪن ۽ ڏکن ۾ زندگي ڪاٽيسين ڇاجي واسطي؟ خانه بدوش ٿي رهياسين ڇاجي واسطي؟ گوشه نشين ٿي گذاريوسين ڇاجي واسطي؟ هزارن ماٺهن کي جيل ۾ موڪليوسين ڇاجي واسطي؟ هاٽي وطن وائي وطن جو ماتم ڪيوسين ڇاجي واسطي؟ اجا به خراب ۽ خوار آهيون ڇاجي واسطي؟ ڇا اهو سيڪجهه ان لاءِ ته اسان جي قوم، قوم ڪشن ۽ وطن ڪشن، رشوت خورن ۽ حرام خورن، بي دينن ۽ منافقن کي پنهنجو سرتاج ۽ حاڪم بڻائي؟ قلندر قبر ۾ به قوم قوم ڪندو رهندو ۽ تڙپندو رهندو؟ پر ڪاش منهنجي قوم کي پاڻ تي قياس اچي، پر ڪاش منهنجي قوم کي پنهنجن ٻچن تي ڪو قياس اچي، ڪاش قومي رهبرن ۽ مدعين کي موجود ۽ آئنده نسلن تي ڪو رحم اچي.

جن زندگيءَ ۾ اسان جي ڳالهه نه ٻڌي، نه سمجهي، نه عمل ڪيو، سي مُئي کان پوءِ به جيڪڏهن اسان جي آه ۽ فغان تي ڪو عمل ڪري ڏيکارين ته پوءِ به قبر ۾ اسان جي سُڪل هڏين ۾ ساهه ڦوڪجي ويندو، پر جي زندگي ۽ موت ۾ اسان سان همه نوا نه آهن تن جي فاتحه خوانيءَ جا به اسان محتاج نه آهيون. اسان جي دلي تمنا پوري ٿي ويندي جڏهن پنهنجي وطن جي خاڪ ۾ ڪا جاءِ ملي ويندي. اهو عرض پنهنجن دوستن کي ضرور ڪنداسين ته قلندر ڪٿي به مري پر هن کي دفن ضرور سندس وطن جي خاڪ ۾ ڪجي. جنهن پاڪ وطن جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ساري زندگي ڦٿڪندي گذري ويئي ان جي خاڪ ۾ منهنجي لاش کي دفنايو وڃي ته ان کان مٿي ٻي ڪهڙي خوش نصيبي ٿي سگهي ٿي. قبر ۾ به روح جي اهائي صدا رهندي ته خدايا جن منهنجي وطن کي ڇاڙي واڙي پنهنجي ذاتي وڏائي ۽ خودغرضي خاطر ويران ڪيو آهي تن کي تون به ٻنهي جهانن ۾ ويران ڪر.

**سنڌ غوطا کائي غرق ٿي رهي آهي. پاڻي مٿي کان مٿي چڙهي ويو آهي. ان کي جنهن ٻڏڻ کان نه بچايو، غريب سنڌڙي ۽ سنڌين کي مغلوب ٿي وڃڻ کان ڪنهن نه بچايو، منهنجي قوم کي ظلم ۽ رشوت خورين ۽ غلاميءَ کان جنهن نه بچايو تنهن لاءِ قلندر جي دل مان زندگي خواه موت ۾ ڪهڙي دعا نڪري سگهندي؟ والله! جو سنڌ کي خوش نه رکندو سو ڪڏهن به خوشيءَ جي زندگي نه گذاريندو.** خدا جي مخلوق آزمائش ۾ گرفتار آهي موت ۽ حيات جي وچ ۾ لٽڪي رهي آهي.

اوڙهه جي ڪنڌيءَ تي، ٻرندڙ جبل جي چوٽيءَ تي، طوفان جي تحت ۾، عالمگير ٻوڏ جي وچ ۾، زلزلي جي ضد ۾، واسينگ نانگن جي وات ۾، عالم سوز ڀنيٺ ۾، وڪوڙيندڙ وچ جي وڪڙ ۾، آتش زده هوائي جهاز ۾، آبي آتشي خاڪي ۽ بارودي بمن جي اوٽ ۾، موت جي منهن ۾، پائيندڙ درياءَ جي پيٽ ۾، محشر خيز نفسانفسيءَ ۾، پڇڙ تارن جي پيچ ۾، شيطاني اعمال جي شامت ۾، نه آهي واٽ ڀڄڻ جي، نه آهي بچڻ جي، نه فرصت ساهه پٽڻ جي، نه جاءِ مرڻ جي.

انسان ذات کي امن جي ضرورت آهي، پر امن ويو آهي اڏامي، امن رهيو آهي امن سوز ائٽمي بمن هٿيار جي ڪارخانن قائم ڪرڻ ۾، امن رهيو آهي رشوت خورن کي راضي رکڻ ۾، جنهن شاندار تمدن جي قائم ڪرڻ ۾ سوين ملڪن جو صدين تائين خزانو خرچ ٿيندو رهيو آهي، سو تمدن صفحهء هستيءَ تان ميٽجي وڃڻ جي خطري ۾ آهي. انسان ذات پنهنجو سمورو علم، عقل، خزانو ۽ پورهيو، ظاهر سجاوٽ ۾ سيڙايو آهي. جيڪڏهن ان جو پنجاهون حصو باطني ۽ اخلاقي ۽ عوامي اصلاح تي خرچ ٿئي ها ته انسان انسانيت ۽ روحانيت جي اسرارن سان مالا مال ٿي پوي ها. **انهن حالتن ۾ جهان کي " پيغامِ لطيف " جي ضرورت آهي. دنيا کي قلندري دعوت جي ضرورت آهي. پر منهنجو جهان پائمال ٿي رهيو آهي. هزارن ورهين جي منڙي تهذيب ۽ ٻولي ختم ٿي رهي آهي. قومي رهبرن کي ميمبري ۽ وزارت جي ضرورت آهي ۽ نه سنڌ جي. اي جاهلو ۽ ظالمو! جڏهن سنڌ نه رهندي تڏهن وزارت ۽ ميمبري توهان کي ڪهڙي ڪم ايندي؟** مڪاني ۽ غير مڪاني دربدر ٿي رهيا آهن، ۽ پاڻ کي تباهه ڪري رهيا آهن. رحم ڪريو رحم ڪريو.

**مخلوق کي ظلم کان ڇڏايو، پاڻ کي بچايو. ڪراچيءَ ۾ ميزبان مهمان ٿي چڪو آهي. پنهنجي ديس ۾ پرديسي ٿي ويٺو آهي. ڇا سنڌ ۾ به توهان غير سنڌي ٿيڻ ٿا گهُرو؟ سنڌ نه رهندي ته ڪير رهندو. جنهن گهر ۾ پنج ماڻهو رهي سگهن ٿا تنهن ۾ پنجاهه رهي نه ٿا سگهن. جنهن شخص کي پنجن**

**ڇٽن کي ڪارائڻ جيتري آمدني آهي سو ساڳي آمدنيءَ مان پنجاهہ ڇٽن کي ڪهڙيءَ ريت ڪارائي سگهندو؟ جو پرڳڻو پنجاهہ لکن جي بک ۽ بيڪاري، بيماري ۽ دک درد، جهالت، بدامني، اڻي لڻي ۽ اجهي جو تدارڪ ڪري نہ ٿو سگهي سو وڏيک آباديءَ جو ڪهڙو بندوبست ڪري سگهندو.**

توهان جي بزدلي ۽ خودغرضي سنڌ ۾ قيامت برپا ڪندي، ڏڪار آڻيندي، بدامني ڦهلائيندي، بداخلاقي پيدا ڪندي، وبائون نازل ڪندي، سنڌ ۾ جديد باشندن جي تباهيءَ جو باعث ٿيندي، جيڪڏهن ڪوڪرا پار وارو دروازو بند نہ ڪندؤ؟ توهان شخصي خودمطلبيون ۽ نفاستيونَ ڇڏي ڏيو ۽ متفق ٿي هاڻوڪين حالتن جو مقابلو ڪريو، ۽ موجوده مسائل جو حل تلاش ڪريو. قلندر کي اطمينان سان مرڻ ڏيو ۽ مرڻ کان اڳ خوشخبري ڏيو تہ سنڌ زندهہ آهي، سنڌي مسلمان زندهہ آهن، پر افسوس- صد افسوس.

اڄڪلهہ ڪنهن جو نقارو وڃي ٿو ۽ ڪنهن جو سِڪو هلي ٿو؟ رياست ۽ سياست ۾، وزارت ۽ حڪومت ۾، صحافت ۽ تجارت ۾، بازيگرن ۽ مدارين جو زور آهي. صبح شام نئون ناٽڪ ۽ نئون کيل، ڍنن شٽن ۽ ڏٽن سٽن، جي دور ۾، وسوڙيل عوام حيران ۽ پريشان، امن ۽ آسودگي، انصاف ۽ خوشحاليءَ جو نالو وڃي بچيو آهي. غريب سنڌڙي لوڏن ۾ آهي. ڪير آهي ان کي بچائڻ وارو؟ حاڪمن جو بازار ۾ هڪڙو ويس تہ دربار ۾ ٻيو ويس. سانڍي وانگر نت نئون روپ ۽ چاپلوسيون ۽ پلٽ بازيون. نوان ڏتا ۽ نوان فوتا. سير ڪري وٺو ۽ ٻہ روپيو ٿيو، ٻچاپڙائي ڪريو، چاڙتا ڏاريو، دلال رکو، ڪلال ٿيو، ڪاردار ۽ وزير ٿيو. صلاح ڪار رکو، پارليامينٽري سيڪريٽري رکو، پرائيويٽ سيڪريٽري رکو، پروپيگنڊه سيڪريٽري رکو، پوليس پهريدار رکو. دعوتون کائو، ايٽ هوم وٺو، ايڊريس وٺو، گلن جا هار پايو، اٿندي، ويهندي، بيهندي، سمهندي، هلندي چلندي، کلندي ڪڏندي، عيش ڪريو، شڪار ڪريو، دربار ڪريو، سلاميون وٺو، ڊيڊيا رکو، جيڪي وڻيو سو ڪريو، اڳيان ٻہ ائين ڪري ويا، توهان بہ موجون ۽ مزا ماڻي وٺو..

پر خدارا! سنڌ کي بچائڻ جو ڪو پهہ پچايو، جي سنڌ نہ هوندي تہ ڪير هوندو. ڪهڙو عيش توهان ڪندؤ ۽ ڪهڙو عيش توهان جا پويا نسل ڪري سگهندا؟

جيڪڏهن سنڌ کي نہ بچائيندؤ تہ اها حڪومت ڪيترو وقت جٽاءُ ڪندي؟

هڪ ڏينهن ويٺا هوندؤ ٿواٽي تي، جهڙي ريت توهان جا اڳرو ۽ همعصر ويٺا آهن.

روزانہ " ڪاروان " حيدرآباد سنڌ 4 اپريل 1954ع

# قلندري اسلام

اڄ اچ ته آئون توتي قلندري اسلام جي حقيقت ظاهر ڪريان. قلندري اسلام جو مقصد آهي بني نوع انسان جي خدمت جنهن ۾ امت اسلام به داخل آهي. اهائي آهي قرآني تعليم، اهوئي آهي ذڪر اڪبر، اهائي آهي وڏي عبادت، اهوئي آهي محمدي پيغام. دائمي امن ۽ سلامتي ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ نه فقط افراد لاءِ پر قومن لاءِ اهڙي زندگي حاصل ٿيندي جهاد في سبيل الله جي ذريعي. زندگي جهاد آهي ۽ جهاد ۾ زندگي آهي. زندگي جهاد جو ٻيو نالو آهي. جهاد کان سواءِ زندگي موت جي برابر آهي.

سوين ۽ هزارين ڪمن سان زندگيءَ جو واسطو آهي ۽ هر هڪ نيڪ ڪم کي سرانجام ڪرڻ ۽ هر بد ڪم جو مقابلو ڪرڻ جماعتي تنظيم سان، ان جو نالو آهي جهاد. پر اي نادان! تو فقط تلوار سان مقابلي ڪرڻ جو نالو رکيو آهي جهاد. هائو! اهو به جهاد جي هزارين طريقن مان هڪ طريقو آهي. جنهن جي اجازت فقط حڪومتِ وقت کان ملي سگهي ٿي. پر جهاد ٻين سوين طريقن لاءِ حڪومت جي اجازت درڪار نه آهي. توکي خدا جي پاران نيڪين ڦهلائڻ لاءِ ۽ بدين کي روڪڻ لاءِ جماعتي تنظيم قائم ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي، روزا نمازون سڀ توکي مرد مجاهد بنائڻ واسطي ۽ جهاد جي ترغيب، تربيت، ۽ تياريءَ لاءِ توتي فرض ڪيا ويا آهن.

جيڪڏهن ڪابه عبادت توکي جهاد لاءِ تيار نٿي ڪري سگهي ته اهڙي عبادت بيڪار آهي، خدا کي ڪنهن به شخص جي عبادت جي ضرورت نه آهي. هن توکي عبادت جو حڪم ڪيو آهي هن لاءِ ته تون پنهنجي ذات ۽ انسان ذات جي اصلاح ڪري سگهين ۽ عوام جي خدمت جون صلاحيتون پاڻ ۾ پيدا ڪري سگهين. جيڪڏهن سارو جهان سدائين هن جي بندگي ڪندو رهي ته هن جي عظمت ۾ ڪو اضافو نٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن سارو جهان هميشه لاءِ ڪافر ٿي وڃي ته هن جي عظمت ۾ ڪا گهٽتائي نٿي ٿئي. اهائي آهي الله اڪبر جي معنىٰ. يعني ته هو انهن سيني ڳالهين کان مٿي آهي. پر تنهن هوندي به هن پنهنجن بندن کي فقط عبادت لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي. جنهن جي معنىٰ آهي خالص خدمت، نه ڪنهن ذاتي غرض کي پوري ڪرڻ لاءِ پر فقط هن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ. خدمت جو ميدان تمام وسيع آهي. اها خدمت هزارن نمونن ۾ ٿي سگهي. پر جنهن خدمت لاءِ جماعت تيار ڪئي وڃي ان جو نالو آهي جهاد. جهاد ۾ ڪاميابيءَ لاءِ شرط آهن:

1. خدا جي مدد ۾ پختو عقيدو رکڻ، جنهن لاءِ نماز کي قائم رکڻ ضروري آهي.
2. جماعتي تنظيم قائم ڪرڻ، جنهن جي صلاحيت پڻ نماز باجماعت مان پيدا ٿيندي آهي.
3. اڃ ۽ بک برداشت ڪرڻ، جنهن جي عادت روزن سان حاصل ٿيندي آهي.
4. مالي قرباني ڪرڻ، جنهن جي ترغيب واسطي زڪوات جو حڪم ڪيل آهي.
5. سفر جون تڪليفون سهڻ ۽ گهر ٻار کان جدا ٿيڻ، جنهن جو سبق حج بيت الله مان حاصل ٿئي ٿو.

6. دنيا ۾ انسان ذات ۽ پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي قوم جي وحدت قائم ڪرڻ جو نصب العين، جو خالق اڪبر جي وحدت ۾ ايمان رکڻ مان پيدا ٿئي ٿو.

اسلامي تعليمات جو مول مقصد آهي توکي ۽ تنهنجي قوم کي ۽ بني نوع انسان کي حياتِ جاوداني عطا ڪرڻ. مرڻ تائين جهاد جاري رکڻ حيات جاوداني نه رهيو آهي، جهاد جي زندگي مثالي زندگي آهي، جا انسان ذات جي خدمت سان حاصل ٿئي ٿي ۽ محدود دائري اندر پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت سان حاصل ٿئي ٿي. خدمت ڪرڻ ۾ ڪوبه ذاتي غرض نه هئڻ گهرجي. قلندر خدمت ڪندو آهي خدمت جي خاطر، خواه خدا جنت ۾ وجهيس يا جهنم ۾.

اڪثر ماڻهو خدمت ڪندا آهن دنيا ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ واسطي يا مُئي کان پوءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ واسطي. پر قلندر سزا ۽ جزا جو فيصلو خدا تي ڇڏيندو آهي ۽ بي غرضانه خدمت ڪندو آهي.

خدمت جي خاطر خدا جا نيڪ بندا نيڪيون ڪندا آهن. انعام وٺڻ جي خاطر، تون نماز پڙهين ٿو ۽ هٿ کڻي پنهي جهانن جون نعمتون گهرين ٿو، تون خيرات ڪرين ٿو، ۽ پنهنجي دولت ۾ ڏهوڻي برڪت ۽ واڌ جي دعا گهرين ٿو. تون روزا رکين ٿو ۽ جنت ۾ ميون کائڻ جو آسرو رکين ٿو. تون هر ڪم جو عيوضو گهرين ٿو. تون هر وقت انعامن ۽ اڪرامن جو جو طالب آهين. هائو! هائو! تون انهن اميدن سان نيڪيون ڪندو رهين ته به غنيمت آهي. پر خدا جا مقرب بندا نيڪيون ڪندا آهن. نيڪين جي خاطر، خواهه انهن کي دنيا يا آخرت ۾ ڪو انعام ڏنو وڃي يا نه، مقربن کي خدا جو قرب کپي، پنهي جهانن ۾ ۽ ٻيو ڪجهه به نه.

اهوئي سبب آهي جو چيو اٿن ته نيڪن جون نيڪيون مقربن لاءِ برايون آهن. نيڪن جو درجو ۽ مقام اعلىٰ آهي ۽ افضل آهي. پنهي جو وجود ملت لاءِ، انسان ذات لاءِ سراسري رحمت آهي. جنهن قوم ۾ ڪو اهڙو ماڻهو ڪونهي سا قوم بدبخت، مسڪين ۽ ڪنگال آهي، ۽ جيڪڏهن تنهن قوم ۾ ڪو اهڙو رهبر ڪونهي سا تباهه ۽ برباد آهي، ۽ جا قوم ڪنهن بي غرض قلندر کي پنهنجو رهبر ڪري نه وٺندي سا اڄ نه ته سڀاڻي صفحهء هستي تان مِٽجي ويندي.

هاءِ هاءِ ڪندي زندگي گذري ويئي پر منهنجي قوم کي اجا تائين ڪو اڳواڻ نٿو ملي. توهان کي جيڪڏهن ڪو نيڪوڪار پسند نه آهي ڪو مقرب قبول ناهي ته پوءِ ڪنهن بدڪار تي ئي راضي ٿي وڃو. هن وقت پنهنجي قوم کي وڏيڪ پريشانين ۾ مبتلا نه ڪريو. سموري سنڌ مالِ غنيمت آهي ۽ توهان جو تڪرار مال غنيمت جي تقسيم تان. ڪٹي ڪس ڪائو پر هن وقت نازڪ دور ۾ متفق ٿي وڃو. ائين ڪرڻ ۾ توهان کي مالِ غنيمت مان به ٿورو گهڻو حصو ملي ويندو ۽ شايد توهان جي قوم به وڏي نقصان کان بچي پوي. جيڪڏهن پنهنجي قوم کي ڪو فائدو ڻتا پهچائي سگهو ته به ان کي نقصان کان بچائي وٺو. خدا ۽ خدا جا فرشتا ۽ خدا جي مخلوق ۽ سنڌ جا موجوده ۽ آئنده نسل توهان کي ڪڏهن به عيد مبارڪ جو مستحق نه سمجهندا، جيڪڏهن توهان چاڙي واٽي، نئين نظام جي ٺهڻ وقت سنڌ کي هميشه جو نقصان پهچائيندؤ.

چوطرف کان باهه وڪوڙي ويئي آهي پر گهر جي ياتين ۾ تڪرار آهي ته منجهن وڏو ڪير آهي؟ ٻيڙي ٻڏي رهي آهي پر ملاح ۽ مسافر ننڊ ۾ بيهوش آهن، ڪتڪن پنيان ڪتڪ ملڪ ۾ ڪاهي پيا آهن پر

محافظن جي پاڻ ۾ لٽ بازي شروع ٿي ويئي آهي، ملڪ غرق ٿي رهيو آهي، پر بچاءَ بند کي مضبوط ڪرڻ بدران ان کي ڊاهي رهيا آهن. زلزلو سيني کي دفن ڪري رهيو آهي، پر زلزلي جا مصيبت زده قرمار ۾ لڳي ويا آهن. آسماني بجلين جي ڪڙڪاٽ هيٺ هر عمارت زمين دوز ٿي رهي آهي. عياشين ڪرڻ وارا ۽ مال ۽ دولت گڏ ڪرڻ وارا عياشين ۽ رشوت خورين ۾ رڌل آهن ۽ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن.

سنڌ جا عيوضيو! گهٽ ۾ گهٽ هيءَ جنگ زيرگري بند ڪريو، هيءَ خانه جنگي ساري سنڌ جي دائمي تباهيءَ جو پيش خيمو ٿيندي. توهان عيوضي ٿيو، وزير ٿيو، وزير اعلىٰ ٿيو، نائب وزير ٿيو، صلاح ڪار ٿيو، سيڪريٽري ٿيو، ساري سنڌ جي خزاني ۽ ٺيڪن جا مالڪ ٿيو، ڪميشنون کائو ۽ ڪارايو، عياشيون ڪريو، شڪار ڪريو، بنگلا رکو ۽ موٽرون وٺو، فيڪٽريون وٺو ۽ ڏيو، باغن ۽ گلن ڦلن جي بسترن تي ننڊون ڪريو، مفت ۾ سير ڪريو، حاڪم ٿي سلاميون وٺو، قوم کي وڏيڪ غريب ڪريو، پرواه نه ڪريو جيڪڏهن بيمارن کي دوا نه ٿي ملي، اوگهڙن (اوگهاڙن) کي ڪپڙو ٽتو ملي، هارين نارين ۽ مزدورن کي نه پورو اٽو آهي، نه اجهو آهي ۽ توهان خوش آهيو ته سمجهوَ ته ساري قوم خوش آهي پر خدارا پاڻ ۾ ته نهي هلو ۽ غريب سنڌڙيءَ کي مڏي ڪاٽيءَ سان ڪُهي ڇڏڻ کان ته پرهيز ڪريو. نئون دستور نهي وجي تيستائين پاڻ ۾ متفق ٿي وڃو. دستور نهي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن توهان هڪبئي کي ختم ڪندؤ ته پوءِ قلندر الله جي درگاه ۾ دعا پِني اوهان کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

روزانه ” الوحيد “ ڪراچي سنڌ 3 جون 1954ع

# مهراڻ جون مائرون!

**جاڳو، جاڳو،** ۽ بيجان قوم ۾ زندگيءَ جو روح ڦوڪيو. توهان جي پُٽڙن ٿج لڄائي آهي، اباڻي لڄ لٽائي آهي، پنهنجي غيرت غارت ڪئي آهي، مائٽاڻي مَڏي وِڪي آهي، ۽ معصوم مادر وطن کي مارئيءَ وانگر عمر جي بندي خاني ۾ بند ڪيو آهي. انهن ظالمن کي ائين ڪنديءَ نه غيرت آئي نه ترس پيو. هن ملڪ کي طوفان تباهه نه ڪري سگهيو، غضبناڪ درياهه غرق ڪري نه سگهيو، هلاڪو خان هلاڪ ڪري نه سگهيو، چنگيزخان چٽ ڪري نه سگهيو، نادرخان نابود ڪري نه سگهيو، پر توهان جي فرزندن ان جا تختا ڪڍي ڇڏيا آهن، توهان سُتل بخت کي جاڳائي سگهو ٿيون، قوم جي مايوسي ۽ ملال کي دور ڪري سگهو ٿيون، ڦٽيل جگر ۽ زخميل دل جو صحيح علاج ڪري سگهو ٿيون ۽ ملڪ کي تندرست، توانا، طاقتور ۽ آزاد ڪري سگهو ٿيون، **سونهاري سنڌ جون سڌوريون!**

قلندر جي نزديڪ توهان قوم جو خزانو آهيو. توهان منهنجي ديش جو ڌن ۽ دولت، هيرا ۽ موتي آهيو. انسان ذات جي عزت ۽ اسلام جي عظمت توهان سان وابسته آهي.

انسانيت ۽ شرافت، رحمدلي ۽ همدردي، توهان جون فطري خوبيون آهن. غمزده دل ۽ زخميل جسم لاءِ توهان جو هٿڙو روحاني راحت ۽ مرهم جو ڪم ڏئي ٿو. توهان جي رفتار ۾ قدرتي نرمي ۽ شيريني آهي. قدرت جي ڪاريگر توهان کي اعليٰ مقصد لاءِ جوڙيو آهي. گهرن ۽ ڪٽنبن، جماعتن ۽ قومن جي ٺهڻ ۽ ڦٽڻ ۾ توهانجي تربيت جو وڏو دخل آهي. قومن جو مجموعو انسان ذات آهي. خاندان جو مجموعو قوم آهي. انهيءَ خاندان جو چشم و چراغ، عزت ۽ آبرو توهان جي هستي آهي. ڏينهن جي روشني جهڪي ٿي رهي ٿي، رات جي اونداهي ڀيانڪ ٿي رهي ٿي. برسات جي موسم بدلجي رهي آهي، درياهه جو پاڻي گهٽجي رهيو آهي، هوا جو رخ ڦري ويو آهي، گرميءَ جي شدت وڌي ويئي آهي، سردي سڏي رهي آهي، چوطرف لڏپلاڻ آهي، سنڌي پنهنجي وطن ۾ بي وطن ٿي پيو آهي، اڳواڻ غدار آهي، عوام پريشان آهي، انصاف جو خون ٿي رهيو آهي، قوميت جو ڪال آهي، وطن جو نالو وٺڻ گناهه آهي، قدرن ۽ معيارن جي مٽي پليد ٿي ويئي آهي، خيالن ۾ گندگي پرپور آهي، اصولن سان ڪنهن جو واسطو ڪونهي، اخلاق بگڙي چڪا آهن، مذهب ۽ سياست ۾ منافقي پيدا ٿي چڪي آهي، شرافت جو نالو ڪونهي، قومي عزت ۽ عظمت جي پٽيان چور ڪاهي پيا آهن، فتني ۽ فساد جو جهان آهي. زور ۽ زبردستيءَ جو دور آهي ۽ **اهڙي دور ۾ سنڌو درياءَ جون ڌيئرون!**

**مُحَمَّدِ دين جون مڃڻ واريون!**
**وطن ۾** ............................**واريون!**

توهان پيدا ٿيون آهن ۽ توهان کي، پاڻ کي، ۽ قوم کي فتنن ۽ فسادن کان بچائي ترقي ۽ عروج جي اعليٰ منزلن تائين پهچائڻو آهي.

هزارين سالن کان وٺي زماني توهان تي ظلم ڪيو آهي ۽ توهان کي حقير سمجهيو آهي ۽ قيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ اجا به ڪيترن خاندانن جي روش ۾ تبديلي ڪانه ٿي آهي. اجان به توهان ئي نگاهه هدف آهيو،

بدچالن جي ٽولين جو شڪار آهيو، سنهري پڃرن ۾ نظربند آهيو. جاهلن جي نڪته چينيءَ جو مضمون آهيو ۽ ڪيترن جي نزديڪ پيدائشي جنم ٽيپي تي رهڻ جي لائق آهيو.

هر ڪنهن جي نظر توهان جي جسماني نزاڪتن ۽ ڪمزورين تي آهي ۽ نه توهان جي روحاني صلاحيتن ۽ اخلاقي اوصافن تي ۽ نه فطرتي خصوصيتن تي. اهو ڪير نه ٿو ڄاڻي ۽ وِيچاري ته ڪائنات ۾ توهان نه هجو ته ڪير به نه هجي. جيڪڏهن اها هڪ ناگزير حقيقت آهي ته پوءِ هيءَ به حقيقت آهي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن قوم ۾ توهان جي واسطي عزت ۽ احترام نه آهي ته پوءِ اهڙي قوم هڪ بي عزت ۽ ذليل قوم آهي. پر هيءَ به حقيقت آهي ته جهڙيون توهان هونديون تهڙو جهان ٿي پوندو. جي توهان خداترس، خدا شناس، بااخلاق، سڌريل ۽ تعليم يافته، وطن ۽ قوم ۾ انسانيت سان محبت رکندڙ آهيو ته قوم توهان وانگر ٿي پوندي. قوم توهان جو آئينو آهي. توهان قوم جو لباس ۽ قوم توهان جو لباس توهان قوم جي ناموس ۽ قوم توهان جي ناموس، توهان قوم جو آڌار ۽ قوم توهان جو آڌار، درحقيقت انسان ذات توهان جي ذات ۾ سمايل آهي. توهان جي ذات ڏاتر جي ذات آهي. خانه داري، وطن ساز ۽ قوم پروري توهان جو فطرتي شعائر آهي. ڪنهن سچ چيو آهي ته جو هٿ هندورو هلائي ٿو سو جهان جي حڪومت هلائي ٿو. غلط آهي اهو الزام ته توهان حضرت آدم کي جنت مان لوڏي ڪڍيو.

جيڪڏهن اهو صحيح هجي ها ته پوءِ اسلام جو پاڪ ۽ پيارو پويون پيغمبر ائين هرگز نه چوي ها ته جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي. توهان آهيو قوم کي جنت ۾ موڪلڻ واريون ۽ جهنم کان بچائڻ واريون. توهان ماءُ ٿي ڪير پياريو، لوليون ڏيئي وڏو ڪيو، تربيت ڏيئي اخلاق سيکاريو، ڦڪيون پياري بيمارين کان بچايو، سموري گهر جو انتظام رکيو، ڪپڙا ٻٽائي انگ ڍڪايو، لڪائي پڙهائي ڏنڊي تي لڳايو، قوم جي محبت ۽ وطن جي خدمت جو جذبو جاڳايو، بهادر ۽ مجاهد بڻايو، زندگيءَ جون منزلون طئي ڪرايون.

پر دنيا جي اميرن هر زماني ۾ توهان کي پنهنجي حرص ۽ حوس جو رانديڪو بڻائي رکيو. هٿن ۾ ڪنگڻ، نڪ ۾ ٿتون، ڪنن ۾ جهومڪ، ڳچيءَ ۾ هار، پيرن ۾ پازيب، ٻانهن ۾ ٻانهيون ۽ خدا ٿو ڄاڻي ته ڪيترن قسمن جا زيور آهن، جن سان توهان جي دل هوندي پر توهان جو سچو زيور توهان جو علم ۽ عمل آهي، عقل ۽ اخلاق آهي، قومي محبت ۽ قومي خدمت آهي، رحمدلي ۽ هنر آهي، دينداري ۽ پرهيزگاري آهي، قوم جي ٻچن

جي تربيت ۽ تعليم آهي، خانهء داري جو سليقو ۽ وطن جي زينت آهي. تعليم يافته زالون ۽ بيدار مغز زالون، تعليم يافته ۽ بيدار مغز قومون پيدا ڪنديون آهن.

اسان جي ميمبرن جي ميمبريءَ ممڻ مچايو آهي ۽ وطن وڪيو آهي. انهن توهان جي آئنده نسلن سان نِسورو ناحق ڪيو آهي. شال اهڙا ٻچا توهان پيدا ئي نه ڪريو. جي پيدا ڪريو ته انهن جي نرڙيءَ تي ننهن رکي نگهوسار ڪري ڇڏيو ها. اهڙن وطن فروش ۽ ديش دشمنن، ظالمن ۽ ستمگرن، رشوت خورن ۽ حرام خورن کي اجا به توهان ختم ڪري سگهو ٿيون. غيرت مند مائرون ۽ زالون، ڀينرون ۽ ڌيئرون، انهن پٽن ۽ مردن، ڀائرن ۽ ڀينرن تي ڦٽڪار وجهنديون آهن جي وطن جي آزاديءَ لاءِ پنهنجيون جانيون قربان نه ڪندا آهن. پر هي نامراد ته ٽڪي جي عارضي ميمبري ۽ وزيريءَ لاءِ پنهنجي وطن جو خانوخراب ڪري چڪا آهن. جي توهان گهُرو ته انهن کي سندن ڪرتوتن جي سزا ڏيئي سگهو ٿيون.

اِجهو عام چوندون ٿيڻ واريون آهن، توهان کي به راءِ ڏيڻ جو حق حاصل آهي. قوم توهان جي طرف واجهائي نهاري رهي آهي ۽ درخواست ڪري رهي آهي ته توهان جا فرزند، هرگز انهن اميدوارن کي ووٽ نه ڏجو جي پنهنجي ذاتي مفاد واسطي ظلم ڪيو ويٺا آهن ۽ وطن وڃايو ويٺا آهن.

روزانه " الوحيد " ڪراچي سنڌ 8 اپريل 1956 ع

# نعرهء مستانه

[ نوٽ: سنڌ جي تاريخ ساز روزنامي ” الوحيد “ جو ڪالم ” نعرهء مستانه “ سنڌي صحافت ۾ يادگار حيثيت رکي ٿو، جو محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب جي بهار آفرين ۽ فڪرانگيز قلم جو ڪرشمو آهي. هيءُ مضمون ان دستاويزي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ شيخ صاحب جي اعلىٰ نثرنويسيءَ جو عڪس موجود آهي. اهو ڪالم شيخ صاحب جن ” مست قلندر “ جي نالي سان لکندا هئا. هيءُ مضمون روزانه ” مهراڻ “ جي سالگره نمبر جنوري ١٩٦٢ع تان نقل ڪري هتي پيهر تبرڪ طور شايع ڪجي ٿو. اها شيخ صاحب جي آخري چيپل تحرير آهي. ]

(1) قلندر نه عالم نه فاضل، نه سالڪ نه مجذوب، نه مدبر نه معلم، نه مورخ نه منصف، نه شاعر نه اديب، نه مصور نه موسيقي دان. پوءِ به ڪيس حڪم مليو آهي مضمون لکڻ جو.

(2) سردارن جو حڪم نه مڃڻ بغاوت جي برابر آهي. دوستن جي دل نه رکڻ دل ڏکوئڻ جي برابر آهي. بلڪ سوين سال اڳي مولانا رومي صاحب فتوىٰ ڏيئي ڇڏي آهي ته دل وٺڻ صبح – ڪبر جي برابر آهي پر قلندر سراپا قتيل. سو لکي ڇا لکندو؟ ظاهري زخمن جو علاج آسان آهي پر دل جي دردن جو نڪو ويڄ نڪو طبيب. جنهن لکڻ مان ڪو ڪڙ تيل نڪري يا علم ۽ معلومات وڌي يا روحاني سُرور ۽ سواد حاصل ٿئي يا رب جو رستو يا رب ملي، سو لکڻ ئي پيو آهي. قلندر جو مضمون ڦِڪو ۽ سڪو، رُکو بي ٽُڪو، جنهن ۾ نه مرچ نه مصالحو، نه رس نه رهاڻ، نه نظرياتي جهلڪ نه علمي چاڻ، نه نحوي ترڪيب نه منطقي ترڪيب، اهڙو مضمون جهڙو لکيو تهڙو نه لکيو.

(3) اسان ورق سڀ وساري ڇڏيا. پراڻا پنا سڀ ڦاڙي ڇڏيا. قلم ۽ ڪتاب سڀ درياءَ داخل. زندگيءَ جو ڦل لاحاصل. نيڪي برباد گناه لازم. خانه بدوش، نه گهر نه گهاٽ، نه پني نه پارو، نه وٿ نه واپار، نه نوڪري نه چاڪري. آزاديءَ تان سڀ ڪجهه قربان. جان مال، پار پچار، مِٽ مائٽ، عيش آرام سڀ قربان. ڏينهن ۽ رات، صبح ۽ شام، آڌي ۽ مانجهي، ديس ۽ پرديس ۾، سفر ۽ حضر ۾ فاقا ۽ فرياد هاءِ هاءِ وائي وائي، منهنجو وطن، ماضي حال ۽ مستقبل ۾ ساڳي صدا ۽ ساڳي ندا. اها فطرتي محبت آهي جا هر انسان خواه حيوان کي پنهنجي آزاد گهر لاءِ رهي ۽ رهندي، ته خدا آزاد سلامت ۽ خوش رکي. منهنجي مادري ۽ پدري وطن کي. شال غير جي غلاميءَ کان آزاد رهي منهنجو اباڻو وطن. شال هر سال پنهنجن اباڻن پکن ۾ آزاديءَ جو جشن ملهايو وڃي ۽ هر روز نغمه قومي جو ناد وڄندو رهي. لاهين ۽ چاڙهين ۾ زندگيءَ جو لطف ۽ مزو آهي، قلندر جو پيڙو انشاءالله ڪڏهن به نه ٻڏندو. لُڏي لُڏي پار پئجي ويندو ۽ منزل تي پهچي ويندو.

(4) انهيءَ چيخ ۽ پڪار ڪندي زندگيءَ جا ٣٧ سال نه پر ٣٧ ڏينهن پيا لڳن. هڪڙو سال هڪ ڏينهن جي برابر. جهڙيءَ ريت گذريل زماني جي هزارها صدين جو ڪو احساس ڪونه رهيو آهي، تهڙي ريت زندگي جي گذريل وقت جو به. سچ چيو اٿن ته ڪمان مان ڇٽل تير وانگر ويَل وقت به موٽي نه ايندو.

قلندر جي يڪي توبھ. نہ فقط ماضي ڪان پر حال ۽ مستقبل ڪان بہ آزادي حاصل ڪرڻ آسان پر سنيالڻ تمام ڪٺن ڪم. زهر جو پيالو پيڻ، لوهہ جا چڻا چبڻ، دل جو خون چوسڻ، موت جو مقابلو ڪرڻ مشڪل نہ آهي پر قومن جي خارجي ۽ داخلي آزادي قائم رکڻ مشڪل مسئلو آهي. جيئڻ جنجال آهي. زندگي وبال آهي. انسان ذات جو غوراب وچ درياءَ ۾ لڏي رهيو آهي. ڪنارو دور. وچ ۾ ڪُن. موسم ناموافق. طوفان تيز. خلاصي حواس باختہ. مسافرن ۾ فساد ۽ تڪرار پر قلندر جي حياتيءَ جو ڏيئو اجا وِسامي نٿو. جيستائين موت جو پيغام نہ آيو آهي تيستائين حياتيءَ جو آسرو آهي. اميدون ۽ آسون ٽٽيون ٽُٽن. اميد تي جياپو آهي. اميد حياتي جو وڻ آهي. زماني جا طوفان ڪا شيءِ نہ آهن. اهي طوفان لڳي لڳي ازخود جهڪا ٿي ويندا آمين. دل ۾ ڪيتريون ئي مرادون موجود ۽ موجزن آهن.

(5) شال منهنجو وطن آزاد ۽ آباد ۽ خوشحال رهي ۽ ترقيءَ جي معراج تي پهچي وڃي. شال قوم جا نوجوان اعلىٰ ڪان اعلىٰ ڊگريون ۽ فضائل حاصل ڪن ۽ هنرمند ٿين جن جي شرڪت ۽ صلاح مان قومي ۽ بين الاقوامي ادارا پنهنجو ڪم پورو ڪري سگهن.

شال اهي عالمي آزادي ۽ امن جا علمبردار ٿين. اڄڪلهہ جڏهن قومن ۾ نفرت ۽ عداوت وڌي رهي آهي ۽ ائٽمي طاقت تي گهمنڊ آهي تڏهن منهنجي قوم بہ اهڙي طاقتور ٿئي جو پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ۽ پنهنجو پيدائشي حق محفوظ رکي سگهي. شال اهو اوج ۽ عروج اکين سان ڏسي پوءِ مران. پر پوءِ بہ مرڻ تي راضي ٿيندس يا نہ، سا پڪ نہ اٿم.

(6) انسان ويچارو ريسارو ۽ ويسارو، نفساني خواهشن جو پتلو، نسيان ۽ عضيان جو مرڪب آهي. ڏسي بہ پيو تہ خدا جي زمين هڪ وڏو قبرستان آهي. فرعون ، نمرود، شداد، سڪندر، دارا، نيپولين، چنگيز خان، هلاڪو خان، هٽلر، مسولني، لينن، استالن، شهنشاهہ سلاطين، ڪرزن ۽ ڪچنر سڀ زيرزمين دفن يا درياءَ ۾ غرق ٿي ويا. پيغمبرن ۽ پِيرن مان بہ ڪو ڪونہ بچيو. قومن جون قومون، علائقن جا علائقا ۽ شهرن جا شهر، تمدن ۽ تهذيبن جا ڪيترائي مرڪز سڀ خاڪ ۾ مدفون. جو ڄائو آهي سو نيٺ مرندو. پر تنهن هوندي بہ مون وانگر ڪو خوشيءَ سان مرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جڏهن زندگيءَ سان ايتري قدر محبت آهي تڏهن ڪير چوندو تہ زندگي هڪ خواب ئي خواب آهي جنهن جي ڪا حقيقت ڪانهي؟

(7) ڇا انسان پاڻيءَ مٽي ڦوٽو آهي جو پاڻي ٿي ويندو؟ يا مٽيءَ جو پتلو آهي جو مِٽي ٿي ويندو؟ يا هوا جو غبار آهي جو هوا ٿي ويندو؟ يا امر ربي آهي جو امر ٿي ويندو؟ انسان ڇا بہ هجي پر هن ڳالهہ کان ڪير انڪار ڪندو تہ اهي ئي ارڪان زندگيءَ جا ڪارپرداز آهن، تہ پاڻيءَ ۾ زندگيءَ جا مٺيا موتي ۽ ماڻڪ آهن، تہ مٽيءَ ۾ عجيب و غريب خصوصيات ۽ معدنيات موجود آهن، تہ هوا ۾ حيات بخش اوصاف آهن، تہ آفتاب ۾ روشني ۽ حرارت آهي، تہ جڏهن پاڻي، مٽي، هوا ۽ روشني هڪ ٿي ويا تڏهن انسان جو خمير تيار ٿي ويو ۽ امر ربيءَ سان حرڪت ۽ حيات حاصل ٿي ويئي. خواب وارا خواب ۾ مست، حقيقت شناس حقيقت ۾، سارو جهان پنهنجي خيال ۾ مست، جيڪڏهن هڪ خسيس داڻو خاڪ ۾ ملي گلزار ٿي پوي ٿو تڏهن قلندر قبر جي خاڪ ۾ ملي زنده ٿي پوي تہ ڪهڙو تعجب آهي ۽ هائو! قلندر جڏهن مرندو ۽ سارو جهان جڏهن مرندو تڏهن سجاڳ ٿي پوندو ۽ بهتر صورت ۾ ظاهر ٿيندو. ” هو تشنكم في مالا تعلمون. “

موت زندگيءَ جو هڪ خواب آهي. موت جي رات بعد نئين زندگيءَ جو صبح نمودار ٿئي ٿو.
موت ڪانپوءِ بہ حيات آهي، موت حيات جي نئين صورت آهي. جيئن خواب حيات ۾ هڪڙو جهان قِتي رهيو آهي تہ ٻيو ٺهي رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ جو مارينڌڙ آهي سو جيارينڌڙ بہ آهي.
ڪائنات ۽ ان جي هر شيءِ ۾ جي حڪمتون ۽ اوصاف موجود آهن تن کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ ڪانپوءِ بہ جيڪڏهن ڪو ائين سمجهي ٿو تہ اهي حڪمتون ۽ اوصاف ازخود موجود ٿي ويئون ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن حڪيم ۽ عليم جو هٿ نہ آهي ۽ ڪائناتي نظام جو ڪو ناظم ڪونهي، تہ پوءِ چئبو تہ هو عالم ۽ فاضل ۽ سائنسدان هئڻ جي باوجود بہ جاهل مطلق آهي. داڻي مان درخت جو پيدا ٿيڻ، قطره مان خود انسان جو پيدا ٿيڻ ۽ عالمي نظام ۾ ارتقائي قانون جو موجود هئڻ سڀ اتفاق ۽ حادثو آهي ۽ اهڙي قدرت جو ڪم آهي جنهن جو قادر ڪونهي، ائين ڪري سمجهڻ بلڪل ناداني آهي.
هر صنعت جو ڪو صناع ٿيندو آهي. هرنقش جو نقاش. هر تصوير جو مصور. هر ملڪيت جو ڪو مالڪ ۽ هر خيال جو ڪو خالق. ساڳي ريت هن خوبصورت ڪائنات جو بہ حقيقي مانع ۽ بينظير نقاش، سچو پچو ۽ خالق موجود آهي جو احسن الخالقين آهي.
اول منزل هئي ازل جي نقشي ۾ جنهن ۾ ڪائنات جو تصور موجود هو.
ٻي منزل هئي ڪن فيڪون جي.
ٽين منزل هئي ارواح لاءِ قالوبلىٰ جي.
چوٿين منزل هئي شڪم مادر ۾.
پنجين ٻالاپڻ جي.
ڇهين تعليم ۽ تربيت جي.
ستين شادي مرادي روزگار ۽ خدمت خلق جي.
اٺين ٻڍاپڻ جي.
نائين موت يا حيات نؤ جي.

(8) ڪو چمڻ شرط مري يا جوان ٿي مري يا ٻڍو ٿي مري يا ڪڏهن بہ مري پر مري وڃڻ سان روح هرگز نٿو مري، ۽ جسم جي حالت ۾ هڪ تبديلي پيدا ٿئي ٿي. جهڙي ريت خود زندگي ۾ بہ انساني چمار جي هر سال ۾ جسماني صورت ۽ حالت ۾ هڪ حيرت انگيز تبديلي پيدا ٿيندي رهي ٿي. خاڪي بدن ختم ٿي وڃي ٿو پر اعمالي بدن روح سميت هڪ لطيف حالت ۾ زنده رهي ٿو. مرڻ جي معنىٰ آهي لباس بدلائڻ. نيڪيءَ جي واٽ ۾ مري شهيد ٿيڻ وارا اڄ بہ پنهنجي عناصري لباس ۾ زنده آهن ۽ روحاني درجات حاصل ڪري رهيا آهن ۽ برائيءَ جي واٽ ۾ مرڻ وارا بہ زنده رهن ٿا پر پشيمان ۽ پريشان. جهڙيءَ ريت مڪڙيءَ ۾ گل پوشيده آهي. جهڙيءَ ريت نانگ هڪ ڪل لاهي ڇڏي ٿو ۽ ٻيءَ ۾ زنده رهي ٿو تهڙيءَ ريت انسان هڪ ڪل قِتي ڪري ٻيءَ ۾ زنده رهي ٿو. پر اهي آهن قلندري ڏڪا. سهي سگهو تہ پنهنجي مغز ۾ هٿو نہ تہ هٿو قلندر جي ڪندڻ تي.

(9) قلندر جي شباب ۽ رباب، شراب ۽ ڪباب، عيش ۽ عشرت جو زمانو ويو موڪلائي. دولت، حڪومت، جواني، حسن، علم، عمل، هنر، ذات پات، خاندان، رنگ روپ، قوم، وطن ۽ نين ايجادات جو بہ

هڪ غرور ۽ نشو ٿيندو آهي. پر هڪ ڏينهن نشا ويندا ٿتي، آخري عمر ۾ نظر ڪمزور يا اکين تي پردا، ڪنن تي ڪٽ، طبيعت تي تالا، عقل چرخ، ذهن ڪند، حافظو خراب، ڏند پڳل، زبان ٻاتي، چپن تي مهر، دل تي دهشت، پوءِ لکجي ته ڇا لکجي؟ اهڙي حالت ۾ قلم ڏنگو ۽ ڦڏو، جڏو ۽ مڏو نه ٿي پوندو ته پيو ڇا ٿيندو؟ افراد ۽ قومون پنهنجي موت مري وڃن سو هڪ قدرتي قانون آهي پر جيئري جاڳندي انهن جي قوت فوت ٿي وڃي يا روح فنا ٿي وڃي سا ڳالهه خدائي ڏمر جي برابر آهي. شال منهنجي قوم جي اهڙي حالت نه ٿئي.

(10) اهڙي ڪشمڪش جي حالت ۾ لکڻ آهي لکڻ تي ظلم ڪرڻ. جڏهن هوش ۽ حواس خطا، وايون بتال ٿي وڃن، جيئن افراد جي زندگي ۾ تيئن قومن جي زندگي ۾ به ساڳيو انقلابي اصول ڪم ڪندو رهي ٿو. چاڙهيون ۽ لاهيون. عروج ڪانپوءِ زوال ۽ زوال ڪانپوءِ عروج، زماني جي اندر دنيا يا دنيا جي اندر زمانو، قومن اندر حڪومتون يا حڪومتن هيٺ قومون، دستور ۽ قانون، شريعتون ۽ سماجي رشتا، نظريا ۽ معيار، افڪار ۽ اقدار، ثقافتون ۽ فنون، زماني جون ضرورتون ۽ تمدني تقاضائون. سڀ ۾ حيرت انگيز تبديلي ۽ انقلاب. قومن ۽ قومي پارٽين ۽ حڪومتن جي هڪ هٿي ختم ۽ انقلاب زنده باد. فوجي هجي يا آئيني هر انقلابي دؤر عارضي هوندو آهي ۽ نه دوامي. ان جو بنياد جيتريقدر قومي مفادن ۽ صحيح اصولن جي عمل تي هوندو آهي اوتريقدر ان جو اثر جاري رهندو آهي. عمل جي مفقود ٿي وڃڻ ڪانپوءِ اثر به ختم.

(11) هيءَ ويهين صدي آهي ۽ انقلابي صدي آهي. ڪيتريون ئي قومون آزاد ٿي چڪيون آهن ۽ جي رهجي وييون آهن سي به آزاد ٿيڻ واريون آهن. پنجن ڏهن سالن جي اندر نه شهنشاهه رهندا نه سلطان، نه بادشاهه نه ڊڪٽيٽر ۽ اهڙي ڪابه قوم ڪانه بچندي جا خارجي خواهه در ملي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪرڻ کان رهجي وڃي.

آفريڪا هجي يا ايشيا، يورپ هجي يا امريڪا هجي يا دنيا جو ڪو ڪنڊ هجي ۽ انهن جو ڪو ملڪ هجي سو پنهنجي موجوده صورت ۾ هرگز رهي نه سگهندو. هر قوم ضرور پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي آزادي حاصل ڪندي. مايوس ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. عالمي آزاديءَ جو يوم جشن قريب آهي. اُٿو ۽ ان جي ملهائڻ لاءِ تياري ڪريو.

(12) اڄ ڪالهه مفڪرن جو هي خيال آهي ته سيني قومن جي آزاد ٿي وڃڻ بعد دنيا ۾ هڪ واحد بين الاقوامي وفاق قائم ٿيندو جو عالمي امن قائم رکي سگهندو ۽ هڪڙي قوم ڪي ٻي قوم جي دست درازين کان بچائي سگهندو. نه فقط دنيا جي ملڪن کي هڪ ٻي سان ڳنڍڻ لاءِ عالمي وفاق ضروري آهي پر هر ملڪ جي جدا جدا علائقن کي هڪ ٻئي سان هميشه لاءِ ڳنڍڻ لاءِ داخلي طرح وفاق جي ضرورت آهي. پوءِ بيشڪ عالمي ۽ داخلي امن ۽ انصاف جو عمارتون قائم ٿي سگهن ٿيون پر قومن ۽ حڪومتن کي ڪو اهڙو نياڳ وڪوڙي ويو آهي جو امن ۽ انصاف قائم ڪرڻ شايد انهن جي اختيار کان ٻاهر ٿي پيو آهي. امريڪا ۽ روس جا اختلاف سيني کي معلوم آهن. اختلافن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ نه ڪمي. ساڳي طرح اشتراڪي ملڪن ۽ مغربي ملڪن ۽ ٻين ملڪن جي وچ ۾ باهمي ۽ داخلي اختلاف به وڌي رهيا آهن. مغربي حڪومتن جا آفريڪا ۾ قهري ڪارناما ڪنهن کان به پوشيده نه آهن. فرانس، بيلجم ۽ پورچوگال قتل ۽ خونريزي تي ڪمر ڪشي بيٺا آهن. ڏکڻ آفريڪا ڪاري رنگ جي قومن کي مساوي حقن جو حقدار نه ٿي سمجهي، آفريڪا ۽ ايشيا جا اڃا تائين ڪيترائي ملڪ ۽ ٻيٽ يورپي قومن جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل آهن. خود امريڪا ۽ روس ۽ چين ۾ ڪي رياستون الڳ ۽ آزاد ٿي وڃڻ جون خواهشمند آهن. روس ۽ چين ۾ اڄ

۽ جيڪڏهن بي ريائيءَ سان راءِ ورتي وڃي ته روس ۽ چين جون ۾ رياستون ۾ پاڻ ۾ متحد نه رهنديون، عرب قومن جو پاڻ ۾ تڪرار، افغانستان ۽ ڀارت جا پاڪستان سان تڪرار، انهن ملڪن جي وچ ۾ باهمي عداوت ۽ روزافزون تلخيءَ جو باعث بڻجي پيا آهن. دنيا مان انصاف لڏي ويو آهي تنهن ڪري امن ۾ موجود ڪونهي. انهن حالتن هيٺ عالمي خواهه فوجي امن جو آهي خدا حافظ.

(13) قلندرن جو ۾ آهي خدا حافظ. زندگيءَ جي ڏکهي سفر ۾ سدائين ڪيو اٿن مقابلو، نفس ۽ شيطان سان. سدائين ڏٺيون اٿن مصيبتون ۽ شڪستون. پنهنجو جهان لٽائي چڪا آهن ۽ وڃن جو ورثو ۾. پر تڏهن ۾ شڪست قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن، ڪند وٺيو ويٺا آهن ۽ پيا دعائون ڪن موجوده ۽ آئنده نسلن جي نجات لاءِ. لکن سو چا لکن.

(14) خدا خوش رکي اسان جي نؤنهالن ۽ نون اديبن کي، جي لکي ۾ ڄاڻن ۽ لکائي ۾ ڄاڻن. انهن جي تصنيف ۽ تاليف ۾ ترتيب ۽ ترڪيب آهي، قلم ۾ زور آهي، تقرير ۽ تحرير ۽ تنقيد ۾ جان آهي، فڪر ۽ نظر ۽ خيال ۾ بلندي آهي، جذبن ۾ جوش آهي، مضمون سان واقفيت آهي، مقصد ۾ پختگي آهي، نوع انساني ۽ قوم سان محبت آهي، وطني آزادي ۽ خوشحالي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وقتي مصلحتن ۽ عارضي خودغرضين جو ۾ خيال آهي.

شال خودي ۽ خودغرضي ۽ خودپرستيءَ جو فلسفو ختم ٿئي ۽ خدمت خلق جو خيال غالب ٿئي، شال قوميت جي بدران فڪر انسانيت، فرقه بنديءَ جي بدران اسلاميت، نفاق جي بدران وحدت، نفسانيت جي بدران للاهيت، خودغرضيءَ جي بدران خودقرباني، خودفروشيءَ جي بدران خود داري، منافقيءَ جي بدران راست گوئي، بزدليءَ جي بدران مردانگي ۽ ظلم جي مقابلي جون صفتون منهنجي قوم ۾ پيدا ٿين ۽ ان قسم جون تصانيف تيار ٿين.

(15) باقي قلندرن جي قيل ۽ قال جو نه آهي منهن نه مٿو، نه منطق نه فلسفو. قوم کي ضرورت آهي: جديد علوم ۽ فنون ۾ ماهرن جي، با اخلاق ۽ خدا ترس خواص ۽ عوام جي. جفاڪش محبان وطن جي. پر اسان آهيون سراپا جذبات ۾ مجذوب، سرشار آهيون شعر ۽ شاعري جي محفلن ۽ شغلن ۾، راڳ ۽ روپ جي رنگ رلين ۾، ساز ۽ سُرندي جي سوز ۽ گداز ۾. روحاني رقص جي لذتن ۽ لطافتن ۾، بي خودي جي عالم ۾ وصال جي واڻن ۾ گم ۽ غلطان، فراق جي آه ۽ فغان ۾. بخدا! دل ٿي چوي ته شال اهو ذوق ۽ شوق، اها لطيفي لئون ۽ سنڌي سُرندي جو سوز بني نوع انسان جي هر قوم ۽ هر فرد جي رڳ رڳ ۾، نه فقط موجوده نسلن ۾ پر آئنده جي نسلن ۾ ۾، پيدا ٿي پوي ته پوءِ قومي ۽ بين الاقوامي امن جو مسئلو هميشه لاءِ حل ٿي ويندو. رتل يار پرچي پوندو ۽ ٻيڙو پار ٿي ويندو. دنيا ۾ امن قائم نه ٿيندو جيستائين مخلوق پنهنجي حالتن جي طرف راغب نه ٿي آهي ۽ انسان ۾ روحاني سوز و سرود ۽ سرور پيدا نه ٿيو آهي. پر خدايا! قلندر ويچارو ڇا ڪري؟ اسان توکي خوش ڪرڻ جي خيال ۽ خبط ۾ زندگي صرف ڪئي، پر تون اسان جي خواب ۽ خيال کان مٿي، تنهنجو پوي ٿو نه پار نه پتو. نه مڪان نه اهڃاڻ پر تنهن هوندي ۾ چون ٿا ته تون ساه کان ۾ ويجهو آهين ۽ ڪائنات جي پردي پٺيان پوشيده آهين يا پڌرو پيو آهين. جيئن:

خوشبوءِ گلن ۾، رنگت گلزارن ۾، لطافت نظارن ۾، حيات برسات ۾، بجلي پاڻيءَ ۾، برق بادلن ۾، تجلي نارن ۾، موتي مهراڻ ۾، هيرا جواهر کاڻين ۾، ائتم ماديات ۾، محبت يارن ۾، حسن دلدارن ۾، عشق پروانن ۾، عقل دماغ ۾، بصارت اکين ۾، بصيرت باطن ۾، ميزان عالمي نظام ۾، ڪشش مقناطيس ۾، ڳالهائڻ جي

قوت زبان ۾ صبح رات ۾ ڪمالات قدرت ۾ ايجادات ڪوجنا ۾ حيات نيستي ۾ موت هستي ۾ روح بدن ۾ ساه سرير ۾ جذبات سيني ۾ فراست ذهن ۾ جنت ۽ دوزخ اعمال ۾ خوشي ۽ غم طبيعت ۾ حڪومت ۽ حرڪت زمين ۽ آسمان ۾ نُور مخلوقات جي قلوب ۾.

(16) تون زمين ۽ آسمانن جو نُور آهين ۽ هر رنگ ۽ روپ ۽ دل ۾ تون جلوه گر آهين پر تنهنجي هستي ۽ حڪمت دهرين جي دل ۾ سمائجي نہ ٿي سگهي. تون ساهہ جي رڳن ڪان قريب هئڻ جي باوجود بہ انهن ڪي پنهنجي هستي جو قائل نہ تو ڪرين، جن جو ايمان چٽ آهي ۽ عقل انڌو آهي. ممڪن آهي تہ انڪار ڪان پوءِ انهن لاءِ اقرار جي منزل اچي، نفيءِ ڪان پوءِ اثبات. اول " لا " تي زور پوءِ " الاالله " تي استقامت ۽ انجام. پر انديشو اهو ئي آهي تہ متان " لا " جي منزل تي ئي دنيا جو خاتمو نہ ٿي وڃي. اهڙائي آهن آثار جي نظر اچي رهيا آهن.

(17) ايماندار مرندا وڃن پر شيطان اجا تائين حيات آهن. ڀلا جنهن ڪي تو خود فرصت ۽ مهلت، آزادي ۽ زندگي ڏني هجي سو ڪهڙي طرح مري سگهي ٿو؟ انهي شيطان تي ايتريقدر لعنتن جو وسڪارو وُٺو آهي جو لعنتي لعل ٿي پيو آهي ۽ آهي بہ هيءَ حقيقت تہ اسان واري شيطان ڪڏهن بہ تنهنجي هستي ۽ وحدت، عبادت ڪان انڪار نہ ڪيو آهي. هو پاڻ ڪي آدم ذات ڪان افضل سمجهي ٿو ۽ سجدي ڪرڻ ڪان انڪاري آهي چاڪاڻ تہ توسان عشق ۽ عبادت جو غرور اٿس. اهو آهي سندس ڏوهہ. پر موجوده زماني جو شيطان تہ ڪل شيطانن جو ابو آهي. هو نہ فقط پاڻ ڪي افضل سمجهي ٿو پر تنهنجي ذات جو بہ علي الاعلان منڪر آهي. نمرود خدا سان جنگ جو اعلان ڪري منارن جي برجن ۾ ويهي آسمان ۾ تير هڻڻ لڳو هو پر هن جا تير فقط ڪن پکين ڪي ماري سگهيا ۽ بس.

(18) پر اجوڪي زماني جا نمرود پنهنجن آسماني راڪيٽن مان ائٽمي بمن اڇلائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي ملڪن ۽ قومن ڪي ناس ڪرڻ جا پهہ پچائي رهيا آهن. هڪڙو بم هڪ ٽن جو نہ پر ميگا ٽن، جو جنهن جي قوت لکن ٽن جي ۽ اهڙا بم بہ پنجاهہ ميگا ٽنن وارا. اهو آهي روس جو ڪارنامو. هوڏانهن امريڪا وارن پنج سو ميگا ٽنن جي توانائي وارن بمن ٺاهي سگهڻ جي دعوا ڪئي آهي. پنجاهہ ميگا ٽنن واري بم جي تجربي مان طوفان برساتون ۽ بمباريون ۽ آب و هوا ۽ اشياءَ ۾ تباهہ ڪندڙ تبديليون پيدا ٿيڻ واريون آهن. اها جنگ نہ آهي پر رڳو بمن جي آزمائش ٿي رهي آهي. جنگ ۾ الاجي ڇا ٿيندو؟ اجا رڳو چئن پنجن وڏين قومن ڪي ائٽمي بمن ٺاهي سگهڻ جو علم آهي ۽ پئسو آهي پر ٻن ٽن سالن اندر دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ ساڳئي قسم جا ڪارخانا قائم ٿيندا. اجوڪا انسان، انسان نہ پر حيوان نہ، پر ديو ۽ راڪاس ببر باڪاس آهن. انهن حالتن هيٺ مخلوق ڪي ڪهڙي طرح بچائي سگهجي ٿو.

(19) هڪڙو طريقو هي آهي تہ:

1. سائنسدان پنهنجي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ گڏ ٿي اتفاق راءِ سان هي فيصلو ڪن تہ ائٽم بم، هائڊروجن بم ۽ ان قسم جي ٻين ائٽمي بمن جي ٺاهڻ ڪان انڪار ڪندا خواه ڪين سندن حڪومتن جي پاران ڪيتري بہ تڪليف ڏني وڃي.
2. ائٽمي حڪومتن جو پاڻ ۾ ٺاهہ ٿئي ۽ ائٽمي بمن جي ساخت ۽ استعمال تي بندش وڌي وڃي.
3. ائٽمي جنگجو قومن ۾ ائٽم سازي جي برخلاف انقلاب اچي ۽ جنگي حڪومتن جو خاتمو ڪيو وڃي.

4. مٿين ٽن طريقن تي عمل ڪرائڻ لاءِ بين الاقوامي تحريڪ جاري ڪئي وڃي جنهن جون شاخون دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ قائم ڪيون وڃن ۽ جنهن ۾ هر امن پسند حڪومت ۽ جماعت ۽ شخص کي شامل ٿيڻ جو حق رهي.

يا سائنسدانن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي يا غرق ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته هڪڙي پاسي بني نوع انسان جي خاتمي جو خطرو آهي ۽ ٻئي پاسي ٻن چئن سون ماڻهن کي ختم ڪرڻ جو سوال آهي. گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن کي نظربند ڪري رکيو وڃي ۽ انسان ذات کي تباهيءَ کان بچايو وڃي. آهي ڪو خدا جو بندو جو قلندر جون اهي رٿون اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ غور ڪرڻ لاءِ پيش ڪري سگهي.

(20) منهنجا رب! تو سندرو ٻڌو آهي صبر تي، نه ته تنهنجي زمين جو هڪ لوڏو ۽ ڏڌڪو دريائن جي هڪ اٿل، طوفان جو هڪ جهٽڪو، بادل جو هڪ ڪڙڪات، هڪڙي پڇڙ تاري جي ڇپاڙ زمين ۽ آسمان ۾ تنهنجي بيشمار لشڪرن مان رڳو مکيون، مڇر ۽ جيوڙا نه فقط دنيا جي نمرودن ۽ فرعونن کي پر ڪل ظالمن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. پر تو سيني کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو آهي ته تنهنجي صور اسرافيل جي بدران پل پنهنجي ائٽم بمن سان پاڻ کي ختم ڪري ڇڏين. پوءِ تون نئون جهان جوڙين يا نه سا تنهنجي مرضي؟ بلڪ تنهنجي صور اسرافيل جي معنىٰ ئي اها آهي ته انسان ذات پنهنجي هٿن جي ڪمائي ۽ ڪڌن ڪرتوتن سان پاڻ تي قيامت ۽ تباهي آڻيندو.

(21) موجوده زمانه جي ايجادات انسان ذات کي حيران ۽ پريشان ڪري رکيو آهي. پيغمبري اعجازات ۽ اوليائي ڪرامات ۾ انهن ايجادات جو تصور موجود آهي. فرق فقط هي آهي ته پيغمبرن ۽ اوليائن ظاهري اسباب کان سواءِ حيرت انگيز ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن، جن کي پيغمبرن جي حالت ۾ معجزو، اوليائن جي حالت ۾ ڪرامت ۽ غير مسلم درويشن جي حالت ۾ خرق عادات ڪري سڏيو ويو آهي. ظاهري اسباب کان سواءِ هوا ۾ اڏامڻ، باهه ۽ پاڻيءَ تي هلڻ، رات وچ ۾ هزارين ميلن جي مسافت طئي ڪندي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچي وڃڻ، هزارن ميلن تان ڏسي سگهڻ ۽ ڳالهائڻ، بيمارن کي دوا کان سواءِ تندرست ڪرڻ، غيب مان تيار ٿيل کاڌي ۽ پاڻيءَ جو ملڻ، بي موسمي برسات جو پوڻ، مٽيءَ جي ٻڪ ڦٽي ڪرڻ سان ڪاهيندڙ فوج جو بدحواس ٿي ڀڄي وڃڻ، انڌن کي اکين جي روشني ڏيڻ، آسمانن جو سير ڪرڻ، مرده جسم ۾ ساهه ڦوڪڻ، هڪڙي چنڊ مان ٻه چنڊ ڪرڻ، اهل ممات سان ڳالهائڻ ۽ ملاقات ڪرڻ ۽ انهيءَ قسم جون سوين ڳالهيون آهن جي معقولات پرست انسان جي عقل ۽ اعتبار ۾ اچي نٿيون سگهن پر جن ڳالهين تي ڪروڙين ماڻهن جو ايمان ۽ عقيدو هو ۽ آهي، دنيا ۾ اهي خيال مذهبي ڪتابن ۽ پيغمبرن ۽ اوليائن پيش ڪيا. موجوده زماني جي سائنسدانن ۽ عالمن انهي قسم جا ڪي ڪم پنهنجي علمي ڪوجنا ۽ علمي طريقن موجب ڪري رهيا آهن. پر انهن خيالن جي پيش ڪرڻ وارا دنيا جا پيغمبر ۽ اولياءَ هوا ۽ انهن جي پوئلڳن ذريعي اڄ مادي ۽ علمي طريقن سان انهن خيالن کي عملي جامو پهرايو پيو وڃي. ” پر چه نسبت خاڪ را با عالم پاڪ “ پيغمبرن ۽ اوليائن جيڪي ڪم ڪري ڏيکاريا تن جي ڪري خدا جي مخلوق باخدا، بااخلاق ۽ انسان ذات جي خدمت گذار ٿي ويئي. پر اڄوڪي دور ۾ علم جي زور تي جو ڪجهه ٿي رهيو آهي تنهن ۾ انسان ذات جي تباهي ۽ بربادي صاف نظر اچي رهي آهي.

(22) انساني تاريخ ۾ ويهين صدي عيسوي جا واقعات ۽ ايجادات هميشه لاءِ ياد رکڻ جي قابل آهن بشرطيڪ ياد ملهائڻ جي واسطي آدم جي اولاد مان ڪي افراد رڌيل ائٽمي بربادين کان بچي ازسرنو دنيا کي آباد ڪري سگهيا. ٻه عالمي جنگيون ٿي گذريون آهن جي سفيد رنگ قومن جي خوني ڪارنامن ۽ انسان ڪش ڪاروائين تي قيامت تائين ماتم ڪنديون رهنديون ۽ هاڻي آخري تباهي ڪندڙ عناصري جنگ جون تياريون تڪميل تي پهچي رهيون آهن جن بابت ببانگ دهل دعوىٰ ڪئي وڃي ٿي ته نه رهندو فاتح نه مفتوح، نه ڪاهه ڪرڻ وارو نه بچاءُ ڪرڻ وارو، نه طرفدار نه غيرطرفدار. نه رهندي بانس نه وڄندي بانسري. الله سان جنگ آسمان تي ۽ سرمايه دارن سان زمين تي.

اهو سڀ ڇاجي واسطي؟ چون ٿا ته وڏا نظرياتي اختلاف آهن ۽ اختلاف ڪهڙا.

(23) خانگي دولتمندي جو خاتمو ڪيو وڃي. مال ۽ دولت جي پيداوار جا ذريعا حڪومتن جي هٿن ۾ هئڻ گهرجن ۽ نه افراد جي هٿن ۾. ڪائنات جو ڪو خالق ڪونهي. مذهب هڪ وهم آهي. اٽو اجهو لتو سيني کي ملڻ گهرجي. جئن اشتراڪي ملڪن ۾ آهي ۽ نه جئن غيراشتراڪي ملڪن ۾ آهي. ملڪ جي حڪومت اهڙي پارٽيءَ جي هٿن ۾ هئڻ گهرجي جنهن جو مٿين اصولن ۾ ايمان آهي.نتيجو اهو نڪتو جو اشتراڪي ملڪن ۾ فقط واحد اشتراڪي پارٽي جي حڪومت آهي ۽ ٻي ڪابه پارٽي زنده رهي نه ٿي سگهي. حڪومت جو فولادي چرخو آهي نوڪر شاهي پوليس جي هٿن ۾.

اهي آهن نظرياتي ۽ اصولي اختلاف، تنهن کان سواءِ تاريخي تڪرار، نسل نفاق، ڪارن ۽ گورن جا ڪارا ڪڪر، دانسيات جا ضد، سياسي سازبازيون، باهمي بد گمانيون، مدافعت جا معاهدا، اقتصادي امدادون، فوجي هٿيارن ۾ فوقيت، ائٽمي بم سازيون ۽ آزمائشون، واپار جا وير وروڌ، ايجادن ۾ افضليت، فضا تي فرمانروائي، طاقتور قومن جي قبضي مان مقبوضه ملڪن جي آزادي، طرفدار حڪومتن جي تلاش ۾ وڏين طاقتن جي وچ ۾ ڪشمڪش، دين ۽ ڌرم جي نالي ۾ تعصبات. اهي ۽ اهڙا ڪي ٻيا اختلاف آهن. تازو ممڻ متو آهي جرمني ۽ برلن تان. اهي آهن تڪرار انهن قومن جي وچ ۾ جن جي دعوىٰ آهي ته انهن جا نظريا افضل ۽ اعلىٰ آهن. ته انهن ساري دنيا جي تمدن ۽ تهذيب ۾، علوم ۽ فنون ۾، آئين ۽ قانون ۾، عدل ۽ انصاف ۾، جمهوريت ۽ آزاديءَ ۾، امن ۽ انسانيت ۾، ۽ سائنسي ترقيءَ ۾ رهنمائي ڪئي آهي پر دنيا کي ورهائي ڇڏيو اٿن ٻن بلاڪن ۾: هڪڙي بلاڪ جو رهبر روس ۽ ٻئي بلاڪ جو اڳواڻ امريڪا. وچ ۾ ويچارو قلندر، جو ڏينهن رات خدا جي بارگاه ۾ پيو ٻاڏائي ته خدايا منهنجي توبهه. بچاءِ پنهنجي مخلوق کي انهن ائٽمي علمبردارن جي سرد خواه گرم يا آزمائشي جنگ کان.

چلتي چاڪي ديکهه ڪر ديا ڪبيرا روئي،

دو پاٽن ڪي بيچ مين ثابت رها نه ڪوئي۔

(24) معلوم ته ائين پيو ٿئي ته چڪيءَ جي ٻن پڙن ۽ پاسن جي وچ ۾ سارو جهان پيسجي ويندو ۽ ڪوبه سلامت نه رهندو. اهي آهن قيامت جون علامتون. جبل ڦاٽي پرزا پرزا ٿي ويندا، درياءَ ۽ سمنڊ پنهنجون حدون ٽپي ۽ بند ٽوڙي آبادين کي غرق ڪري ڇڏيندا، پرندا، درندا ۽ چرندا، انسان ۽ حيوان پنهنجا آشيانه ۽ گهر گهاٽ ڇڏي پنهنجا ٻار ٻچا ڦٽا ڪري مجنوئن ۽ مجذوبن وانگر حواس باخته ٿي نفسي نفسي پڪاريندا موت

جي منهن ۾ ڪاهي پوندا، زمين جي تپش يا آفتاب جي گرمي هر جاندار کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي، تهذيب ۽ تمدن جون فلڪ بوس عمارتون زمين دوز ٿي وينديون، نہ حڪومتون رهنديون نہ حاڪم، نہ سلطنتون رهنديون نہ سلطان، نہ رهندو ظالم نہ هن جو ظلم، نہ رهندو مظلوم نہ هن جي مظلوميت، پوءِ منهنجا مولا! پيو پيدا ڪجائين نئون آدم ۽ نئين مخلوق.

(25) خدايا! تنهنجي دنيا تمام پراڻي ٿي ويئي آهي. سرمايہ دارن ۽ اشتراڪين کي نئين دنيا جي ضرورت آهي. پراڻي دنيا ماضيءَ جون حدون ٽپي ۽ سڀ ليڪا لنگهي مستقبل جي دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪري رهي آهي، في الحال تنهنجي مخلوق حال ۾ گرفتار آهي ۽ مستقبل جي حقيقت کان واقفڪار ٿيڻ لاءِ بيقرار آهي، جڏهن دروازو کوليندين ۽ پردو چاڪ ڪندين تڏهن وڃي نامعلوم اسرار معلوم ٿيندا. روسي وزير اعظم ٺهڪ ڏيئي ٺوڪ سان چيو تہ سندس راڪيٽ جو خلاصي فضا ۾ 24 ڪلاڪن تائين زمين جي ارد گرد 17 چڪر هڻي موٽي آيو پر هن کي ڪٿي بہ دوزخ ۽ جنت نظر نہ آيو. هو مرڻ کان اڳي جيئري جاڳندي جنت يا گهٽ ۾ گهٽ دوزخ ڏسڻ جو خواهشمند آهي. اجائي تڪڙ ڇئبي. سائنس جا هيترا ڪتاب پڙهيا اٿن پر اجا تائين صبر ڪرڻ نہ سکيا آهن ۽ نہ ايترو عقل پرايو اٿن تہ هر ڪو ڪم مقرر وقت تي ٿيندو آهي. سارو جهان انتظار ڪري رهيو آهي توهان بہ ڪجهہ انتظار ڪريو. انسان ڪيتري قدر نہ احمق آهي؟ ڪائنات جا بہ چار راز هنڪي معلوم ٿين ٿا تہ سمجهي ٿو تہ مون جهڙو ڪو اڪابر ڪونهي. آپي کان ٻاهر ڪپڙن ۾ نٿو سمائجي.

(26) انسان اجا تائين طفل مڪتب آهي. ڪائنات جو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ۽ پوري طرح سان پروڙڻ ڪار دارد- تڪميل جي ڊگري حاصل ڪرڻ ۾ خدا ٿو ڄاڻي تہ ڪيتريون صديون لڳنديون ۽ پوءِ هنوز روز اول وارو حساب رهندو. پر جن جو پيٽ ڦوڪجي ويو آهي ۽ دماغ چڪرائجي ويو آهي، سو نيٺ هڪ ڏينهن ڦاٽندو. پر منهنجا مولا! قلندر انهن جي ڪهڙي شڪايت ڪري جي تنهنجا انڪاري آهن. تون ڄاڻين ۽ اهي ڄاڻن، شال نہ تنهنجو غضب جوش ۾ اچي، پوءِ سڪن سان گڏ ساوا بہ چٽ ٿي ويندا. قلندر انهن جو بہ ڏکايل آهي، جي تنهنجا اقراري ۽ دعويدار آهن. مونکي پڪاءِ تہ سهي تہ پرستار ۽ پوڄارين ۾ ڪو هڪڙو بندو بہ اهڙو رهجي ويو آهي جو تنهنجي خيال ۾ منشاء ، حقيقت ۽ هدايت جو حامل ۽ عامل هجي. قلندر گناهہ گار آهي، هنڪي ڪامل مرد ۽ رهبر جي تلاش آهي جو قومن جو امام ٿئي ۽ انهن کي تنهنجي طرف ۽ عالمي امن ۽ ترقيءَ جي طرف وٺي وڃي، جي ٽوڪي نہ ٿا مڃين، سي تہ ظاهر پيا آهن پر جي ٽوڪي مڃين ٿا ۽ اسلام جو نالو وٺن ٿا، تن کي نہ توسان نسبت ۽ نہ اسلام سان ڪو واسطو.

(27) قلندر امن جو طالب آهي ۽ عالمي امن لاءِ دعاڳو آهي پر ڇون ٿا تہ امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن دنيا کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ائٽمي بم ۽ آتشي بم گولا وڏن اندازن ۾ نهي تيار ٿيندا ۽ تنهن کان سواءِ فضا ۾ چنڊ ۽ مشتري ۽ زهره تي هوائي اڏا قائم ٿيندا. رب رسي تہ مت ڪسي. مخلوق جو ساهہ مٺ ۾ آهي. قيامت جو انتظار آهي. جن جو يوم آخرت تي ايمان ڪونهي سي بہ ٻبانگ دهل اعلان ڪري رهيا آهن تہ آخر زمانو قريب آهي ۽ ساري مخلوق ائٽم بمن سان تباهہ ٿيڻ واري آهي جنهن ۾ قاتل کي خبر نہ پوندي تہ هو ڪنهن کي قتل ڪري رهيو آهي ۽ مقتول کي خبر نہ رهندي تہ ڪيس ڇو قتل ڪيو ٿو وڃي. اِها آهي پيغمبري پيشنگوئي. بچاءِ مولا! تون ڪو پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪر ۽ قومن کي هدايت ڪر. قلندر پنهنجن ۽ پراون

ڪان مايوس آهي پر تنهنجي رحمت ڪان مايوس نہ آهي. نہ فقط منهنجو اعمالنامہ داغدار آهي پر سڄو پنو داغدار آهي. تون نہ فقط منهنجي وطن کي پر ساري عالم کي امن ۾ رک ۽ آزاد ۽ آباد ۽ خوشحال رک ۽ هن آخري زماني ۾ عالمي شاعرن جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ۽ قلندر جي اِها آخري دعا قبول ڪر.

آمين- ثم آمين- يا رب العالمين.

# چار وڏيرا

**قلندر** خواب و بيداريءَ ۾ بحر و بر ۾ آتش و هوا ۾ زمين آسمان جو سير ڪندو رهي ٿو. ڪائنات جي هر ذري ۽ پرزي ۾ ازل کان وٺي تبديليون رهيون آهن ۽ ابد تائين ٿينديون رهنديون. عالمي نظام ۾ ڪڏهن خزان ڪڏهن بهار، ڪڏهن گرمي سردي، ڪڏهن طوفان ڪڏهن سناٽو. ڪڏهن زوال ڪڏهن عروج، ڪڏهن فساد ڪڏهن امن، ڪڏهن ڏک ڪڏهن سک، ڪڏهن جنگ ڪڏهن صلح، ڪڏهن هڪڙي حڪومت ڪڏهن ٻي. پر هر شيءِ عارضي ۽ بي بقا. بقا کان پوءِ فنا ۽ فنا کان پوءِ بقا. بيقراريءَ جو عالم آهي ۽ ڪنهن شيءِ کي قرار ڪونهي. لچڪيدار زندگي آهي. قدرتي نظام جي فطرت ۾ لچڪ ۽ حرڪت آهي ۽ حرڪت ۾ حيات آهي، حيات ۾ موت آهي ۽ موت ۾ حيات آهي. هر ذري ۾ روح آهي، ۽ روح رهاڻ آهي، روحاني ۽ ابدي زندگي.

عالمگير جنگين ۾ ڪروڙين مخلوق جا خون ٿي وڃن، شهر ۽ آباديون ويران ٿيو وڃن. پر جنگ کان پوءِ امن اچي، ۽ جي مقتول ٿين تن کان پنجوڻا وڌيڪ جنم وٺيو اچن. نوان شهر نيون بستيون، ۽ نوان ايجاد ظهور ۾ اچن. انسان نہ ڊڄي جنگين کان، نہ انقلابن کان، نہ ٻوڏن کان، نہ وبائن کان، نہ ائٽمي هٿيارن کان، نہ موت کان. هر روز جهان ۾ نئون جهان ٿهي رهيو آهي. ستارن تائين پهچڻ جي جدوجهد جاري آهي. خدا تو ڄاڻي ڪيترا جهان اڃا تائين پوشيده آهن، جي انسان ڳولي هٿ ڪندو.

" ملڪ خدا تنگ نيست پائي گدا لنگ نيست "

" هر ملڪ ملڪ ماست "

جڏهن ڪائنات جا راز اڃا تائين ظاهر نہ ٿيا آهن، تڏهن خدا جي ذات ۽ صفات جا راز ڪهڙي طرح قلندر کي معلوم ٿي سگهن ٿا. انسان اڃا تائين نہ پاڻ کي سڃاتو آهي ۽ نہ ڪائنات جي زندگيءَ کي. انسان جي عروج جي ڪا حد ڪانهي.

دنيا جا چار وڏيرا دعوىٰ ڪرڻ لڳا تہ اسان چوٽ تي چڙهي پنهنجي ڪانفرنس ٿا ڪريون، عالمگير امن ٿا آڻيون. پر چوٽيءَ تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. ڪڪرن تي اچي اُڏند ڪٽولي جو ڪڙڪو نازل ٿيو. اُڏند ڪٽولي کي راڪيٽ ڪيرائي هنيو پٽ، پر ان جو ماتم اڃا تائين هلندو اچي.

" الله جو ڏمر اچي تہ مَت ڪسي "

دل ڪوڙي عذر گهڻا. من ٿوڙي ماٺا گهڻا. چوٽيءَ تي چڙهي جي ڏڪا ۽ ٿاٻا کائيندا سي پوندا اوڙاهہ جي تري ۾. پاڻ سان گڏ عالمي امن ۽ انسانيت کي بہ غرق ڪندا. اهو آهي حال تهذيب ۽ تمدن، علوم ۽ فنون جي علمبردارن جو، عاقلن، بالغن، عالمن ۽ فاضلن جو.

چوندا آهن: **تڪبر ڪنڌ ڀڃ** قومن کي گهمنڊ آهي پنهنجي ائٽمي ۽ آتشي، آبي ۽ خاڪي بم گولن جو، آرپار تيرن تفنگن توبن ۽ پربت جهڙن راڪيٽن جو. فرش تي ويهي عرش جو اندازو لڳائين ٿا، زمين تي ويهي آسمان تي حڪم هلائين ٿا. پر اڃا تائين تہ خلا جي انت ۽ انتها جي ڪا خبر نہ ٿي پوين. قلندر جو خدا

هڪ ڦوڪ سان طوفان ۽ زلزلو وجهيو ڇڏي جنهن سان انساني اڳ ڪٽيون ۽ رتون، ڦندا ۽ قيد، وڌن جا ور ۽ پيچ، شيطاني ڦڏا ۽ ائتمي اڏا، مڏا ۽ جڏا ٿيو پون. حقيقت ۾ خدا بي پرواه بادشاهه آهي. جو ڪري ٿو انسان پاڻ ڪري ٿو. جو ڪري ٿو سو پري ٿو. تاريخ جا ورق بني نوع انسان جي خون سان لڪيل ۽ رنگيل آهن. هي جنگي جهان آهي. خدا سان جنگ، پيغمبرن سان جنگ، امامن سان جنگ، اصحابن سان جنگ، قومن جي قومن سان جنگ، گورن جي ڪارن سان جنگ، فرانس جي آلجيريا سان جنگ، ڪافر ۽ مسلمان جي پاڻ ۾ ۽ هڪٻئي سان جنگ، روس ۽ امريڪا جنگ، ذات پات جي جنگ، رنگ روپ جي جنگ، سياسي پارٽين جي جنگ، اشتراڪيت ۽ جمهوريت جي جنگ، نظرياتي ۽ اصولي جنگ، اعصابي ۽ اقتصادي جنگ، نيٺ عالمي ۽ عناصري جنگ جي صورت اختيار ڪندي. نه رهندو فاتح نه مفتوح نه فتح. مڪمل تباهي ۽ بربادي. شايد تنهن کان پوءِ الله ميان هڪ ڀيرو وري " ڪن فيڪون " سان نئون آدم وجود ۾ آڻي ۽ نئون نظام قائم ڪري!

آهي ڪو قلندر جي آه ۽ زاري ٻڌڻ وارو؟ ڪير آهي جو قلندرن کان وڌيڪ مظلوم هجي. خسته حال ۽ خانه بدوش لڪندا وتن لوڪ ۾. ٽرين ۾ مليو اول هڪ نوجوان عالم سڳورو، ڇي وڃان ٿو لواريءَ جي جهاد تي. قلندر چيس ته جهاد ۾ فتح جو خواهشمند آهين ته جهاد ڪر پنهنجي نفس سان ۽ پوءِ قوم جي جهالت ۽ افلاس جي خلاف. پوءِ نه رهندا مصنوعي حج ۽ مصنوعي ميلا. پوءِ رجال الغيب مان هڪ درويش اچي پاسي ۾ ويٺو، چوڻ لڳو ته ڪورٽ ۾ وڃي مسٽر کهڙي کي چاليهه چماٽون هڻي جيل مان جند ڇڏائي مانس. قلندر غرض جو بندو، تنهن چيس ته بندو به چماٽن کائڻ لاءِ حاضر آهي ته هن جا ڪم به راس ٿي وڃن.

درويش ڇڏيو قلندر کي به ڪين ڪي. وڃائي ڪڏيائينس ويهارو ڪن پنيءَ تي ٿڦڙون ۽ چيائين ته تنهنجو به ٻيڙو پار پئجي ويو. پوءِ فرمائڻ لڳو:-

قال رابگذارو مرد حال شو،
پيش مرد ڪامل پامال شو.

قلندر چيس ته تلاش جي باوجود به ڪو ملي ڪونه ٿو. اوهين ڪٿي ٿا رهو. چيا ئين ته لي مارڪيٽ جي ويجهو. سنڌ جي ولايت حضرت خواجه اجميري کان اسان کي مليل آهي ۽ ان جون وزارتون به، مون چيو ته غضب آهي ته اها ولايت اسان جي هٿن مان ته نڪري ويئي پر توهان جي هٿن مان به. خير! درويش لهي ويو ملير ۾ ۽ قلندر پهچي ويو حيدرآباد جي عبرتڪده ۾. هتي وري ڪو پيو درويش قلندر کي ڪنڌ کان وٺي چوڻ لڳو لک نعره قلندري. گهٽ ۾ گهٽ مهيني ۾ هڪ مضمون. قلندر نه آهي اديب ۽ نه مضمون نويس. هن ڪيتروئي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ته بابا:-

آن قدح بشڪست و آن ساقي نماند.

پر هو به مڄڻ تي پنيان پئجي ويو. قلندرن جي حالت ڪان ڪو واقف ڪونهي، انهن کان وڌيڪ ڪو مظلوم ڪونهي. هو جهان مان پرواز ڪري عالم الارواح يا رجال الغيب ۾ شامل ٿي وڃن. پر ماڻهو انهن جي قبرن کي به نه ڇڏيندا آهن. هو گوشه گمنامي ۾ گذارين يا دريائن ۾ ٽٻيون هڻي غرق ٿي وڃن يا بيابانن جي دامن ۾ پناهه گزين ٿي وڃن. پر حيدرآباد جي عبرتڪده ۾ انهن لاءِ ڪو اَجهو ڪونهي. ساري دنيا جو بنيادي حق آهي اجهو اٽو ۽ لٽو. پر اسان جي ملڪ ۾ قديم رهاڪوءَ جو آهي خدا حافظ- حيدرآباد

جي در و ديوار مان عبرت ۽ حسرت ٽپڪي رهي آهي، اهو شهر قديم ۽ جديد علوم ۽ فنون ۾ ۽ سياسي آزادي ۽ ادبي تحريڪات ۾ ساري سنڌ ۽ هند جو پيش امام ٿي رهيو آهي.

ادبيات جو امام مرزا قليچ بيگ، تعليمات جو امام حسن علي آفندي، سياسيات جو امام رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، تبليغ دين جو امام شيخ عبدالرحيم، خلافت تحريڪ جو امام مابدولت، انقلاب جو امام مولانا عبيدالله سنڌي، پهريون مسلمان ميونسپل پريزيڊنٽ قاضي عبدالقيوم، پهريون لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ خان بهادر محمد احسان، پهريون اسيمبلي جو پريزيڊنٽ سيد ميران محمد شاهه، شهر جو پهريون چونڊيل قاضي سيد اسدالله شاهه، پهريون بمبئي (ممبئي) جو وزير سر غلام حسين هدايت الله، پهريون هاءِ اسڪول جو باني نورمحمد وڪيل، وعظ ۽ خطبه جو امام مولوي عبداللطيف، پهريون قطع تعلقاتي وڪيل ميان عبدالجبار، پهريون مست قلندر منگواڻو فقير، پهرين مسلم پريس ۽ اخبار الحق جو باني شيخ محمد سليمان، مشهور شاعر ۽ صحيفه نگار ميان محمد هاشم مخلص، قيد فرنگ ۾ پهريون وڃڻ وارو پير آغا غلام مجدد سرهندي، ڪائونسل آف اسٽيٽ جو پهريون ميمبر مير الله بخش خان ٽالپور ٽنڊي محمد خان وارو، حيدآباد ضلع ۽ شهر جي ميرن ۽ پيرن، مرزائن ۽ آخوندن، قاضين ۽ شيخن ۽ مشائخن ۽ ساداتن ۽ صوفين جو ذڪر ويهي ڪبو ته دفتر لکجي ويندا، اهي ته ٿيا مسلمان. پر هن شهر مان جي هندو پيدا ٿيا تن ساري سنڌ ۾ موجوده علوم جي روشني ۽ آزاديءَ جو پيغام گهر گهر پهچايو. نالا وٺي ڪيترن جا نالا وٺجن. ڪن ڪي مون ماري ڇڏيو. ڪي زنده درگور. اهو هڪ دور هو، جو ٿا قلندر جا ستل سور جاڳايو، جو ٿا ڦٽيل جگر ۽ دل جي ڦٽن تي لوڻ ڇڙڪايو، جو ٿا دٻيل جذبات کي جنبش ۾ آڻيو. اي حيدرآباد جا شهر! قلندر ڏينهن قيامت ۾ توتي دانهين واري دانهن ڪندو، آهي تو ۾ طاقت قلندر جي آه ۽ زاري ٻڌڻ جي. منهنجو سچو سينو داغدار آهي، فريادن سان معمور آهي. جڏهن رهبر رهزن ٿي وڃن، وطن جا رکپال وطن فروش ٿي وڃن؟ تڏهن قلندر ڪٿي وڃي پناهه وٺي. ڪنهن وڃائي وطن جي آزادي پهريائين اوٹيهين صديءَ ۾ ۽ پوءِ ويهين صديءَ ۾ حيدرآباد جي شهر ۾. شدت جي گرمي ۽ تپش جي باوجود هن وقت حيدرآباد جي شهر ۾ نه حيدر جي حرارت آهي ۽ نه حسيني حريت آهي. قلندر جي مذهب ۾ مايوس ٿيڻ حرام آهي ۽ هي شاندار مستقبل جا خواب ڏسي رهيو آهي پر جنهن شي جي ضرورت آهي سا هيءَ آهي ته رهبر سونهارا پنهنجون وقتي نفسياني مصلحتون ڇڏي صداقت ۽ جرئت سان انساني ۽ قومي ۽ وطني مفاد جا پاسبان ٿي وڃن. پوءِ انشاءالله ٻيڙو ئي پار آهي.

نگه بلند، سخن دلنواز، جان پر سوز،
يهي هي رخت سفر، مير کاروان کيلئي۔

SNASoomro

# SHAIKH ABDUL MAJEED SINDHI

## A Brain of Sindh

By: PIR ALI MOHD. RASHIDI

Translated by:

Prof: Badar- u - Din Ujan

Politics has always remained a game for wealthy people. Prior to the emergence of Shaikh Abdul Majeed, it was beyond the reach of a common man or a scholar to enter the field of politics.

The well to do people: Mirs, Pirs: Sardars, Landlords, Advocates etc. have formed coteries of their own to enjoy the fruits of their flattery among themselves. With a limited purpose to please the superior officers, to torture their opponents and to enslave the poor folk, through false show and dignity. Under such circumstances, a poor fellow could not dare to appear to be antagonist.

Shaikh Abdul Majeed was the first man, who broke the iron doors of this fort, through he was empty handed. He was born in a mediocre family of Lila ram, his father, who belonged to Thatta. It was out of his self learning process, through and intuition that he embraced Islam at an earlier stage and started 'National Service'. He joined the friendly circle of Raees Ghulam Muhammed Bhurgri, who believed in progressive politics and freedom; he detested Bureaucracy though he was a landlord. Raees Bhurgri started a newspaper 'Al-Amin' and he appointed Shaikh Abdul Majeed as its Editor. The other friends of Mr. Bhurgri were prominent persons namely Jairamdas Daulatram, Jethmal Persram, Diwan Santdas Mangharam, and Mr. Abdul Jabbar. Perhaps it was 'Khilafat Movement' which paved the way for testing talents of Shaikh Abdul Majeed.

Through this, my purpose is not to present a complete biography of Shaikh Saheb, which needs research and much labour. I want to relate only those incidents which have left a permanent and lasting impression on my mind. (This principle I have applied an all the persons present in this book, irrespective of Shaikh Saheb).

I know Shaikh Saheb from 1924, leaving behind his earlier period of life. His actions and activities has always remained a subject of my study, though I have not joined his group. At present when the story of life of both of us is about to come to an end, the picture is complete and is revolving in my mind.

As for as my assessment is concerned, the political life of Shaikh Saheb had some special purposes for example:

1. Freedom of India (After 1938 & that of Pakistan)

2. Supremacy of Islam and Muslims
3. Betterment of Sindh

Those were the great purposes before Shaikh Saheb. It was no doubt a miracle, that being a poor fellow of Sindh, “Having nothing, yet he hath all.” It was his greatness of head and heart and of character that he was successful in snatching the golden dish of politics from powerful mastodons.

Shaikh Saheb had nothing except a firm determination, a brain and a ‘gift of the job.’ He faced empty handed, Hindus, Britishers and their agents, Sardars, Wealthy people and the so-called politicians, with result that his faith became firm and he held head always erect. He got the benefit, out of the internal rivalries of waderas; otherwise it was beyond the reach of Shaikh Saheb to attain such position. This political game he kept within the precincts of morals. Due to difference among the political waderas of Thatta (previously Karachi district) Shaikh Saheb sides with one group and got the seat of Bombay (Mumbai) Council from them. Similarly, he defeated Sir Shah Nawaz Bhutto in Larkana and got himself elected in Sindh Assembly. Sir Shah Nawaz Bhutto quitted politics after this and he took a government job in Mumbai. Where there was no such political rivalry, Shaikh Saheb always lost the game. From this it was presumed that the people of Sindh never supported and appreciated the talents, the sacrifices and services of Shaikh Saheb. Once he became minister for one year, though he was well- educated and was fit for a higher post. Many mediocre people became ministers but Shaikh Saheb deprived of them. Shaikh Saheb had global knowledge; he can speak and opine at the problems of all India, he could have been a politician of world fame, but he was a poor man, he belonged to poor province of Sindh, that is why, he was neglected and the pearl remained hidden under the dust of ignorance.

Shaikh Saheb was put behind the bars by the Britishers in the beginning and in later years of his life by a Muslim ruler of Pakistan (Ayub Khan). Britishers could not be blamed, but it was indecent on the part of Muslim Leaguers to behave in this way, because he was one of the pioneers of Pakistan. It was he, who prepared and put forward the Pakistan Resolution in the Conference of Muslim League held at Karachi in 1938. The resolution contained the sovereignty and separate national status for Muslims and separate homeland for them. It was the first of its kind hitherto ever drafted and passed anywhere else.

The great contributions of Shaikh Saheb were his enormous editorials and articles published in ‘Al Waheed’ with which he was attached. This daily was founded by Seth Abdullah Haroon. But later on its entire responsibilities were kept

on the shoulders of Shaikh Saheb and he managed to run it through public aids and contribution. Till 1954, Shaikh Saheb remained a dominating figure in Sindh. (Al Waheed was forcibly closed by the then Pakistan Government and thus, it could not emerge again).

Shaikh Saheb used to write long dissertations for the betterment and upliftment of Muslims of Sindh. But the then ruling junta paid deaf ear to his plans. His way of writing was more political but less literary. His entire writing is lost along with Al Waheed. If a research scholar takes trouble to collect the writings of Shaikh Sindhi and bring it in a book form, the history and politics of Sindh as well as Hind will re-emerge. But who will do it? A devotee can do it. I can't find such a man nowadays.

Once, Shaikh Saheb was elected as president of All India Khilafat Committee (Moulana Shaukat Ali was its Secretary), it was due to his popularity in politics of India. Through his efforts, all India Parties Conference was held, in which constitutional proposals were framed for India. Shaikh Sahib's presence in Indian politics benefited Sindh and thus he paved the way for its separation from Bombay which culminated in separation of Sindh.

During 'Khilafat Movement' Shaikh Saheb worked with Haji Abdullah Haroon, but later on they parted. Shaikh Saheb brought 'Al Waheed' under his direct control and thus they became political rivals.

I got the opportunity of traveling away from Sindh with Shaikh Saheb. In 1941, annual session of All India Muslim League was held in Madras. Both of us traveled together in train. Shaikh Saheb related many incidents and experiences, but Alas! I forget many of them.

In 1945, for the second time, I traveled with Shaikh Saheb, along with G.M.Syed, who was a member of Quaid-e Azam's Working Committee; we accompanied G.M.Syed and went to Simla to meet Indian Viceroy Wavell.

In 1936 when the movement of Muslim League restarted, Quaid-e-Azam nominated Shaikh Saheb on its Working Committee. But later on when well to do people joined Muslim League, Shaikh Saheb was replaced by Haji Abdullah Haroon, who possessed much wealth, but Shaikh Saheb was owner of tongue and talent, which were considered less important in politics.

As for as personal life of Shaikh Saheb is concerned, he was simple, plain and thoughtful. He used to wear white shalwar and kamees, sometimes Sherwani over

them, black cap and English cut shoes. He had short beards. He had a bag in hand which was always full of many papers and documents. He used to sit in wooden cell of Al-Waheed and supplied articles to compositors. That small room seemed simple, but Shaikh Sahib's thinking was very high.

Shaikh Saheb is nearly ninety years old (This article was written when he was alive). He has left politics, he has grown weak, and he is under the grip of forgetfulness. One day a news shocked me, which ream that Shaikh Saheb is Lost', it happened that he went to mosque for prayer, on return he forgot his way home and thus reached 'Gora Qubrustan', he remained there till evening. Some one recognized him and thus he was brought home'.

Shaikh Sahib's place would have been in United Nations, after the partition of India, as a Permanent Representative. If this would have been possible, Shaikh Saheb might have astonished the world body with his wit and knowledge of global politics. Some people possess such insight.

"Sasui, thought present in Bhambhore, is meek and mum"

Here I will tell you an example of Shaikh Saheb's insight on international politics:

1939. The Second World War started. Hitler, who was against Communism, treacherously signed no war pact with Russia, under this treaty Russia and Germany decided to divide Poland among them. Thus Hitler declared war with France and England.

After the declaration of war, political parties of India, mainly Congress under the direction of Gandhi, arrived at an immature decision and declared that Britishers should quit India, and hand over it to Congress. This was the assumption of Congress that Hitler will defeat England and France. But it was their immature thinking.

Mohammad Ali Jinnah, who was cool minded and farsighted man, called upon Muslim league to form a policy according to the prevalent circumstances. The meeting of Central Executive was called in Delhi. Shaikh Saheb, Haji Abdullah Haroon lodged in Marina Hotel, Delhi, whereas Shaikh Saheb and I resided in Coronation Hotel, opposite Fatehpuri Mosque. Jinnah directed me to formulate policy of M.L. on war issue, keeping in view the world situation. I felt much burden, because he did not give clear instruction. I reached hotel and told Shaikh Saheb and requested him for guidance which he gave thus.

"Muslim should adopt mediocre policy. We should not antagonize either or side with Britishers because Britishers will succeed in this war. After some time Russia and Germany will violate and will fight themselves. Britishers and Russia will join hands and they will crash Hitler. Therefore our policy should be based on such developments."

The draft resolution was framed on such lines and was presented to Jinnah, who agreed on it and desired that I should present the same in meeting. The said draft was approved in Central Executive. When we compare it with that of Congress, the difference can be visualized.

This was the thought provoking insight and prediction of politician of Sindh, Shaikh Abdul Majeed, who thought that treaty of Russia and Germany, will no longer continue. On the other hand top ranking leaders of world namely, Gandhi, Nehru, Roosevelt, Churchill and many others thought in different way, which proved failure. This was the status and insight of Shaikh Majeed in world politics.